ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 14 جولاءِ 2026ع 28 محرم الحرام 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 روپيه شمارو (328)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Tuesday 14th July 2026
Daily Ibrat Karachi

آمريڪي صدر جو آبنائي هرمز جي ناڪابندي ۽ اتان گذرندڙ هر جهاز کان 20 سيڪڙو ٽيڪس اوڳاڙڻ جو اعلان

آمريڪا جلد ئي آبنائي هرمز جو ڪنٽرول سنڀاليندو ۽ ان جي بدلي ۾ دنيا کان معاوضو وصول ڪندي، ايرانين سان ڏهه ڀيرا معاهدا ڪيا ويا آهن، پر انهن هر موقعي تي معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي: ٽرمپ

اسان آبنائي هرمز جو ڪنٽرول سنڀالڻ وارا آهيون، اسان ان جا گارڊين بڻجڻ وارا آهيون ۽ اسان کي ان جو معاوضو ملڻ گهرجي، هاڻي اسان انهن تي سخت حملو ڪرڻ وارا آهيون: آمريڪي صدر جو چتاءُ

آمريڪي حملي مهينن کان جاري سفارتي ڪوششن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي، آمريڪي حملن جي قدمن گذريل ڪجهه مهينن دوران ڪيل سمورين سفارتي ڪوششن کي بي نتيجو ۽ ناڪام بڻائي ڇڏيو

آمريڪا جا تازا حملا گڏيل قومن جي چارٽر، بين الاقوامي قانون ۽ رياستي خودمختياري جي بنيادي اصولن جي صريح خلاف ورزي آهن، اهي حملا نه رڳو خطي ۾ عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ پڻ سنگين خطرو آهن

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آمريڪا جلد ئي آبنائي هرمز جو ڪنٽرول سنڀاليندو ۽ ان جي بدلي ۾ دنيا کان معاوضو وصول ڪندو. ڪيو ته ايرانين سان ڏهه ڀيرا معاهدا ڪيا ويا آهن پر انهن هر موقعي تي معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي بين الاقوامي نيوز ايجنسي رائٽرز جي مطابق، ٽرمپ اهي تبصرا آمريڪي نشرياتي اداري فاڪس اينڊ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪشمير جي ڪنٽرول لائين تي ڊيڊلاڪ لاءِ عالمي برادري موثر ڪردار ادا ڪري: مريم نواز

ڪشميري شهيدن جون قربانيون تحريڪ آزادي جو روشن باب آهن: وزيراعليٰ پنجاب

لاهور (اي پي پي) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز شريف ڪشمير شهيدن جي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان عورتن بابت او آءِ سي وزارتي ڪانفرنس جي صدارت سنڀالي ورتي

پاڪستان عورتن جي حقن، موقعن ۽ قيادت کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اداره جاتي فريم ورڪ مسلسل بڻائي رهيو آهي

عورتن جي قيادت، مالياتي شعبي ۾ سندن شموليت ۽ ڪاروبار کي همٿ ڏئي رهيا آهيون، ڊجيٽل فرق کي ختم ڪري رهيا آهيون

اسان جي اجتماعي ڪوششن کي يقيني بڻائڻو آهي ته ڪا عورت با جوڪري نڪرار، غربت ۽ عدم مساوات سبب پوئتي نه رهي: اعظم نذير تارڙ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسلام آباد ۾ منعقد عورتن بابت ٽائين او آءِ سي وزارتي ڪانفرنس جي صدارت سنڀالي ورتي آهي سومر ڏينهن ٽائين او آءِ سي وزارتي ڪانفرنس دوران صدارت سنڀالڻ کان پوءِ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اسلامي ملڪن جي عورت وزيرن جي ڪانفرنس ۾ شريڪ مختلف ملڪن جي وزيرن جو سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني ۽ وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ سان ورتل گروپ فوٽو

ايران معاهدي تحت سڀ ڪجهه ڇڏي ڏئي ها، ڪمري مان نڪتاسين ته جهاز تي حملو ٿيو: ڊونلڊ ٽرمپ

آمريڪي جا 140 نڪتن تي حملا، ايران جون عمان، قطر، بحرين ۽ ڪويت ۾ ڪارروايون، دفاعي نظام ميزائل تباهه

ڪارروائي جي دوران زميني ۽ بحري اڏن تان اڏام ڪندڙ جنگي جهازن، ڊرونز ۽ آمريڪي بحري جهازن تان جديد هٿيار استعمال ڪيا ويا

حملن ۾ ايران جي ميزائل ۽ ڊرون نڪتن، بحري اثاثا، هٿيارن جا گودام، مواصلاتي مرڪز ۽ سامونڊي نگراني واري نظام کي نشانو بڻايو

ڇڪتاڻ جي باوجود آبنائي هرمز تان واپاري جهازن جي آمد رفت جاري آهي، عالمي توانائي جي ورهاست مڪمل طور تي معطل نه ٿي آهي

پيٽرول فراهم ڪندڙ پليٽ فارمن کي به تباهه ڪيو ويو، بيان موجب قطر ۾ العديد هوائي اڏي تي بيلسٽڪ ميزائلن سان حملو ڪيو ويو: پاسداران انقلاب

دفاعي نظام ميزائل کي ناڪارا بڻائي تباهه ڪيو، جڏهن ته پاسداران انقلاب ان جون تصويرون پڻ جاري ڪيون آهن

واشنگٽن (م د) آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ دعويٰ ڪئي آهي ته انهي ايران جي خلاف ڪن ڏينهن جي دوران حملن جي ٽئين مرحلي ۾ تقريبن 140 ايراني فوجي حدفن کي نشانو بڻايو آهي. آمريڪي فوج موجب اهي ڪارروايون آبنائي هرمز ۾ واپاري جهازن تي ٿيل حملن جي رد عمل ۾ ڪيون ويون سينٽڪام طرفان جاري ڪيل بيان ۾ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

دوها: وزيراعظم شهباز شريف دوها جي امير شيخ تميم بن حماد الثاني سان سندس والد اڳوڻي امير شيخ حماد جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

شعبان ۾ سيڪيورٽي فورسز جو گڏيل آپريشن جاري، وڌيڪ 8 دهشتگرد مارجي ويا

پاڪ فوج ايف سي بلوچستان ۽ پوليس جو گڏيل ”آپريشن شعبان“ جاري، 117 خوارجين مارجي چڪا

سيڪيورٽي فورسز جون فتنه الخوارج خلاف علائقي ۾ اثرائتيون ڪارروايون جاري آهن: سيڪيورٽي عملدار

اثرائتي ڪاروائين جي نتيجي ۾ خوارجي دهشتگرد پنهنجون پناهگاهون ڇڏڻ تي مجبور ٿي پٺتي رهيا آهن

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فوج ايف سي بلوچستان ۽ پوليس جو گڏيل ”آپريشن شعبان“ جاري آهي 5 جولاءِ کان هلندڙ آپريشن شعبان ۽ ٻين گڏيل اطلاعن جي بنياد تي آپريشنز ۾ مجموعي طور تي 117 خوارجين کي ماريو ويو آهي سيڪيورٽي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ميهڙ ۾ پرڻيل عورت جي قتل ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي، هڪ جوابدار گرفتار

پوليس ڪارروائي ڪندي مقتولا جي مڙس شاهزيب ۽ سهري خير محمد مهيسر کي سرگهر ڪيو

ايس ايس پي دادو پاران پوليس ٽيم جي ساراهه، ڪيس جي جاچ ميرٽ تي ڪرڻ جي هدايت

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ شادي شده عورت جي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

دادو جو عوام پ پ قيادت تي حڪم تي هرقرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي: پير مظهرالحق

ضلعي جي صدر ايم پي اي بئريسٽرپيرمجيب الحق، امداد حسين ڏاهري ياسر حسين ڀيهر ۽ ٻين ملاقات ڪئي

”مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون“ جي ڪامياب ريلي تي پارٽي ڪارڪنن ۽ جيالن کي مبارڪباد پيش

دادو (ڊ ر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينٽرل بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

دوها: اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف دوها جي امير شيخ تميم بن حماد الثاني سان سندس والد اڳوڻي امير شيخ حماد جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

اسلام آباد: پنجاب جي وزير اعليٰ مريم نواز شريف اسلامي ملڪن جي عورت وزيرن جي ڪانفرنس ۾ شريڪ آهي

پاڪستان جي علائقائي صورتحال تي ڳڻتي، ايران ۽ آمريڪا کي معاهدي جي پاسداري ڪرڻ جي گهُر

ڌريون صبر جو مظاهرو ڪن ۽ صورتحال کي وڌيڪ خراب ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ فوري قدم کڻن: پرڏيهي ترجمان

پاڪستان ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکڻ جي عزم تي قائم آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان علائقي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي سڀني ڌرين تي زور ڏنو آهي ته هو صبر جو مظاهرو ڪن ۽ صورتحال کي وڌيڪ خراب ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ فوري قدم کڻن پرڏيهي آفيس طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان علائقي جي سڀني برادر ملڪن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي وليڪا اسپتال ۾ وڌيڪ هڪ ٻارڙي ۾ ايڇ آءِ وي وائرس جي تصديق

مبينا طبي غفلت سبب اسپتال ۾ متاثر ٿيندڙ ٻارن جو انگ وڌي 81 ٿي ويو

هڪ ئي گهر جي ٽن ڀائرن ۽ هڪ ڀيڻ کي وائرس جي تصديق ٿيڻ بعد وارث سخت پريشان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪلثوم ٻائي وليڪا اسپتال ۾ مبينا طبي غفلت سبب سامهون آيل ايڇ آءِ وي آئوٽ بريڪ ۾ وڌيڪ هڪ 10 ورهين جي ٻار ۾ به وائرس جي تصديق ٿي وئي آهي جنهن بعد متاثر ٻارن جو بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار سان گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي اميدوار ڪيرولين روڊريگز برڪٽ جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

مونال ريسٽورنٽ ڍاهڻ وارو فيصلو ڪالعدم، آئيني عدالت وڏو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

عدالت سي ڊي اي ۽ ميٽروپوليٽن سميت جون اپيلون منظور ڪندي اڳ ۾ جاري ڪيل اسٽي آرڊر به ختم ڪيو

عدالت ۾ تعريفون نه ڪيون وڃن، جيڪر ڪجهه ٻڌائي دوران سامهون آيو ان ئي بنياد تي فيصلو ڪيو ويندو: جسٽس حسن رضوي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي آئيني عدالت پيرسوهاوا ۾ قائم مونال ريسٽورنٽ کي ڍاهڻ وارو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو آهي عدالت سي ڊي اي ۽ ميٽروپوليٽن سميت جون اپيلون منظور ڪندي اڳ ۾ جاري ڪيل اسٽي آرڊر به ختم ڪري ڇڏيو آئيني عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو ته ملڪيت بابت فيصلو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو واقعي جو نوٽيس ورتو ۽ ڊي آءِ جي کان تفصيلي رپورٽ طلب

ڪراچي ۾ بينڪ مان رقم ڪيرائي ويندڙ ڊاڪٽر ڦورن جي فائرنگ ۾ قتل، 25 لک رپيا ڦُر

ڪلفٽن تين تلوار جي ويجهو ڪار تي فائرنگ جي نتيجي ۾ ڊاڪٽر آڪاش ڪمار زخمي ٿي پيو

ڪيس ويجهي خانگي اسپتال نيو ويو جتي هو فوت ٿي ويو. لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل

واقعي وقت بينڪ جي گارڊ پڻ ڦورن تي فائرنگ ڪئي پر هو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ڪراچي جي علائقي ڪلفٽن تين تلوار جي ويجهو ڪار تي فائرنگ جي نتيجي ۾ ڊاڪٽر آڪاش ڪمار قتل ٿي ويو ڦورو 25 لک رپيا روڪ ڦُر ڪري فرار ٿي ويا. واقعي جي هڪ وڊيو بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار پاران ڊاڪٽر جي قتل ۽ ڦرلٽ واقعن جي رپورٽ طلب ڪري ورتي

ڪراچي : سنڌ جي گهرو کاتي واري وزير بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير ڦُر دوران فائرنگ ۾ ڊاڪٽر جي قتل جو نوٽيس ورتو رپورٽ طلب

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: بينڪ ڀاڙين قتل ٿيل ڊاڪٽر آڪاش جو لاش رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

احتجاج ڪندڙ احتجاج ختم ڪري ڳالهين جي ميز تي اچن: امير مقام

ڪشميرين سان ڪيل معاهدن تي عملدرآمد ڪنداسين، ڀارت ظلم بند ڪري

پاڪستان، ڪشمير ۽ فوج جي جتي ڳالهيون ٿين اتي اسان سڀ هڪ آهيون ۽ رهنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير ۽ گلگت بلتستان معاملن بابت وفاقي وزير انجنيئر امير مقام چيو آهي ته احتجاج ڪندڙ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ايران پاران پنهنجي فضائي حدن ۾ آمريڪي ڊرون ڪيرائڻ جي دعويٰ

ايراني فوج بندر عباس ۾ هڪ آمريڪي ڊرون جو پتو لڳائي ان کي ڪيرايو

تهران (اي پي پي) ايران سومر ڏينهن پنهنجي فضائي حدن ۾ آمريڪي ڊرون ڪيرائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پرڏيهي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

صحت جي سهولتن جي فراهمي ۾ غفلت ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي: وڏو وزير

ڪلثوم ٻائي وليڪا اسپتال ۾ ظاهر ٿيل ايڇ آءِ وي ڪيسن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

متاثر ٿيندڙ ٻارن جي بنا ڪنهن رڪاوٽ علاج ۽ ڊگهي مدت جي بحاليءَ کي يقيني بڻايو وڃي: هدايت

ذميوار عملدارن خلاف ميرٽ تي ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ٿرڊ پارٽي آڊٽ کي حتمي شڪل ڏني وڃي

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سومر ڏينهن ليبر ڊپارٽمينٽ کي هدايت ڪئي ته ڪلثوم ٻائي وليڪا اسپتال ۾ ايڇ آءِ وي جي ڦهلاءَ مان متاثر ٿيندڙ ٻارن جي سخت بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ سيسي جي اسپتال ۾ ايڊز جا ڪيس سامهون اچڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سنڌ حڪومت جي اثرائتين پاليسين سان صوبو معاشي ترقي ۽ سيڙپڪاري جو گيٽ وي بڻجندو پيو وڃي: شرجيل ميمڻ

پ پ حڪومت پاران صوبي ۾ جاري ۽ تجويز ڪيل ميگا منصوبا جديد انفرا اسٽرڪچر جو بنياد رکندا

سازگار ماحول جي فراهمي سان ملڪي ۽ غير ملڪي سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيو آهي

حڪومت صوبي جي معيشت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ، ايڪسپورٽ ۾ اضافي لاءِ عملي قدم کڻي پئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت جي اثرائتين پاليسين، ترقياتي رٿائن ۽ سيڙپڪار دوست قدمن بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڊاڪٽر آڪاش ٻن سالن کان جناح اسپتال ڪراچي ۾ ذميواريون نڀائي رهيو هو

ڪراچي: ڪلفٽن جي علائقي ٽن تلوار ويجهو ڦُر دوران فائرنگ ۾ مارجي ويل نوجوان ڊاڪٽر آڪاش جو تعلق روهڙي، بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

واقعي خلاف مقتول جي وارثن جو اسپتال ۾ احتجاج، پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪراچي : ڪلفٽن جي علائقي ٽن تلوار ويجهو ڦُر دوران فائرنگ ۾ نوجوان ڊاڪٽر آڪاش جي قتل واري واقعي جي پوليس بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم قيادت ۾ ڇڪتاڻ ۽ اختلافن سبب پارٽي تباهي ڏانهن وڃي پئي: وسيم اختر

سينيئر اڳواڻ ڪميٽي سان تڪرارن ۾ رڌل آهن، اختلاف پرسي سطح ڏانهن پهچي چڪا آهن

پاڻران اچي پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ ماڻهو هاڻ مڪمل طور تي فيصلا ڪندڙ بڻجي ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي ميئر ڪراچي ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ وسيم اختر پارٽي جي اندروني اختلافن تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي ته موجوده قيادت جي ڇڪتاڻ ۽ اختلافن سبب پارٽي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي مشهور گلوڪاره ٻلبل مهراڻ روبينه قريشي جي چوٿين ورسي، ڀيٽا پيش

ڪراچي ۾ ناميارِي فلمسٽار مصطفيٰ قريشي جي گهرواري جي ورسي عقيدت سان ملهائي وئي

پاڪستان فلم ٽي وي جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي وفد مرحوم جي قبر تي حاضري ڀري فاتحه خواني ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي ناميارِي فلم اسٽار مصطفيٰ قريشي جي گهرواري ۽ واديءِ سنڌ جي مشهور گلوڪاره ٻلبل مهراڻ روبينه قريشي جي چوٿين ورسي گذريل ڏينهن عقيدت ۽ احترام سان بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: نامور اداڪار مصطفيٰ قريشي پنهنجي ونِي نامور گلوڪاره روبينا قريشي جي ورسي جي موقعي تي سندس قبر پرسان سوڳوار ويٺل آهي

ڪراچي جي علائقي لياقت آباد ۾ مبينا پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي لياقت آباد ۾ مبينا پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو جڏهن ته ٻيو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پنجاب جي وزيراعليٰ پاران قطر جي اڳوڻي امير جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار

لاهور (اي پي پي) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز قطر جي اڳوڻي امير شيخ حمد بن خليفه آل ثاني جي لاڏاڻي تي افسوس بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

صدر پاران ٽانڪ ۾ پوليس اهلڪارن تي دهشتگرد حملي جو نشانو بڻائڻ جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ٽانڪ ۾ پوليس اهلڪارن کي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

عوام کي بنيادي سهولتون سندن در تي فراهم ڪرڻ پيپلز پارٽي جي ترجيح آهي: شرميلا فاروقي

پ پ ايم اين اي منگهوپير ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي سان گڏجي يوسي ون جو دورو ڪيو

دوري دوران علائقي ۾ ڪاڪ جي سهڪار سان مڪمل ٿيل ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ ڪراچي ڊويزن جي سيڪريٽري اطلاعات محترمه شرميلا فاروقي ۽ ٽائون چيئرمين منگهوپير حاجي نواز علي بروهي يونين بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ميرپور ماٿيلو ويجهو مسو واهه کي گهارو، سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل پاڻي هيٺ

مسو واهه جي آرڊي 23 وٽان لڳل ڏهه فوٽ گهاري کي ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ بند ڪيو

واهه جي ڪپرن تان غير قانوني طريقي سان مٽي کڻڻ سبب گهارا روز جو معمول آهن: متاثرين

ميرپور ماٿيلو (ن ع) سيدا ڊائريڪٽر گهوٽڪي آبپاشي انجنيئر ميرپور ماٿيلو معظم لوهر جو آشيرواد حاصل هجڻ سبب مٽي مافيا جي سربراهه ايس ڊي او آبپاشي عبدالمجيد نائچ پاران هاءِ وي مشينري بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ وفاقي حڪومتن طرفان قومي ورثي وارن ادارن جي تحفظ لاءِ رابطا وڌائڻ تي اتفاق

وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ قومي ورثي ۽ ثقافت واري وفاقي وزير اورنگزيب کچي ملاقات ڪئي

مزار قائد ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي انتظام، سار سنڀال ۽ سيڪيورٽي بابت معاملن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ قومي ورثي ۽ ثقافت واري شعبي جي وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي سومر ڏينهن هڪ تفصيلي اجلاس ڪيو جنهن ۾ قائد اعظم مزار مئنيجمينٽ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ميٽرڪ امتحانن جي نتيجن ۾ سنگين غلطين تي شاگردن جو سخت احتجاج

وڏي انگ ۾ والدين ۽ متاثر شاگرد بورڊ آفيس پهتا، شاگردن کي غير حاضر ظاهر ڪرڻ خلاف احتجاج

شاگردن جو تعليمي مستقبل بچائڻ لاءِ نتيجن ۾ موجود غلطيون درست ڪيون وڃن: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ثانوي تعليمي بورڊ ڪراچي (بي ايس اي ڪي) پاران ساليانِي ميٽرڪ امتحانن جا نتيجا جاري ٿيڻ کان پوءِ هزارين شاگردن جي نتيجن ۾ سامهون آيل سنگين غلطين تي سخت احتجاج بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

هندو برادري جي ماڻهن، ڊاڪٽرن، وارثن ۽ شهري تنظيمن جو لاش رکي ڌرڻو

مقتول ڊاڪٽر آڪاش جي مڙهه کي ايمبولينس ۾ رکي ٽين تلوار وٽ ڌرڻو هنيو ويو

واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن سميت سندن سڄي ٽولي کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي: وارث

ڪراچي: ڪلفٽن جي علائقي ٽن تلوار ويجهو ڦُر دوران فائرنگ ۾ قتل ٿيل 28 ورهين جي نوجوان دل جي ماهر ڊاڪٽر بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀر قتل ڪيس کي ختم ڪرڻ بابت داخل درخواست رد

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪيس ۾ نامزد ٻن پوليس اهلڪارن ۽ ايف آءِ اي پاران داخل درخواست رد ڪئي

ايف آءِ اي کي نئين ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو اختيار ناهي، جوابدارن کي قانون ٽوڙڻ ڏئي سگهجي: عدالت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ميرپور خاص ۾ مبينه گرفتاري بعد ڪسٽڊي ۾ ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀر کي قتل ڪرڻ جي ڪيس ۾ نامزد ٻن پوليس اهلڪارن عنايت علي زرداري ۽ دانش طرفان بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

بدين ۾ پرائمري صحت جي سهولتن کي پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ خلاف مظاهرو

آل سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪرز اينڊ ايمپلائيز يونين جي مرڪزي سڏ تي احتجاج ڪيو ويو

ليڊي هيلٿ ورڪرن ۽ سپروائيزرن پاران نوڪرين جي تحفظ ۽ مستقل ڪرڻ جو مطالبو

بدين (ڊ ر) هيلٿ کاتي جي پرائمري صحت جي سهولتن کي پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ واري حڪومتي فيصلي خلاف بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

بينڪاڪ جي شراب خاني ۾ خوفناڪ باهه لڳڻ سبب 27 ڄڻا فوت، ڪيئي زخمي

باهه لڳڻ جو واقعو رات جو 12 وڳي شهر جي اترئين علائقي ۾ واقع نالاڊپرايب ۾ پيش آيو

ٿائيلينڊ جي وزيراعظم انوتن چارنويراڪرل واقعي واري هنڌ جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو

پهرين جنوري 2009ع ۾ بينڪاڪ ۾ نئين سال جي تقريب دوران لڳل باهه ۾ 66 ڄڻا فوت ۽ 200 کان وڌيڪ زخمي ٿيا هئا

بينڪاڪ (اي پي پي) ٿائيلينڊ جي گادي واري هنڌ بينڪاڪ ۾ سومر تي صبح جو شراب خاني ۾ خوفناڪ باهه لڳڻ سبب گهٽ ۾ گهٽ 27 ماڻهو فوت ۽ ڪيترائي سڙي زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت اقليتن سميت شهرين جي تحفظ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي: نند ڪمار گوڪلاڻي

ڊاڪٽر آڪاش جي قتل ۽ ڳلاپ سٽي مان ڪروڙين رپيا ڦُر واري واردات جي سخت مذمت ڪريون ٿا

سڄي سنڌ ۾ ڌاڙيل ٽولن خلاف بنا امتياز سخت ڪارروائي ڪري عوام کي تحفظ ڏنو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي اقليتي معاملن جي ڪنوينر نند ڪمار گوڪلاڻي ڪلفٽن بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري پاران پاڪستاني شاگرد جيانت ڪمار کي هارورڊ ڪرمسن بزنس مقابلي ۾ عالمي چيمپيئن بڻجڻ تي مبارڪباد

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول ۽ قومي اسيمبلي ميمبر آصفه ڀٽو زرداري بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سنڌ هميشه 91ع واري پاڻي معاهدي موجب پنهنجي جائز پاڻي جي گهر ڪئي آهي: جام خان شورو

ڪينالن جو مسئلو گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) ۾ حل ڪيو ويو آهي

ن ليگ اڳواڻ عابد شير علي ۽ ٻيا صوبن وچ ۾ غلط فهمي ۽ نفرت ڦهلائڻ کان پاسو ڪن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي آبپاشي کاتي واري وزير جام خان شورو مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ عابد شير علي جي بيان تي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ايم پي اي شام سندر آڏواڻي پاران ڊاڪٽر آڪاش ڪمار جي قتل تي ڏک ظاهر، واقعي جي مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ وڏي وزير سنڌ جي اقليتي معاملن بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

آءِ جي سنڌ پاران واقعي جي شفاف، غيرجانبدار ۽ جامع جاچ ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي پوليس بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان وفاقي وزير اورنگزيب کچي ملاقات ڪندي

ڪراچي: پاڪستان ۽ ڏکڻ آفريڪا جي انڊر 19 عورتاڻي ڪرڪيٽ ٽيمن جون ڪپتان ٽرافي سان گڏ بيٺل آهن

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ روڊ حادثن سبب ٻه ڄڻا فوت، هڪ زخمي

ڪريم آباد پل پرسان ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان سمير فوت ٿي ويو

منگهوپير ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار نيڪر اصغر ولد شوڪت فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پيش آيل ٽريفڪ حادثن ۾ ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا جڏهن بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي ترجمان سيده تحسين عابدي وڏي وزير جي شڪايتي سيل ۾ ماڻهن جون شڪايتون ٻڌي رهي آهي

سنڌ حڪومت جي ترجمان سيده تحسين عابدي ڪمپلين سيل ۾ شڪايتون ٻڌيون

مختلف ضلعن مان مليل درخواستن، شڪايتن ۽ تجويزن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

لاڳاپيل کاتن ۽ ادارن کي عوامي مسئلن جي بروقت ۽ اثرائتي حل لاءِ ضروري هدايتون جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سيده تحسين عابدي اڄ وڏي وزير هائوس ڪمپلين سيل ۾ عوامي شڪايتون بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پورٽ تي ميگا ڪنٽينر جهاز ايم ايس سي ايريڪا پهچي ويو، ڪارگو آپريشن شروع

جهاز جي آمد بندرگاهه جي وڌندڙ صلاحيتن ۽ عالمي سامونڊي واپار ۾ پورٽ جي اهميت جو ثبوت آهي: ترجمان

جهاز جي هن دوري دوران 3 هزار کان وڌيڪ ڪنٽينرن جي لوڊنگ ۽ ان لوڊنگ ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پورٽ تي 398.5 ميٽر ڊگهو ۽ 59 ميٽر ويڪرو ميگا ڪنٽينر جهاز ايم ايس سي ايريڪا پهچي ويو آهي جيڪو دنيا جي سڀ کان وڏن ڪنٽينر جهازن مان هڪ شمار ڪيو وڃي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ هميشه پنهنجي حصي جو پاڻي گهريو آهي، غير ذميوار بيان صوبن ۾ نفرتون پيدا ڪندا: جام خان شورو

پاڻي جهڙي حساس قومي معاملي تي ذميوارانا بيان ڏيڻ گهرجن ۽ صوبن جي وچ ۾ غلط فهميون پيدا ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي

ڪئنالن وارو معاملو گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) ۾ بحث هيٺ اچڻ کانپوءِ حل ٿي چڪو آهي، تڪرار کي هٿي نه ڏيو

پاڻي جي دستيابي، ورڇ ۽ استعمال بابت حقيقتن کي سامهون رکي ذميواراڻي نموني ڳالهائڻ گهرجي، ڇو ته اهو انتهائي حساس قومي معاملو آهي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) صوبائي آبپاشي واري وزير جام خان شورو چيو آهي ته سنڌ هميشه 1991ع واري پاڻي معاهدي تحت پنهنجي جائز حصي جي پاڻي جو مطالبو ڪيو آهي ۽ ان موقف تي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اي پي اين ايس طرفان اشتهارن جي مرڪزي پاليسي سينٽرلائيزيشن ختم ڪرڻ جو مطالبو

اسلام آباد ۾ چيئرمين محمد همايون گلزار جي صدارت هيٺ ريجنل پريس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

قاضي اسد عابد ۽ ٻين جي شرڪت، ميڊيا کي تبديل ڪرڻ واري پاليسي ختم ڪيو وڃي: ميمبر

پي آءِ ڊي جي ريجنل آفيسن، ڪراچي، حيدرآباد، ڪوئيٽا، لاهور ۽ پشاور کي وڌيڪ اختيار ڏيڻ جي گهر

اسلام آباد (م د) آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي اي پي اين ايس جي ريجنل پريس بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اي پي اين ايس جي ريجنل ڪميٽي جو اجلاس محمد همايون گلزار جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي سينيٽر سرمد علي محمد اطهر قاضي، شهاب زبيري، قاضي اسد عابد، تنوير صديقي، محسن سيال، رائو نعمان اسلم، سيد اياز بادشاهه، رائو امجد اقبال ۽ شاڪر شريڪ آهن

بقايا 1 روزاني عبرت

جي جذبي کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. پنجاب جي وزيراعليٰ والاريل چمون ڪشمير جي ڪشميري پينٽن ۽ پاڻرن جي حمايت جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ۽ تحريڪ آزادي جي شهيدن کي شاندار خراج عقيدت پيش ڪيو هن ڪشميري شهيدن جي ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته 13 جولاءِ 1931ع جي 22 شهيدن سميت هر ڪشميري شهيد جو رت آزادي جو عظيم داستان آهي گڏيل قومن جي قراردادن مطابق ڪشميرين کي جائز حق ڏيارڻ لاءِ عالمي برادري موثر ڪردار ادا ڪري ڪشميري شهيدن جون لازوال قربانيون تحريڪ آزادي جو روشن باب آهن وزيراعليٰ چيو ته والاريل چمون ڪشمير جي غيور عوام پنهنجي رت سان آزادي جي جيڪا شمع روشن ڪئي اها اڄ به ڪشميري عوام جي عزم ۽ حوصلي جي صورت ۾ زنده آهي والاريل چمون ڪشمير جي عوام جون قربانيون ڪڏهن به رائيگان نه وينديون اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ته والاريل چمون ڪشمير جو عوام آزادي جي صبح ڏسندو.

بقايا 2 روزاني عبرت

بحري اڏن تان اڏام ڪندڙ جنگي جهازن ڊرونز ۽ آمريڪي بحري جهازن تان جديد هٿيار استعمال ڪيا ويا. بيان موجب حملن ۾ ايران جي ميزائل ۽ ڊرون ذخيرن بحري اڏاڻ هٿيارن جا گودام، مواصلاتي مرڪز ۽ ساموندي نگراني واري نظام کي نشانو بڻايو ويو آمريڪي فوج جو چوڻ آهي ته ڪن راتين تي ٻڌل اهڙين ڪارروائين ۾ گڏيل طور تي 300 کان وڌيڪ حدفن کي نشانو بڻايو ويو آهي سينٽڪام موجب اهڙن حملن جو مقصد ايران جي انهي صلاحيتن کي ڪمزور ڪرڻ آهي جنهن جي ذريعي هو آبنائي هرمز ۾ واپاري جهازن ۽ عالمي بحري چرپر کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿو آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ دعوي ڪئي ته چڪتاڻ جي باوجود آبنائي هرمز تان واپاري جهازن جي آمد رفت جاري آهي عالمي توانائي جي ورهاست مڪمل طور تي معطل نه ٿي آهي سينٽڪام موجب آمريڪي فوج هلندڙ سال مئي جي شروعات کان هينئر تائين آبنائي هرمز مان 800 کان وڌيڪ واپاري جهازن ۽ تقريبن 400 ملين بيرل بارڻ واري تيل جي محفوظ ورهاست ۾ مدد فراهم ڪئي آهي آبنائي هرمز دنيا جي اهم ترين بحري گذرگاهن ۾ شمار ٿيندي آهي جتان کان عالمي سطح تي تيل جي وڏي مقدار گذرندي آهي انهي ڪري انهي کي علائقي ۾ وڌندڙ فوجي چڪتاڻ عالمي توانائي جي منڊين تيل جي قيمتن ۽ عالمي واپار تي گهرا اثر پئجي سگهن ٿا. ايران طرفان آمريڪي حملن تي باضابطه رد عمل جو انتظار ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته خطي ۾ صورتحال لاڳيتو چڪتاڻ واري آهي عالمي برادري چڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ سفارتي ڪوشش تي زور ڏئي رهي آهي. آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ چيو آهي ته ايران تي فوجي حملن جو ڪيون مرحلو مڪمل ٿي ويو آهي جنهن دوران 140 فوجي هدفن کي نشانو بڻايو ويو بيان موجب ميزائل ۽ ڊرون سائيٽن بحري صلاحيتن ۽ هٿيارن جي ذخيرن کي تباهه ڪيو ويو جڏهن ته هن وقت تائين گڏيل طور 300 کان وڌيڪ فوجي هدفن تي حملا ڪيا ويا آهن ايراني پاسدارانِ انقلاب چيو آهي ته آمريڪي حملن جي جواب ۾ عمان جي بندرگاهه تي آمريڪي جهاز ڪندڙ ٻيڙن جي لاجسٽڪ سپورٽ سرڪزن تي حملو ڪيو ويو جڏهن ته پيٽرول فراهم ڪندڙ پليٽ فارمن کي به تباهه ڪيو ويو بيان موجب قطر ۾ العديد هوائي اڏي تي بيلسٽڪ ميزائلن سان حملو ڪيو ويو جتي جنگي جهازن جي مرمت، سار سنڀال، ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر کي نشانو بڻايو ويو آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ چيو آهي ته ايران جو آبناءِ هرمز تي ڪو ڪنٽرول ناهي ۽ واپاري جهازن جي اچ وڃ معمول موجب جاري آهي بيان ۾ چيو ويو آهي ته آبناءِ هرمز قانوني طور گذرندڙ سڀني جهازن لاءِ کليل آهي ۽ آمريڪي فوج ساموندي اچ وڃ کي يقيني بڻائڻ لاءِ تيار آهي سينٽرل ڪمانڊ موجب ايران جي ڌمڪين ۽ جارحاڻي بيانن جي باوجود جهازن جي عالمي اچ وڃ کي محفوظ رکڻ لاءِ آمريڪي فوج موجود آهي. ايراني پاسداران انقلاب دعويٰ ڪئي آهي ته لرستان صوبي جي شهر خرم آباد ۾ ايراني دفاعي نظام هڪ آمريڪي ڪروز ميزائل کي تباهه ڪري ڇڏيو بيان موجب دفاعي نظام ميزائل کي ناڪارا بڻائي تباهه ڪيو جڏهن ته پاسداران انقلاب ان جون تصويرون پڻ جاري ڪيون آهن جڏهن ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آبناءِ هرمز واپاري جهازن جي اچ وڃ لاءِ کليل آهي آمريڪي ٽي وي چينل اين بي سي کي ڏنل انٽرويو ۾ ٽرمپ چيو ته اسان رات ايران تي بمباري ڪئي اهي انتهائي خطرناڪ ذهنيت وارا ماڻهو آهن هن چيو ته انهن ڪالهه هڪ معاهدي تي اتفاق ڪيس جيڪو اسان لاءِ تمام سٺو معاهدو هو ان تحت ايران پنهنجو سجو جوهري پروگرام ختم ڪرڻ تي راضي ٿيس پر معاهدي ڪانپوءِ هو ڪمري مان ٻاهر نڪتا ۽ هڪ ڪلاڪ اندر ٽي هڪ جهاز تي ڊرون حملو ڪري ڇڏيو ٽرمپ پنهنجي ويجهي ساٿي ريپبلڪن سينيٽر لنڊي گراهم جي وفات بابت چيو ته هن جي وفات کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ سائين فون تي ڳالهه ٻولهه ٿي هئي هو رڳو ٺيڪ لڳي رهيو هو باقي ٺيڪ هو سندس خيال ۾ گراهم جو موت اوچتي ٿيو آهي ۽ شايد دنيا ڇڏڻ جو اهو ڪو گهڻو خراب طريقو نه هو.

بقايا 3 روزاني عبرت

ذريعن موجب سيڪيورٽي فورسز جون فتنہ الخوارج خلاف علائقي ۾ اثرائتيون ڪارروايون جاري آهن سيڪيورٽي فورسز طرفان خوارجين کي هوائي ۽ زميني ڪاروائين ذريعي نشانو بڻايو پيو وڃي، اثرائتي ڪارروائين جي نتيجي ۾ خوارجي دهشتگرد پنهنجون پناهگاهون ڇڏڻ تي مجبور ٿي ڀڄي رهيا آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب خوارجي دهشتگردن جي پناهگاهن مان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود ۽ بيو ساز ۽ سامان هٿ ڪيو ويو آهي سيڪيورٽي فورسز جي اثرائتي ڪارروايين دوران وڌيڪ 3 دهشتگردن کي مارڻ جا اطلاع آهن آپريشن شعبان ۾ مارجي ويل دهشتگردن جو مجموعي انگ 79 ٿي ويو آهي 5 جولاءِ کان هاڻ تائين آپريشن شعبان ۽ ٻي گڏيل اطلاع جي بنياد تي آپريشنز ۾ مجموعي طور تي 117 خوارجي دهشتگرد مارجي چڪا آهن سيڪيورٽي ذريعن چيو آهي ته آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين بلوچستان ۾ آپريشن شعبان جاري رهندو.

بقايا 4 روزاني عبرت

قتل ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي ٻه مک جوابدار گرفتار ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي پوليس اثرائتي ڪارروائي ڪندي شادي شده عورت جي قتل ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي ڪئي آهي ايس ايڇ او ٿاڻو ميهڙ اي سيڪشن انسپيڪٽر مظهر علي نائچ پوليس ٽيم سان گڏ ڪامياب ڪارروائي ڪندي ڪجهه ڏينهن اڳ گهريلو تڪرار دوران قتل ٿيل مسمات بسم مهيسر جي قتل ڪيس ۾ گهربل ٻن مک جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ مقتولہ جو مڙس شاهزيب مهيسر ۽ سندس سهرو خير محمد مهيسر شامل آهن جڏهن ته هن ڪيس ۾ نامزد هڪ ٻيو جوابدار زاهد مهيسر اڳ ئي گرفتار ٿي چڪو آهي، جڏهن ته ڪيس جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ايس ايس پي دادو پوليس ٽيم جي بروقت ۽ اثرائتي ڪارروائي کي ساراهيندي هدايت ڪئي آهي ته ڪيس جي جاچ ميرٽ تي مڪمل ڪري سمورا قانوني تقاضا جلد کان جلد پورا ڪيا وڃن.

بقايا 5 روزاني عبرت

ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينئر صوبائي وزير تعليم پير مظهرالحق سان پاڪستان پيپلزپارٽي دادو ضلعي جي صدر ايم پي اي بئريسٽرپيرمجيب الحق، پاڪستان پيپلزپارٽي دادو ضلعي جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امداد حسين ڏاهري ،ياسر حسين ٻبر ۽ ٻين جي ملاقات ڪئي، ان موقعي تي پير مظهرالحق دادو ۾ مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون جي ڪامياب ريلي تي دادو جي پارٽي ڪارڪنن ۽ جيالن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته دادو جي عوام اهو ثابت ڪيو آهي ته پارٽي قيادت ۽ پيپلزپارٽي جي هر ڪال تي لبيڪ چوندي آهي هرقرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن ۽ دادو ضلعو پيپلز پارٽي جو قلعو آهي ۽ رهندو.

بقايا 6 روزاني عبرت

جي ڪري سنڌ معاشي ترقي ۽ سيڙپڪاري جو گيٽ وي بڻجندو پيو وڃي، صوبي ۾ جاري ۽ تجويز ڪيل ميگا منصوبا جديد انفرا اسٽرڪچر جو بنياد رکندا، جن جي نتيجي ۾ روزگار، صنعت، تجارت ۽ عوامي سهولتن جي هڪ نئين دور جي شروعات ٿيندي، سنڌ حڪومت جي مسلسل ڪاوشن سان صوبو جديد، خوشحال ۽ سيڙپڪاري جو اهم مرڪز بڻجڻ ڏانهن تيزي سان گامزن آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شفاف طرز حڪمراني جديد پاليسين ون ونڊو سهولت ۽ سيڙپڪارن کي سازگار ماحول جي فراهمي جي ڪري ملڪي ۽ غير ملڪي سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيو آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت صوبي جي معيشت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ايڪسپورٽ ۾ اضافي ۽ صنعتي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي ايس ٿري سيوريج منصوبو ڌابيجي اسپيشل اڪنامڪ زون ايس باس ۽ جديد سمارٽ سرويلنس سسٽم جهڙا منصوبا سنڌ جي ترقي جي نئين تاريخ لکندا ۽ سيڙپڪاري کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هن چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي لاءِ 100 ارب روپين کان وڌيڪ جامع ترقياتي پيڪيج تي ٻهه ڪم ڪري رهي آهي جنهن تحت روڊن پلين پاڻي جي فراهمي سيوريج برساتي پاڻي جي نيڪال ۽ ٻئي شهري انفرا اسٽرڪچر کي جديد بڻايو ويندو سندس موجب، هي منصوبا نه رڳو ڪراچي ۾ سنڌ جي ٻين وڏن شهرن کي ٻهه جديد شهري سهولتون ڏيندا ۽ شهري زندگي جي معيار ۾ نمايان بهتري آڻيندا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته تجويز ڪيل ميڊيڪل سٽي منصوبو سنڌ جي صحت جي شعبي ۾ هڪ جديد مرڪز بڻائڻ ڏانهن اهم اڳڀرائي ثابت ٿيندو هن منصوبي ذريعي عالمي معيار جون طبي سهولتون جديد طبي تحقيق ۽ سيڙپڪاري جا نوان موقعا پيدا ٿيندا جڏهن ته نوان صنعتي زون ۽ سيڙپڪاري جي ڪلسٽرز جي قيام سان مقامي صنعت کي وسعت ملندي نئين سيڙپڪاري ايندي ۽ اقتصادي سرگرمين ۾ جوڳو اضافو ٿيندو هن چيو ته سنڌ حڪومت عوامي ۽ نجي شراڪتداري تحت 109 ارب روپين کان وڌيڪ جي ترقياتي منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي جيڪو صوبي جي ترقي روزگار جي موقعن سيڙپڪاري ۽ عوامي ڀلائي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت واعدن بدران عملي ڪارڪردگي تي يقين رکي ٿي ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو سنڌ ترقي، سيڙپڪاري ۽ خوشحالي جي سفر تي گامزن آهي هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته ايندڙ سالن ۾ سنڌ صوبو نه رڳو ملڪي معيشت ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪندو پر پاڪستان جي اقتصادي ترقي جو سڀني کان مضبوط مرڪز بڻجي اڀرندو.

بقايا 7 روزاني عبرت

ضلعي سکر سان هو ذريعن موجب ڊاڪٽر آڪاش گذريل لڳ ڀڳ ٻن سالن کان جناح اسپتال ڪراچي ۾ ڊاڪٽر طور پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيو هو جڏهن ته سندس والد روهڙي/سکر ۾ ڪيمڪ جي ڪاروبار سان لاڳاپيل آهن واقعي واري ڏينهن ڊاڪٽر آڪاش پنهنجي والد ۽ ڪزن سان گڏ بينڪ مان رقم ڪڍي ٻي بينڪ ڏانهن وڃي رهيو هو ته ان دوران ڦرجي واردات دوران ٿيل فائرنگ ۾ مارجي ويو پوليس موجب واقعي جي جاچ جاري آهي ۽ اهو معلوم ڪيو پيو وڃي ته ڊاڪٽر آڪاش کي لڳل موتمار گولي ڦورن جي هٿيار مان نڪتي يا بينڪ جي سيڪيورٽي گارڊ جي فائرنگ مان جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ حقيقتون سامهون آنديون وينديون.

بقايا 8 روزاني عبرت

جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته وارثن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو ويو ايس ايس پي سائوٿ مهرڙ علي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ابتدائي جاچ موجب واقعو ڦورن ۽ بينڪ جي سيڪيورٽي گارڊ وچ ۾ ٿيل فائرنگ دوران پيش آيو هن ٻڌايو ته شهري بينڪ مان رقم ڪڍي ٻي بينڪ ڏانهن وڃي رهيا هو ۽ گاڏي ۾ ڊاڪٽر آڪاش سندس والد ۽ سوٽ موجود هئا. ايس ايس پي موجب جيئن ئي گاڏي بينڪ اڳيان بيٺي ته ڦر ڪندڙ به پويان اچي پهتا. بينڪ جي سيڪيورٽي گارڊ کي شڪ ٿيو ته گاڏي ۾ به ڦر ڪندڙ موجود آهن، جنهن تي هن فائرنگ ڪئي جنهن ڪانپوءِ ڦورن به جوابي فائرنگ ڪئي مهرڙ علي وڌيڪ ٻڌايو ته گاڏي ۾ 25-25 لک روپين جا ٻه پيڪٽ موجود هئا، جن مان ڦر ڪندڙ هڪ پيڪٽ، يعني 25 لک روپيا، ڦري فرار ٿي ويا. هن چيو ته پوليس ۽ فرانزڪ ٽيمون واقعي واري هنڌ موجود آهن ۽ اها جاچ جاري آهي ته ڊاڪٽر آڪاش کي لڳل موتمار گولي ڪنهن جي هٿيار مان نڪتي ٻئي طرف ڊاڪٽر آڪاش جو مڙهه جناح اسپتال مان سرداخاني منتقل ڪيو ويو مقتول جي چاچي ڪيمر چند ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سندس ڀائٽيي کي بينڪ ٻاهران فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو. هن ٻڌايو ته ڊاڪٽر آڪاش گذريل ٻن سالن کان جناح اسپتال ۾ ڊاڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو سندس عمر 28 سال هئي ۽ هو غير شادي شده هو ڪيمر چند چيو ته جيستائين جوابدار گرفتار نه ٿيندا، تيستائين هو مڙهه سان گڏ احتجاجي ڌرڻو جاري رکندا ۽ ڪين انصاف ملڻ تائين پنهنجو احتجاج ختم نه ڪندا.

بقايا 9 روزاني عبرت

تباهي ڏانهن وڌي رهي آهي وسيم اختر چيو ته پارٽي جا سينيئر اڳواڻ هڪ ٻئي سان مسلسل ٽڪراءَ ۾ رڌل آهن جنهن سبب اختلاف يونين ڪائونسلن جي سطح تائين پهچي چڪا آهن هن چيو ته اهڙي صورتحال تنظيم کي ڪمزور ڪري رهي آهي ۽ ڪارڪنن ۾ به مايوسي پيدا ٿي رهي آهي هن پارٽي جي فيصلا سازي واري عمل تي به تنقيد ڪندي چيو ته جيڪي ماڻهو ٻاهران اچي پارٽي ۾ شامل ٿيا، اهي هاڻي مڪمل طور تي فيصلا ڪندڙ بڻجي ويا آهن جڏهن ته پراڻن ۽ وفادار ڪارڪنن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي وسيم اختر وڌيڪ چيو ته جلسن ۽ عوامي فورمن تان پنهنجي ئي پارٽي جي اڳواڻن کي نشانو بڻائڻ ڪنهن به صورت ۾ مناسب عمل ناهي سندس چوڻ هو ته اهڙي روش نه رڳو پارٽي جي ساک کي نقصان پهچائي رهي آهي پر تنظيم جي بنيادن کي به ڪمزور ڪري رهي آهي هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن اندروني اختلاف ختم نه ڪيا ويا ۽ قيادت گڏجي پارٽي کي منظم ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم نه کنيا، ته ايم ڪيو ايم پاڪستان کي وڌيڪ سياسي نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو.

بقايا 10 روزاني عبرت

ملهائي وئي ان موقعي تي مصطفيٰ قريشي پاڪستان فلم ٽي وي جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي وفد سان گڏ حضرت عبدالله شاهه غازي جي مزار جي احاطي ۾ واقع روبينہ قريشي جي قبر تي حاضري ڀري، فاتحہ خواني ڪئي ۽ مرحومہ جي مغفرت ۽ بلند درجن لاءِ دعا گهري ان کان پوءِ مصطفيٰ قريشي جي طرفان مستحق ماڻهن ۾ نياز پڻ ورهائي وئي تقريب ۾ پاڪستان فلم ٽي وي جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي چيئرمين اطهر جاويد صوفي، صحافي مصطفيٰ ملاح، اشرف ميمڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ان موقعي تي مصطفيٰ قريشي چيو ته روبينہ قريشي اڄ به منهنجين يادين ۾ زنده آهي مان ڪيس ڪڏهن به وساري نه سگهيو آهيان هن چيو ته اسان ٻنهي گڏجي پنجاهه سالن کان وڌيڪ عرصو گذاريو ۽ اڄ سندس يادون ئي منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو سرمايو آهن هن عوام کي به اپيل ڪئي ته مرحومہ روبينہ قريشي جي مغفرت ۽ بلند درجن لاءِ خاص دعائون ڪندا رهن.

بقايا 11 روزاني عبرت

زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ايس ايس پي سينٽرل جي ترجمان موجب، ٿاڻي لياقت آباد جي حدن ۾ فردوس شاپنگ سينٽر پرسان شاهين فورس ۽ ڦورن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران هڪ جوابدار مارجي ويو جڏهن ته ٻئي زخمي جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار زخمي جوابدار کي فوري طور طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس جوابدارن جي قبضي مان هڪ پستل، هڪ موبائل فون ۽ هڪ 125 سي سي موٽر سائيڪل هٿ ڪري ورتيون پوليس موجب جوابدارن جا ٻه ساٿي هڪ مرد ۽ هڪ عورت، موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جن جي ڳولا جاري آهي شروعاتي جاچ موجب جوابدار ڪن موٽر سائيڪلن تي سوار ٿي شهرين کان ڦر جون وارداتون ڪري رهيا هئا. پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جاري رکيو ويلي آهي هوڏانهن چيپا اختيارين موجب مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ 24 ورهين جي گلاب ولد شريف ۽ زخمي گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ 22 ورهين جي همت ولد شريف طور ٿي آهي.

بقايا 12 روزاني عبرت

جو اظهار ڪيو آهي هن سوڳوار خاندان سان همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا 13 روزاني عبرت

دهشتگرد حملي جو نشانو بڻائڻ جي شديد مذمت ڪندي شهيدن کي شاندار لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو آهي سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر حملي ۾ شهيد ٿيندڙ اهلڪارن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ سوڳوار خاندانن جي لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي هن چيو ته پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا بهادر اهلڪار ملڪ جي امن جي لاءِ نه وسارڻ جوڳيون قربانيون ڏئي رهيا آهن، پوري قوم انهن کي سلام پيش ڪري ٿي صدر چيو ته ٻاهرئين سرپرستي ۾ سرگرم پاڪستان دشمن دهشتگرد عنصرن جا ڪنا ارادا هر قيمت تي ناڪام بڻايا ويندا.

بقايا 14 روزاني عبرت

ٻڌندي مختلف ضلعن مان مليل درخواستن شڪايتن ۽ تجويزن جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي لاڳاپيل کاتن ۽ ادارن سان فوري رابطو ڪري عوامي مسئلن جي بروقت ۽ اثرائتي حل لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون ويون. تحسين عابدي چيو ته وڏي وزير هائوس ڪمپلين سيل سنڌ حڪومت جي عوام دوست پاليسين جو عملي مظهر آهي جتي شهرين جي شڪايتن کي ترجيحي بنيادن تي ٻڌو وڃي ٿو ۽ انهن جي بروقت ازالي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ٿا. هن چيو ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي خاص هدايتن موجب عوامي شڪايتن جي فوري ازالي کي حڪومت جي اولين ترجيح بڻايو ويو آهي، جيئن شهرين کي بنا دير رليف فراهم ڪري سگهجي ۽ سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي. تحسين عابدي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي عوام دوست ويزن ۽ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي خدمت واري فلسفي جي روشني ۾ سنڌ حڪومت شفافيت، جوابدهي عوامي خدمت ۽ بهترين حڪمراني جي فروغ لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وڏي وزير جي هدايتن موجب هر شهري جي آواز ٻڌڻ، سندس مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ ۽ رياستي ادارن کي عوام آڏو جوابده بڻائڻ حڪومت جي ذميواري آهي. وڏي وزير هائوس ڪمپلين سيل ان عوام دوست ويزن جي عملي تعبير آهي. جتي مليل شڪايتن کي فوري طور لاڳاپيل ادارن تائين پهچائي انهن جي حل جي مسلسل نگراني پڻ ڪئي وڃي ٿي تحسين عابدي چيو ته صحت، تعليم، بلدياتي خدمتن، صفائي سٿرائي، پاڻي جي نيڪال، پيئڻ جي صاف پاڻي، بجلي ۽ ٻين بنيادي عوامي سهولتن بابت شڪايتن جي حل لاءِ لاڳاپيل ادارا مسلسل سرگرم آهن جيئن شهرين کي بروقت ۽ اثرائتو رليف فراهم ڪري سگهجي هن واضح ڪيو ته سنڌ حڪومت خدمت خلق، شفافيت، ميرٽ ۽ عوامي اعتمادَ جي اصولن تي عمل پيرا آهي جڏهن ته عوامي شڪايتن جي ازالي ۾ غفلت يا غير ضروري دير ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي ۽ سڀني لاڳاپيل ادارن کي شهرين جي مسئلن جي فوري حل کي پنهنجي اولين ترجيح بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي آخر ۾ تحسين عابدي عوام کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجا مسئلا شڪايتون ۽ تجويزون وڏي وزير هائوس ڪمپلين سيل ۾ داخل ڪرائين جيئن انهن جي بروقت حل کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ حڪومت ۽ عوام جي وچ ۾ اعتماد، رابطي ۽ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي.

بقايا 15 روزاني عبرت

ٿو ڪراچي پورٽ ٽرسٽ (ڪي پي ٽي) جي ترجمان موجب جهاز جي آمد بندرگاهه جي وڌندڙ صلاحيتن ۽ عالمي ساموندي واپار ۾ ڪراچي پورٽ جي اهميت جو واضح ثبوت آهي. ترجمان ٻڌايو ته جهاز جي هن دوري دوران 3 هزار کان وڌيڪ ڪنٽينرن جي لوڊنگ ۽ ان لوڊنگ ڪئي ويندي، جڏهن ته جديد سهولتن جي بدولت ڪارگو آپريشن تيزي سان مڪمل ڪيو ويندو.ترجمان موجب ڪراچي پورٽ تي ڪارگو آپريشن مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ايم ايس سي ايريڪا پنهنجو ايندڙ سفر جاري رکندي چين روانو ٿيندو.

بقايا 16 روزاني عبرت

اڄ به قائم آهي ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ عابد شير علي جي تازي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو ته پاڻي جهڙي حساس قومي معاملي تي ذميوارانا بيان ڏيڻ گهرجن ۽ صوبن جي وچ ۾ غلط فهميون پيدا ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي جام خان شورو چيو ته ڪئنالن وارو معاملو گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) ۾ بحث هيٺ اچڻ ڪانپوءِ حل ٿي چڪو آهي، تنهن ڪري اهڙا بيان نه ڏنا وڃن جيڪي صوبن جي وچ ۾ نفرت يا ٽڪراءُ کي هٿي ڏين. هن چيو ته پاڻي جي دستيابي، ورڇ ۽ استعمال بابت حقيقتن کي سامهون رکي ذميوارانا نموني ڳالهائڻ گهرجي، چو ته اهو انتهائي حساس قومي معاملو آهي، جنهن جو تعلق سمورن صوبن جي مفادن سان آهي. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته قومي ايڪي ۽ بين الصوبائي هم آهنگي کي برقرار رکڻ لاءِ سڀني سياسي اڳواڻن جي ذميواري آهي ته هو اهڙن معاملن تي محتاط ۽ ذميوارانا رويو اختيار ڪن جيئن قومي سطح تي اتفاق راءِ ۽ اعتماد جي فضا قائم رهي.

بقايا 17 روزاني عبرت

آل سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪرز اينڊ ايمپلائيز يونين جي مرڪزي صدر حليم لغاري ذوالقرنين جي سڏ تي بدين ضلعي جي سوين ليڊي هيلٿ ورڪرز ۽ سپروائيزرن بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرن ۽ سپروائيزرن پنهنجي نوڪرين جي تحفظ، مستقل حيثيت ۽ آئيني حقن جي بحالي جو مطالبو ڪيو جڏهن ته ضلعي جي مختلف تعلقن مان وڏي انگ ۾ ليڊي هيلٿ سپروائيزرز ۽ ورڪرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ليڊي هيلٿ ورڪرز ڪيترن ئي ڏهاڪن کان سنڌ جي ڏورانهن پسمانده ۽ ساحلي علائقن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت، ويڪسينيشن، پوليو ۽ ڪورونا جهڙين وبائن دوران فرنٽ لائن تي پنهنجون ذميواريون نڀائينديون رهيون آهن هنن چيو ته هي پروگرام شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي عوام دوست ويزن جو حصو هو ٺيڪيداري سرڪاري ملازمن کي هڪ ڪانٽريڪٽ بيسڊ اداري حوالي ڪرڻ سندن آئيني حقن جي کليل ڀڃڪڙي آهي جيڪا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته صحت کاتي ۽ PPHI سنڌ وچ ۾ ٿيل جولاءِ 2026ع تي ٿيل معاهدي تحت صوبي جي باقي پرائمري هيلٿ ڪيئر سهولتن جن ۾ بنيادي صحت مرڪز (BHUs)، ڊسپينسريون ۽ ٻيون يونٽون شامل آهن، کي مرحليوار PPHI حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. حڪومت جو موقف آهي ته ان سان صحت جو نظام وڌيڪ مؤثر بڻجندو جڏهن ته ليڊي هيلٿ ورڪرز ان فيصلي کي پنهنجي روزگار ۽ مستقل حيثيت لاءِ وڏو خطرو قرار ڏئي رهيون آهن مظاهرين حڪومت ۽ صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين کي خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن اهو فيصلو فوري طور واپس نه ورتو ويو ته سڄي سنڌ جون ليڊي هيلٿ ورڪرز ڪراچي پهچي بلاول هائوس آڏو ڌرڻو هڻي وينديون.

بقايا 18 روزاني عبرت

ايف آءِ اي پاران داخل ڪيل ڪيس کي غير قانوني قرار ڏئي ختم ڪرڻ بابت داخل درخواست رد ڪرڻ جو لکت ۾ تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو آهي ڪالهه عدالت پوليس اهلڪار عنايت زرداري ۽ ٻين پاران داخل ڪيل درخواست رد ڪرڻ بابت فيصلي ۾ چيو ته جيتوڻيڪ ايف آءِ اي کي ان نوعيت جي ڪيسن ۾ نئين ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو اختيار ناهي پر قانوني غلطي جي بنياد تي جوابدارن کي فائدو نٿو ڏئي سگهجي عدالت پنهنجي حڪم ۾ وڌيڪ چيو ته ايف آءِ اي پاران داخل ڪيل ڪيس جي ڪارروائي قانون مطابق جاري رهندي. عدالت چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ رڳو ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀر جي قتل ڪيس جي جاچ پوليس کان ايف آءِ اي کي منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي ۽ عدالت ڄاڻايل واقعي جي نئين ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو ڪو به حڪم نه ڏنو هو عدالت پنهنجي حڪم ۾ چيو ته ايف آءِ اي کي ڪسٽوڊيل ٽارچر اينڊ ڊيٿ قانون تحت نئين ايف آءِ آر جو اختيار حاصل ناهي عدالت چيو ته موجوده ڪيس ۾ پوليس پاران داخل ڪيل پهرين ايف آءِ آر رد ٿي چڪي آهي ۽ ان کان پوءِ ايف آءِ اي پاران داخل ڪيل ڪيس جو چالان به جمع ٿي چڪو آهي. عدالت چيو ته موجوده معاملو صرف قانوني طريقيڪار جي غلطي آهي جنهن کي سي آر پي سي جي سيڪشن 530 تحت ٺيڪ ڪري سگهجي ٿو عدالت پنهنجي حڪم ۾ چيو ته ايف آءِ اي پاران قانوني غلطي کي سڌارڻ سان ڪيس تي ڪو منفي اثر نه ٿو پئي عدالت چيو ته جاچ اداري جي قانوني تشريح ۾ غلطي جي بنياد تي جوابدارن کي فائدو نٿو ڏئي سگهجي. عدالت چيو ته ايف آءِ اي ڪيس کي پوليس ڪيس جي طور تي تصور ڪيو وڃي.

بقايا 19 روزاني عبرت

آڪاش جي مڙهه کي ايمبولينس ۾ رکي وڏي انگ ۾ هندو برادري جي ماڻهن، ڊاڪٽرن وارثن ۽ شهري تنظيمن ٽن تلوار چوڪ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو جنهن سبب اهم شاهراهه مڪمل طور بند ٿي وئي ۽ ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر ٿي احتجاج ڪندڙن ڊاڪٽر آڪاش جي قاتلن جي فوري گرفتاري، اقليتي برادري جي تحفظ ۽ ڪراچي ۾ وڌندڙ ڏوهن خلاف سخت نعريبازي ڪئي مظاهرين چيو ته ڏينهن ڏٺي جو هڪ سرڪاري ڊاڪٽر کي ڪراچي جي پوش علائقي ڪلفٽن ۾ گوليون هڻي قتل ڪيو ويو جيڪو صوبي ۾ امن امان جي انتهائي خراب صورتحال جو ثبوت آهي. مقتول جي چاچي چيو ته جوابدارن نوجوان ڊاڪٽر جي جسم کي گولين سان پروڙي ڇڏيو هن چيو ته ڊاڪٽر آڪاش هڪ قابل محنتي ۽ انسانيت جي خدمت ڪندڙ ڊاڪٽر هو پر ڏوهارين ڪيس بي رحمي سان قتل ڪري ڇڏيو مظاهرين چيو ته جيڪڏهن ڪلفٽن جهڙي حساس علائقي ۾ به ڊاڪٽر محفوظ ناهي ته پوءِ عام شهري جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو هنن سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ ۽ سموري انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته ڪين فوري انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن سميت سندن سجي ٽولي کي گرفتار ڪيو وڃي.احتجاج ڪندڙن اعلان ڪيو ته جيستائين ڊاڪٽر آڪاش جي قاتلن ۽ سندن ساٿين کي گرفتار نه ڪيو ويندو، تيستائين ڌرڻو ختم نه ڪيو ويندو. هنن سنڌ پوليس کي امن امان برقرار رکڻ ۾ ناڪام قرار ڏيندي پوليس خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي مظاهرين چيو ته هو ٽيڪس ڏيندڙ شهري آهن ۽ روهڙي، سکر ۽ خيرپور سميت مختلف شهرن ۾ به سندن ڪاروباري برادري سان ناانصافيون ٿينديون رهيون آهن هنن چيو ته سندن تعلق سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر اويس قادر شاهه جي تڪ سان آهي، پر ان باوجود ڪين تحفظ فراهم نه ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته ڪاروباري ۽ اقليتي برادري کي نشانو بڻايو پيو وڃي ۽ هندو برادري سان مسلسل زيادتيون ٿي رهيون آهن ڌرڻي جي اطلاع تي پوليس جي وڏي نفري ٽن تلوار پهتي. جڏهن ته ايس ايس پي ڪيماڙي سنگهار ملڪ پڻ احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ واقعي واري هنڌ پهتو پوليس ۽ انتظاميا مظاهرين کي پرامن طور روڊ کولڻ لاءِ راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي جڏهن ته وارثن واضح ڪيو ته قاتلن جي گرفتاري کان سواءِ احتجاج ختم نه ڪيو ويندو آخري اطلاعن تائين ٽن تلوار تي احتجاج ۽ پوليس سان ڳالهيون جاري هيون، جڏهن ته ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر رهي.

بقايا 20 روزاني عبرت

ڪيو ويو وڏي انگ ۾ والدين ۽ متاثر شاگرد بورڊ آفيس پهتا، جتي انهن انهن شاگردن کي "غير حاضر" ظاهر ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو جن امتحانن ۾ باقاعدي شرڪت ڪئي هئي احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته شاگردن جي تعليمي مستقبل کي بچائڻ لاءِ نتيجن ۾ موجود سمورين غلطين فوري طور درست ڪيون وڃن. امتحانن جي ڪنٽرولر صورتحال تي ردعمل ڏيندي چيو ته تقريبن 2 هزار کان 3 هزار شاگرد هن مسئلي کان متاثر ٿيا آهن، جڏهن ته انهن مان گهڻا ڪيس نقل يا امتحاني بي ضابطگين سان لاڳاپيل آهن هن چيو ته جن شاگردن جي رڪارڊ ۾ حقيقي نوعيت جون غلطيون موجود آهن، اهي بورڊ جي قائم ڪيل هيلپ ڊيسڪ سان رابطو ڪن سندن درست ڪيس مارڪ شيٽون جاري ٿيڻ کان اڳ درست ڪيا ويندا. ڪنٽرولر وڌيڪ چيو ته نقل وارن ڪيسن جي جاچ لاءِ هڪ خاص ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي جيڪا هر ڪيس جو الڳ الڳ جائزو وٺندي. جاچ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ نتيجا مرحليوار اپڊيٽ ڪيا ويندا ته جيئن ڪنهن به شاگرد سان ناانصافي نه ٿئي.

بقايا 21 روزاني عبرت

بورڊ (QMMB) ۽ ڪراچي ۾ نيشنل لائبريري آف پاڪستان جي ريجنل آفيس سان لاڳاپيل معاملن جو جائزو ورتو ويو جتي ٻنهي ڌرين قومي ورثي جي ادارن جي تحفظ ۽ ديرينہ انتظامي معاملن کي حل ڪرڻ لاءِ رابطا مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو اجلاس ۾ مزار قائد ۽ ان جي آسپاس وارن علائقن جي انتظام، سار سنڀال ۽ سيڪيورٽي بابت معاملن جو جائزو ورتو ويو جن ۾ حددخلين، ڪچري ۽ اڏاوتي ملبي جو غير قانوني اڇلاڻ، نشي جي عادين ۽ شرپسندن جي موجودگي مان پيدا ٿيندڙ سيڪيورٽي خدشا ۽ قومي يادگار تائين عوامي پهچ کي بهتر بڻائڻ جون تجويزون شامل هيون شرڪت ڪندڙن لياقت ميموريل لائبريري ڪمپليڪس جي اندر قائم نيشنل لائبريري آف پاڪستان جي ريجنل آفيس سان لاڳاپيل تڪرارن تي پڻ بحث ڪيو جنهن ۾ پاڻي جي فراهمي، جڳهه جو استعمال ۽ مستقبل جي توسيع جا منصوبا شامل آهن اجلاس ۾ ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل سيڪريٽري ثقافت خير محمد ڪلوڙ ۽ ٻين صوبائي عملدارن شرڪت ڪئي وفاقي وزير سان گڏ ڊائريڪٽر جنرل نيشنل لائبريري آف پاڪستان، ريزيڊنٽ انجنيئر ۽ قائد اعظم مزار مئنيجمينٽ بورڊ جي سيڪريٽري عليم خان ۽ نيشنل هيريٽيج اينڊ ڪلچر ڊويزن جا سينئر آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا 22 روزاني عبرت

ذريعي عملدارن جي معرفت مسو واهه سميت ٻين واهن ۽ شاخن جي ڪيرن تان غير قانوني طور مٽي وڪرو ڪرائڻ سبب واهن ۽ شاخن جا ڪپر مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا آهن جنهن سبب هر آئي ڏينهن ڳارا لڳڻ جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن پڻ مسو واهه جي آرڊي 23 وٽان ڏهه فوٽ ڳارو لڳي ويو جنهن جي نتيجي ۾ سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل پاڻي هيٺ اچي ويا جنهن بعد علائقي واسين پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳارو بند ڪري ورتو آهي ان موقعي تي علائقي واسين جو چوڻ هو ته ايس ڊي او آبپاشي عبدالمجيد نائچ گذريل ڪيتري عرصي کان مسو واهه جي ڪيرن تي بيٺل قيمتي وڻن جي واڍي بعد غير قانوني طريقي سان مٽي ٺيڪدارن کي وڪرو ڪري رهيو آهي جنهن سبب ڳارا لڳڻ معمول بڻجي ويو آهي اسان جي داهن ڪوڪن باوجود ڪو آفيسر نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته مٽي مافيا جي سربراهه ايس ڊي او عبدالمجيد نائچ کي ضلع بدر ڪري غير قانوني مٽي وڪرو ڪرڻ جو سلسلو بند ڪرايو وڃي.

بقايا 23 روزاني عبرت

ڪائونسل 1 سائي گاڏي جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ ويسٽ جو صدر عابد حسين سٽي اطلاعات سيڪريٽري علي اڪبر ڪاچيلو سينيئر اڳواڻ اختر لنڊ، جاويد بروهي، ميونسپل ڪمشنر آغا خليق، وائيس چيئرمين رانا محمد عارف، ٻيا عهديدار ڪارڪن ۽ علائقي جا معزز ماڻهو وڏي انگ ۾ ساڻ هئا. دوري جو مقصد علائقي ۾ CLICK جي سهڪار سان مڪمل ٿيل ترقياتي منصوبن جو جائزو وٺڻ ۽ عوامي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ هو دوري دوران وفد مڪمل ٿيل "محمد علي رند پارڪ" جو باقاعده افتتاح ڪيو ان موقعي تي شرميلا فاروقي ۽ حاجي نواز علي بروهي پارڪ ۾ موجود سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ ان کي علائقي واسين خاص طور ٻارن ۽ بزرگن لاءِ بهترين تفريحي ماڳ قرار ڏنو ان کان پوءِ وفد مڪمل ٿيل مقامي گرلز پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول جي عمارت جو خصوصي دورو ڪيو شرميلا فاروقي اسڪول جي معيار ۽ تعميراتي ڪم کي ساراهيندي ڪائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي ڏينهن رات محنت کي خراج تحسين پيش ڪيو ته هن ٿوري عرصي ۾ تعليمي سهولتون علائقي جي ٻارن جي در تائين پهچايون ان موقعي تي ڳالهائيندي سيڪريٽري اطلاعات شرميلا فاروقي چيو عوام کي بنيادي سهولتون سندن در تي فراهم ڪرڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اولين ترجيح آهي مڪمل ٿيل هي منصوبا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته اسان جي قيادت پنهنجا واعدا عملي طور نڀائڻ تي يقين رکي ٿي گرلز اسڪول ۽ پارڪ جو قيام ان ڳالهه جي عڪاسي ڪري ٿو ته اسين علائقي ۾ تعليم ۽ صحتمند تفريح کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهيون ترقياتي ڪمن جي معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ اسان اهڙي ريت متحرڪ رهنداسين ڪائون چيئرمين منگهوپير حاجي نواز علي بروهي چيو اسين سائي گاڏي سميت پنهنجي سموري ڪائون جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪري رهيا آهيون "محمد علي رند پارڪ" جو افتتاح ۽ گرلز اسڪول جي تڪميل اسان جي علائقي لاءِ هڪ تحفو آهي منهنجو مستقبل جو ويزن اهو آهي ته اٿون پنهنجي علائقي جي ٻارن لاءِ جديد آءِ ٽي سينٽر قائم ڪريان جتي هو جديد آءِ ٽي تعليم حاصل ڪري سگهن آن لائين هنر سکي خودمختيار بڻجن ۽ پنهنجي خاندان جو سهارو بڻجن هن اهم منصوبي لاءِ مون سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب کي به باقاعده درخواست ڏني آهي ته جيئن جديد دور جي تقاضائن مطابق اسان جي ٻارن کي بهتر موقعا ملي سگهن هن وڌيڪ چيو ته هن وقت يو سي سائي گاڏي ۾ مختلف هنڌن تي نيڪال جا لائينون وڇايون پيون وڃن جنهن سان علائقي جي نيڪال واري نظام ۾ ڪجهه بهتري ايندي دوري جي پڇاڙي تي وفد سائي گاڏي جي مزار تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي ۽ ملڪ ۽ قوم جي ترقي لاءِ دعائون گهريون بعد ۾ وفد ڪائون چيئرمين جي والد حاجي نيڪ محمد بروهي جي عيادت ڪئي جتي شرميلا فاروقي سندن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو حاجي نيڪ محمد بروهي پارٽي جا انمول ساٿي آهن سندن ڏکي جدوجهد ۽ خدمتون اسان لاءِ مشعل راهه آهن اسين سندن جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون.

بقايا 24 روزاني عبرت

احتساب، بنا ڪنهن رڪاوٽ جي علاج ۽ ڊگهي مدت جي بحاليءَ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ اعلان ڪيو ته صحت جي سهولتن جي فراهمي ۾ غفلت ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي. وزيراعليٰ هائوس ۾ سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوشن (سيسي) جي انتظام هيٺ هلندڙ ڪلثوم بائي واليڪا اسپتال ۾ سامهون آيل ايڇ آءِ وي ڪيسن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ويو ته هينئر تائين 78 ٻارن ۾ ايڇ آءِ وي پوزيٽو هجڻ جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي، جڏهن ته ان ڦهلاءُ بابت ڪيترن ئي جاچن ڪانپوءِ درجنن عملدارن ۽ صحت جي عملي خلاف نظمي ڪارروائي (ڊسيپلنري پروسيجنگز) شروع ڪئي وئي آهي اجلاس ۾ وزير پورهيت سعيد غني، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل، سيڪريٽري محنت ساجد جمال ابڙو، سيڪريٽري هيلٿ طاهر سنگي، ڪمشنر سيسي ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي وڏي وزير کي بريفنگ ڏني وئي ته اهو معاملو پهريون ڀيرو ان وقت سامهون آيو جڏهن 23 آڪٽوبر 2025ع تي ڇهه ايڇ آءِ وي پوزيٽو ڪيس رپورٽ ٿيا. ان ڪانپوءِ ليبر اينڊ هيومن ريسورسز ڊپارٽمينٽ جاچ جو حڪم ڏنو ۽ سيسي معاملي جي جاچ لاءِ پنهنجي ميڊيڪل ايڊوائيزر جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي. وزير محنت سعيد غني پاران جوڙيل جاچ ڪميٽي اسپتال خاص ڪري پيڊياٽرڪس ڊپارٽمينٽ ۽ ليبارٽري جي سهولتن جو معائنو ڪيو ۽ 6 نومبر 2025ع تي پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي. رپورٽ ۾ 16 ايڇ آءِ وي پوزيٽو ٻارن جي سڃاڻپ ڪئي وئي، جيڪي سڀ پيڊياٽرڪس ڊپارٽمينٽ سان لاڳاپيل هئا. ۽ سنگين انتظامي طريقيڪار ۽ انفيڪشن ڪنٽرول جي ناڪامين کي نمايان ڪيو ويو. وزير پورهيت اجلاس کي ٻڌايو ته جاچ ۾ معياري آپريٽنگ طريقيڪار (ايس او پيز) جي غير موجودگي، اسٽريلائيزيشن جي ناقص نگراني، بايوميڊيڪل ڪچري کي غلط طريقي سان اڇلائڻ، بايوهزارڊ ڪنٽينرن جي کوٽ، ڪمزور انوئنٽري ڪنٽرول، ڊسپوزيبل طبي شين جي اڻپوري فراهمي، ناقص دستاويزي رڪارڊ، اڻپورين ايڇ آءِ وي ٽيسٽنگ سهولتون ۽ ايڇ آءِ وي پوزيٽو مريضن ۽ انهن جي خاندانن جي باقاعده فالو اپ ڪرڻ ۾ ناڪامي پڌري ٿي ڪميٽي اهو پڻ نوٽ ڪيو ته اهڙا واقعا پڻ ٿيا جتي سنگل يوز طبي سامان بشمول سرنجن کي غلط طريقي سان استعمال ڪيو ويو هجي، جڏهن ته صحت جو عملو مستقل مزاجي سان انفيڪشن کان بچاءُ جي پروٽوڪولن ۽ ذاتي حفاظتي سامان (پي پي اي) جي گهرجن تي عمل نه ڪري رهيو هو وڏي وزير کي وڌيڪ آگاهه ڪيو ويو ته ان ڦهلاءُ بابت خدشا ان وقت وڌي ويا جڏهن متاثر خاندانن ۽ سائيٽ (SITE)ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري طرفان شڪايتون مليون جن ۾ اسپتال ۾ انفيڪشن ڪنٽرول جي عملن ۾ سنگين غفلت جا الزام لڳايا ويا هئا. جاچ ڪانپوءِ سيسي پاران ڪلثوم بائي واليڪا اسپتال ۾ اينٽي ريٽرو وائرل ٿراپي (اي آر ٽي) سينٽر جي قيام سميت ڪيترائي اصلاحي قدم کنيا ويا، سعيد غني سي ايم کي ٻڌايو اي آر ٽي سينٽر 15 نومبر 2025ع تي قائم ڪيو ويو ۽ سنڌ جي صحت کاتي جي ڪميونيڪيبل ڊيزيز ڪنٽرول (سي ڊي سي) پروگرام پاران خاص تربيت فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ 24 نومبر 2025ع تي مڪمل طور تي ڪارآمد ٿي ويو اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ان ڪانپوءِ ايڇ آءِ وي کان بچاءُ جا پروٽوڪول ۽ معياري آپريٽنگ طريقيڪار تيار ڪيا ويا ۽ سيسي جي سمورن صحت جي سهولتن ڏانهن موڪليا ويا جيڪي سجي سنڌ ۾ پکڙيل آهن 300 کان وڌيڪ ڊاڪٽرن ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف جي اسڪريننگ پڻ ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻن ايڇ آءِ وي پوزيٽو ملازمن جي سڃاڻپ ٿي، جن جي خاندان جي ميمبرن جي ٽيسٽ بعد ۾ نيگيٽو آئي وزير محنت وڏي وزير کي بريفنگ ڏني ته ڊسمبر 2025ع ۾ ان وقت جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ (ايم ايس) ۽ نون ٻين آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف نظمي ڪارروائي شروع ڪئي وئي هئي شوڪاز نوٽيسن جا غير تسلي بخش جواب ملڻ ڪانپوءِ فيبروري 2026ع ۾ وڌيڪ ڪارروائي ڪئي وئي اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته صوبائي محتسب سنڌ معاملي جو پاڻمرادو نوٽيس ورتو ۽ ڪيترين ئي هدايتون جاري ڪيون جن ۾ ان وقت جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جي بدلي، هڪ مخصوص آئسوليشن وارڊ جو قيام هڪ جامع جاچ اسپتال جي آپريشنز جو ٿرڊ پارٽي آڊٽ ۽ سرڪاري خرچ تي سمورن متاثر ٻارن کي بهترين دستياب علاج جي فراهمي شامل هئي انهن هدايتن جي تعميل ۾ ايچ آءِ وي پوزيٽو ٻارن لاءِ هڪ آئسوليشن وارڊ قائم ڪيو ويو او پي ڊي ۽ داخل مريضن لاءِ باقاعدي ايڇ آءِ وي اسڪريننگ شروع ڪئي وئي ۽ خريداري، انوئنٽري مئنيجمينٽ ۽ بجيٽ جي استعمال جي جاچ لاءِ هڪ خاص آڊٽ جو حڪم ڏنو ويو وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته چيف ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر نائلا ظهير جي سربراهي ۾ هڪ ٻي جامع جاچ ڪميٽي 19 جون 2026ع تي پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي ڪميٽي انتظامي نگراني ۽ آپريشنل غفلتن تي ڪيترن ئي آفيسرن ۽ عملدارن تي ذميواري مڙهي ۽ وڏي توڙي ننڍي سزائن جي سفارش ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ 37 آفيسرن ۽ عملدارن کي جن ۾ اڳوڻا ۽ موجوده ايڊمنسٽريٽر ڊاڪٽر نرسون ليبارٽري جو عملو ۽ سپورٽ اسٽاف شامل آهن معطل ڪيو ويو آهي انهن سڀني کي 3 جولاءِ 2026ع تي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن جنهن ۾ ڪين 14 ڏينهن اندر جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي اجلاس کي اهو پڻ ٻڌايو ويو ته معاملي بابت هڪ آئيني درخواست هن وقت سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي، جڏهن ته اختيارين کان جواب طلب ڪيا ويا آهن وزير محنت وڏي وزير کي ٻڌايو ته آغا خان يونيورسٽي اسپتال جي ٻارن جي انفيڪشن واري بيمارين جي ناميارى ماهر پروفيسر ڊاڪٽر فاطمہ مير جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن ته جيئن لاڳاپيل انفيڪشنز ۾ مبتلا ايڇ آءِ وي پوزيٽو ٻارن کي خاص مشاورت ۽ علاج فراهم ڪيو وڃي متاثر ٻارن جي خاندانن سان پڻ رابطو ڪيو پيو وڃي ۽ انهن کي علاج جي مرڪزن سان لاڳاپيو پيو وڃي ته جيئن علاج جي تسلسل کي يقيني بڻائي سگهجي. وڏي وزير چيو ته هن ايڇ آءِ وي پوزيٽو ٻارن ۽ انهن جي خاندانن جي علاج، ڀلائي بحالي ۽ ڊگهي مدي واري سار سنڀال لاءِ 2 ارب روپين جو اينڊومينٽ فنڊ قائم ڪيو آهي ان موقعي تي ڳالهائيندي، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جاچ جي نتيجن تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جتي به غفلت يا بدعنواني ثابت ٿيندي، حڪومت مڪمل احتساب ڪندي وڏي وزير چيو ته ٻارن جون زندگيون مقدس آهن ميڊيڪل پروٽوڪولز ۾ ڪا به اهڙي غفلت جيڪا مريضن کي خطري ۾ وجهي اها ناقابل قبول آهي ۽ ان سان قانون موجب سختي سان نبيرايو ويندو وڏي وزير ليبر ڊپارٽمينٽ، هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۽ سيسي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته يقيني بڻايو وڃي ته سمورن متاثر ٻارن کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي علاج، دوائون، تشخيصي سهولتون ۽ فالو اپ ڪيئر مفت فراهم ڪئي وڃي هن چيو ته اسان جي اولين ذميواري متاثر ٻارن ۽ انهن جي خاندانن سان گڏ بيهڻ آهي هر ٻار کي مالي بوجهه کان سواءِ بهترين دستياب علاج ڪائونسلنگ ۽ بحاليءَ جي سهولت ملڻ گهرجي وڏي وزير سيسي جي سمورن صحت جي سهولتن ۾ انفيڪشن ڪنٽرول جي طريقن جو صوبي جي سطح تي جائزو وٺڻ جو پڻ حڪم ڏنو ۽ هدايت ڪئي ته اسٽريلائيزيشن، ڪچري جي مئنيجمينٽ ۽ مريضن جي حفاظت جي پروٽوڪولن جي سخت تعميل کي يقيني بڻايو وڃي هن هدايت ڪئي ته هي واقعو اسان جي صحت جي نظام ۾ مريضن جي حفاظت جي معيار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ ٽرننگ پوائنٽ ثابت ٿيڻ گهرجي بچاءَ جا طريقا، مانيٽرنگ سسٽم ۽ احتساب جا فريم ورڪ ادارتي طور تي لاڳو ڪيا وڃن ته جيئن اهڙو واقعو ٻيهر ڪڏهن به پيش نه اچي مراد علي شاهه وڌيڪ هدايت ڪئي ته ذميوار عملدارن خلاف کاتي جي ڪارروائي ميرٽ تي ۽ بنا دير مڪمل ڪئي وڃي، ٿرڊ پارٽي آڊٽ کي حتمي شڪل ڏني وڃي، نگرانيءَ جي نظام کي مضبوط ڪيو وڃي، ۽ علاج، بحالي ۽ ادارتي سڌارن تي وقتي طور تي ترقياتي رپورٽون پيش ڪيون وڃن اجلاس سيسي جي سمورن اسپتالن ۽ صحت جي سهولتن ۾ صحت جي معيارن انفيڪشن کان بچاءَ ۽ مريضن جي حفاظت کي بهتر بڻائڻ جي مقصد سان سسٽميٽڪ سڌارا لاڳو ڪندي متاثر خاندانن لاءِ جامع طبي سماجي ۽ مالي سهڪار جاري رکڻ جي عزم سان پڄاڻي تي پهتو.

بقايا 25 روزاني عبرت

ميڊيا ايراني خبررسان اداري جي حوالي سان ٻڌايو ته ايراني فوج پنهنجي ساموندي شهر بندر عباس ۾ هڪ آمريڪي ڊرون جو پتو لڳائي ان کي ڪيرايو آهي ياد رهي ته آمريڪي سينٽ ڪام جو چوڻ هو ته هن 12 ۽ 13 جولاءِ جي وچ واري رات ايران خلاف نيون ڪارروائيون ڪيون آهن جنهن جو مقصد ايراني فوجي صلاحيت کي ڪمزور ڪرڻ هو جنهن ذريعي هو آبناءِ هرمز تي بحري جهازن تي حملا ڪندو آهي جنهن جي جواب ۾ ايران ميزائل ۽ ڊرونز ذريعي دشمن جي اڏن خلاف هڪ آپريشن شروع ڪيو آهي جنهن ۾ سندس بقول اردن ڪويت ۽ بحرين ۾ هدفن کي نشانو بڻايو ويو آهي.

بقايا 26 روزاني عبرت

احتجاج ختم ڪري ڳالهين جي ميز تي اچن ڪشميرين سان ڪيل معاهدن تي عملدرآمد ڪنداسين ۽ وڌيڪ مراعتون به ڏينداسين. هو سومر ڏينهن هٽي هجيرہ مان قانون ساز اسيمبليءَ جي اڳوڻي اميدوار ڪامران بشر گورسي جي مسلم ليگ (ن) ۾ شموليت جي موقعي تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري رهيو هو امير مقام چيو ته آزاد ڪشمير ۾ 27 جولاءِ تي چونڊون ٿي رهيون آهن، جنهن ۾ ووٽ ذريعي ڪشميري عوام پنهنجن نون نمائندن جي چونڊ ڪندي پوءِ ان جي اسيمبلي فيصلا ڪندي هن چيو ته ڪجهه ضلعن کان علاوه پوري ڪشمير ۾ احتجاج ناهي ان تي اسان سندن ٿورائتا آهيون اسان احتجاج ڪندڙن کي به چئون ٿا ته عوامي حقن لاءِ اسان ساڻن گڏ آهيون جڏهن ته اهڙي رستي جي چونڊ درست ناهي جنهن احتجاج سبب عام ماڻهن کي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پون هن چيو ته اسان ڪالعدم ڪميٽيءَ سان معاهدو ڪيو ۽ ان تي عمل ڪيو آهي اهو سلسلو جاري رهندو احتجاج ڪندڙ عوام کي گمراهه ڪري رهيا آهن ته معاهدي تي عمل ختم ڪيو پيو وڃي جيڪو درست ناهي، عوام کي سستو اٽو ملي ٿو اهو ملندو رهندو سستي بجلي به ملندي رهندي. هن چيو ته ڪشميرين کي وڌيڪ مراعتون به ڏينداسين احتجاج سان ڪجهه نه ورندو ان لاءِ احتجاج ختم ڪريو پوءِ ڳالهيون ڪريو ته ان جو احترام ٿيندو هن چيو ته پاڪستان ڪشمير ۽ فوج جي جتي ڳالهيون ٿين اتي اسان سڀ هڪ آهيون ۽ هڪ رهنداسين هن چيو ته ڪامران بشير گورسي جي وڏي پارٽيءَ ۾ شموليت تي سندس آجيان ڪريون ٿا ان کي جائز مقام ڏينداسين هن چيو ته ڪامران گورسي (ن) ليگ جي اميدوار عامر الطاف سان گڏجي ڪم ڪندو ۽ ڪاميابي حاصل ڪندو.

بقايا 27 روزاني عبرت

فرينڊز سان هڪ انٽرويو دوران ڪيا. آمريڪي صدر ڊونلڊ جي ٽرمپ چيو ته "اسان آبنائي هرمز جو ڪنٽرول سنڀالڻ وارا آهيون اسان ان جا 'گارڊين اينجل' بڻجڻ وارا آهيون ۽ اسان کي ان جو معاوضو ملڻ گهرجي." هن چيو ته اسان کي اميد آهي ته آبنائي هرمز تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ ۽ ان کي محفوظ ڪرڻ لاءِ معاوضو ڏنو ويندو ٽرمپ تبصرو ڪيو ته اسان جو ايران سان هڪ معاهدو هو - هڪ طئي ٿيل معاملو - پر ايران ان جي خلاف ورزي ڪئي اهو ئي طريقو آهي ته اهي ڪم ڪن ٿا. اسان جا انهن سان ڏهه معاهدا ٿيا آهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو هاڻي اسان انهن تي سخت حملو ڪرڻ وارا آهيون آمريڪي صدر چيو ته ايران آمريڪا سان جنگ ۾ 'سخت شڪست' کي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ ايران جي بحري، هوائي فوج ۽ ميزائل صلاحيتون تقريبن مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪيون آهن. ايراني پرڏيهي وزارت جو چوڻ آهي ته آمريڪي حملي مهينن کان جاري سڀني سفارتي ڪوشش کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي ايران پنهنجي علائقي تي آمريڪا جي تازن حملن جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته انهن گذريل ڪجهه مهينن دوران ڪيل سمورين سفارتي ڪوشش کي بي نتيجو ۽ ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي ايراني پرڏيهي وزارت پاران جاري ڪيل هڪ بيان ۾ چيو ويو آهي ته آمريڪا جا تازا حملا گڏيل قومن جي چارٽر بين الاقوامي قانون ۽ رياستي خودمختياري جي بنيادي اصولن جي صريح خلاف ورزي آهن تهران موجب، اهي حملا نه رڳو خطي ۾ عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ پڻ سنگين خطرو آهن هي بيان تڏهن آيو آهي جڏهن آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ اعلان ڪيو آهي ته هن مختلف ايراني فوجي هدفن تي حملي جو هڪ ٻيو دور ڪيو آهي. آمريڪي فوج جو چوڻ آهي ته انهن ڪارروائين جو مقصد آبنائي هرمز ۾ تجارتي جهازن کي نشانو بڻائڻ جي ايران جي صلاحيت کي وڌيڪ خراب ڪرڻ آهي آمريڪي موقف کي رد ڪندي، ايران واشنگٽن تي الزام لڳايو آهي ته هو گذريل ڪجهه مهينن دوران علائقائي ٽڪراءُ کي گهٽائڻ ۽ اولهه ايشيا ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪيل سڀني سفارتي ڪوشش کي سبوتاژ ڪري رهيو آهي.

بقايا 28 روزاني عبرت

قانون انصاف ۽ انساني حقن واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪستان ان صدارت کي هڪ اهڙي ذميواري سمجهي ٿو جيڪا پوري اسلامي دنيا ۾ عورتن جي زندگين کي بهتر بڻائڻ لاءِ گڏيل خواهشن کي عملي قدمن ۾ تبديل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي هن چيو ته پاڪستان تجربن جي متاسنا ڪي هٽي ڏيندو عملي سهڪار جي حوصلہ افزائي ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ جي گڏيل عزم کي اڳتي وڌائيندو هن چيو ته پاڪستان عورتن جي حقن موقعن ۽ قيادت کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پنهنجي قانوني پاليسي ۽ اداره جاتي فريم ورڪ مسلسل بڻائي رهيو آهي هن چيو ته اسان عورتن جي قيادت، مالياتي شعبي ۾ سندن شموليت ۽ ڪاروبار کي هٿي ڏئي رهيا آهيون ڊجيٽل فرق کي ختم ڪري رهيا آهيون انصاف تائين آساني پيدا ڪري رهيا آهيون ۽ ڪم جي ماڳن تي محفوظ ۽ وڌيڪ سازگار ماحول پيدا ڪري رهيا آهيون اعظم نذير تارڙ چيو ته اسان جي اجتماعي ڪوشش کي يقيني بڻائڻو آهي ته ڪابہ عورت يا ڇوڪري تڪراءُ غربت ۽ عدم مساوات سبب پوئتي نه رهي ان موقعي تي عورتن بابت مصر جي قومي ڪائونسل جي صدر امل عمار پنهنجي خطاب ۾ وفاقي وزير کي عورتن بابت نائين او آءِ سي ڪانفرنس جي صدارت سنڀالڻ جي دعوت ڏني.

بقايا 29 روزاني عبرت

جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي مڪمل حمايت جو عزم ورجايو بيان ۾ چيو ويو آهي ته سڀئي ڌريون اسلام آباد مفاهمتي ياداشت تحت ڪيل پنهنجن واعدن جي پاسداري ڪن ۽ ڳالهين ذريعي مسئلن جو حل ڳولين پرڏيهي آفيس موجب، پاڪستان ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکڻ جي عزم تي قائم آهي هوڏانهن آمريڪي فوج ايران خلاف وڌيڪ حملا شروع ڪري ڇڏيا آهن آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ (سينٽڪام) پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته انهن حملن جو مقصد آبناءِ هرمز مان گذرندڙ شهري ۽ واپاري ساموندي جهازن تي حملا ڪرڻ جي ايران جي صلاحيت کي وڌيڪ ڪمزور ڪرڻ آهي.

بقايا 30 روزاني عبرت

انگ وڌي 81 ٿي ويو آهي تازو ڪيس سامهون اچڻ بعد ضياءِ ڪالوني سان تعلق رکندڙ آفتاب خان جا چارئي ٻار ايڇ آءِ وي وائرس ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن متاثر ٻار جي والد آفتاب خان ٻڌايو ته ٻه ڏينهن اڳ سندس 9 ورهين جي ڌيءَ ۾ ايڇ آءِ وي جي تصديق ٿي هئي جڏهن ته ان کان اڳ سندس 12 ورهين ۽ 3 ورهين جي ٻن پٽن جون رپورٽون به هاڪاري اچي چڪيون هيون. هن چيو ته هاڻي 10 ورهين جي پٽ جي رپورٽ به هاڪاري اچڻ ڪانپوءِ سندس چارئي ٻار وائرس جو شڪار ٿي ويا آهن آفتاب خان موجب هو پنهنجن ٻارن کي معمولي علاج لاءِ واليڪا اسپتال وٺي ويو هو پر مبينا طبي غفلت سبب سندس ٻار زندگي ڀر لاءِ هڪ خطرناڪ بيماري ۾ مبتلا ٿي ويا. متاثر ٻار جي والد وڌيڪ الزام هنيو ته جن ڊاڪٽرن ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ (ايم ايس) کي معطل ڪيو ويو هو اهي اڄ به اسپتال جون سهولتون استعمال ڪري رهيا آهن ۽ ڊاڪٽرز ميس ۾ رهائش پذير آهن. هن سوال ڪيو ته جيڪڏهن معطل آفيسرن کي سڀئي سهولتون اڃا به حاصل آهن ته پوءِ معطلي جو عملي مقصد ڇا آهي؟ آفتاب خان جو چوڻ هو ته متاثر ٻارن ۽ سندن والدين سان اسپتال جي عملي جو رويو اڃا تائين مناسب ناهي هن چيو ته متاثر خاندانن کي نه ٽيسٽن جي نتيجن ۽ شيڊيول بابت وقت سر آگاهه ڪيو وڃي ٿو ۽ نه ئي علاج ۽ دوائن بابت مڪمل معلومات ڏني وڃي ٿي جڏهن هو معلومات لاءِ اسپتال انتظاميا سان رابطو ڪن ٿا ته ڪين سي ڊي سي ڏانهن موڪليو وڃي ٿو جڏهن ته سي ڊي سي وارا وري اسپتال انتظاميا ڏانهن موڪلي ڇڏين ٿا، جنهن سبب والدين سخت ذهني پريشاني ۽ غيريقيني واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن متاثر ٻارن جي والدين سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته متاثر خاندانن جي رهنمائي لاءِ مقرر ڪيل فوڪل پرسن سعادت ميمڻ کي تبديل ڪري سندس جاءِ تي هڪ بااختيار ذميوار ۽ قابل اعتماد آفيسر مقرر ڪيو وڃي.

بقايا 31 روزاني عبرت

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي عهدي لاءِ اميدوار ڪيرولين روڊريگز برڪٽ ملاقات ڪئي سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير گهڻ رخي تعاون ۽ گڏيل قومن جي منشور جي مقصدن ۽ اصولن سان پاڪستان جي پراڻي عزم جو ورجاءُ ڪندي عالمي معاملن ۾ گڏيل قومن جي مرڪزي ڪردار جي لاءِ پاڪستان جي اٽل حمايت جو اظهار ڪيو هن عالمي قانون ۽ معاهدن جي احترام کي يقيني بڻائڻ ۽ خاص طور تي جمون ۽ ڪشمير جي پراڻي تڪرار ۽ فلسطين جي صورتحال جي ڏس ۾ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي ديانتداري سان عملدرآمد جي ضرورت تي زور ڏنو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اڀرندڙ عالمي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ گڏيل قومن کي موجوده گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ ۽ اڀرندڙ ملڪن جي ضرورتن کي موثر انداز ۾ پورو ڪرڻ جي لاءِ ضروري قدمن جي پڻ ضرورت تي زور ڏنو.

بقايا 32 روزاني عبرت

ڪرائل عدالتون عدالتي آبزرويشنز کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ ڪنديون جڏهن ته انتظامي معاملن بابت فيصلا لاڳاپيل ريگيوليٽري ادارا ڪندا عدالت ڪرائل عدالتن کي هدايت ڪئي ته هو لاڳاپيل ڪيسن جا فيصلا جلد کان جلد ٻڌائين ٻڌڻي دوران جسٽس حسن اظهر رضوي چيو ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي ۾ ڪيترن ئي اهم نڪتن کي نظرانداز ڪيو ويو هن چيو ته ڪيس داخل ڪرڻ يا نظرثاني جي درخواست تي عدالت ناراض ٿي وئي هئي، پر اسان جذباتي نه پر قانون موجب فيصلو ڪنداسين وڪيل احسن ڀون عدالت جي طريقيڪار جي واکاڻ ڪئي جنهن تي جسٽس حسن اظهر رضوي چيو ته عدالت ۾ تعريفون نه ڪيون وڃن جيڪو ڪجهه ٻڌڻي دوران سامهون آيو ان ئي بنياد تي فيصلو ڪيو ويندو. جسٽس حسن اظهر رضوي وڌيڪ چيو ته فيصلي ۾ "الف ليليٰ" جون ڪهاڻيون نه لکنداسين. فيصلو پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿيو ته ان ۾ ڪيترائي اهڙا معاملا شامل ڪيا ويا، جيڪي عدالتي ڪارروائي جو حصو نه هئا. ان ڪانپوءِ وفاقي آئيني عدالت موبائل ريسٽورنٽ کي ڊاهڻ وارو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو.

بقايا 33 روزاني عبرت

پڻ سامهون آئي آهي جنهن ۾ ملزمن کي بينڪ جي ٻاهران ڦر مار ڪندي ڏسي سگهجي ٿو مقتول بينڪ مان 50 لک ريا ڪڍيا هئا، جوابدار ڪار مان 25 لک روپين جي رقم ڦر ڪان پوءِ فرار ٿي ويا، بينڪ جي سيڪيورٽي گارڊن به جوابدارن تي فائرنگ ڪئي پر جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس موجب واقعو فريئر پوليس ٿاڻي جي حد ۾ پيش آيو مقتول جي سڃاڻپ ڊاڪٽر آڪاش ڪمار پٽ سيٺ سيرو مل جي نالي سان ٿي آهي. ڊاڪٽر آڪاش بينڪ مان پئسا ڪڍي آئي ڪار ۾ نڪتو هو جڏهن ته اهو واقعو بينڪ جي ويجهو پيش آيو هٿيارٻند ملزمن جي فائرنگ ۾ ڊاڪٽر آڪاش سخت زخمي ٿي پيو ۽ کيس ويجهي خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو فوت ٿي ويو متاثر جي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته جيئن ئي ڪار بينڪ جي سامهون بيٺي ته هڪ جوابدار ڊوڙندو آيو ۽ پهريان گارڊ تي فائرنگ ڪئي پوءِ ڪار جو گيٽ کوليو ۽ ڪار مان پئسن سان ڀريل ٿيلهو ڪڍي ويو جوابدار ٽڪر ۾ صرف هڪ ٿيلهو کنيس ٻيو ٿيلهو ڪار ۾ هو سيڪيورٽي گارڊ ڦرلٽ ڪندڙ تي فائرنگ ڪئي جنهن ۾ مقتول ڊاڪٽر آڪاش گولي لڳي مقتول ڊاڪٽر آڪاش ڪمار جيڪو سيٺ سيرومل جو پٽ هو ايس ايس ڊي ڪاٽن فيڪٽري جي مالڪ سيٺ ٺهلرام ۽ ايس ڪي ڪاٽن فيڪٽري جي مالڪ سيٺ پيسومل جو ڀائيٽو هو ٽين تلوارن وٽ گولي لڳڻ سبب قتل ٿي ويو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو واقعي جو سخت نوٽيس ورتو ۽ ڊي آءِ جي سائوٿ کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪئي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جي ترجمان سيد سعد علي موجب آءِ جي سنڌ واقعي جي شفاف، غيرجانبدار ۽ جامع جاچ ڪرڻ قتل جا سبب معلوم ڪرڻ ۽ ملوث جوابدارن جي فوري گرفتاري کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا 34 روزاني عبرت

ضياءُ الحسن لنجار ڪراچي جي ڪلفٽن بوٽ بيسن ۽ ساڙي پور علائقن ۾ ٿيندڙ واقعن جو نوٽيس ورتو آهي سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ڪراچي جي ڪلفٽن بوٽ بيسن ۽ ساڙي پور علائقن ۾ ٿيندڙ فائرنگ ۽ ڦرلٽ جي واقعن جو فوري طور تي نوٽيس ورتو آهي ۽ فوري طور تي ڊي آءِ جي سائوٿ کان ٻنهي واقعن جي الڳ الڳ تفصيلي رپورٽ طلب ڪئي آهي. سنڌ جي گهرو کاتي واري وزير هدايت ڪئي آهي ته ڪلفٽن ۾ فائرنگ جي تبادلي دوران نوجوان جي موت جي واقعي جي هر پهلوءَ کان شفاف، غير جانبدار ۽ قابل قدر جاچ ڪئي وڃي ته جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ ذميوار عنصرن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري سگهجي هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته ڪلفٽن ۽ ساڙي پور ٻنهي واقعن ۾ ملوث جوابدارن جي فوري طور تي سڃاڻپ ۽ گرفتاري کي يقيني بڻايو وڃي ۽ انهن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ قانون جي مڪمل حد تائين سزا ڏني وڃي. سنڌ جي گهرو کاتي واري وزير ضياءُ الحسن لنجار چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت ڪارروائي جاري رهندي هن واضح ڪيو ته شهرين جي سيڪيورٽي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو هن سنڌ پوليس کي هدايت ڪئي ته ڏوهن کي روڪڻ لاءِ پوليس گشت، انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن ۽ اسنيپ چيڪنگ کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي ۽ عوامي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورا موجود وسيلا استعمال ڪيا وڃن.

بقايا 35 روزاني عبرت

شاهه ڪلفٽن جي علائقي ٽن تلوار ويجهو ڦر دوران فائرنگ ۾ ڊاڪٽر آڪاش جي قتل واري واقعي جو نوٽيس ورتو آهي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪرڻ جا حڪم جاري ڪندي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي هدايت ڪئي آهي ته واقعي جي مڪمل جاچ ڪري تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي وڃي ۽ جوابدارن جي جلد کان جلد گرفتاري يقيني بڻائي وڃي. هن چيو ته صوبي ۾ امن امان جي صورتحال تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو جڏهن ته ڦر ۽ رهزني جي واقعن جي روڪٿام لاءِ وڌيڪ اثرائتا قدم کنيا وڃن. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه مرحوم ڊاڪٽر آڪاش جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته ڏوهارين کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ڪين سخت سزا ڏني ويندي.

بقايا 36 روزاني عبرت

موجب ريسڪيو عملدارن چيو آهي ته باهه لڳڻ جو واقعو رات جو 12 وڳي شهر جي اترئين علائقي ۾ واقع نالاڊيرايپ ۾ پيش آيو سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ وڊيوز ۾ شراب خاني جي اندر باهه جا شعلا ٻرندي نظر اچي رهيا آهن ۽ دروازي سان دونهين نڪرندي نظر اچي رهيو آهي خوف جي حالت ۾ ماڻهن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ عمارت مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا پر ڪجهه ئي لمحن ۾ سجو هال دونهين سان ڀرجي ويو ٿائيلينڊ جي وزيراعظم انوٽن چارنويراڪول واقعي واري هنڌ جو دورو ڪرڻ کان پوءِ ميڊيا کي ٻڌايو ته حادثي ۾ 27 ماڻهو فوت ٿي ويا آهن جڏهن ته زخمين کي مختلف اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو آهي هن چيو ته باهه جو سبب ڳولڻ لاءِ جاچ جاري آهي. وزيراعظم ٻڌايو ته اتي پرفارم ڪندڙ هڪ موسيقار ٻڌايو ته هن اسٽيج جي ويجهو بجلي جي سرڪٽ بريڪر مان دونهون نڪرندي ڏٺو جنهن کان پوءِ بجلي هلي وئي پوءِ هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو ۽ ڪجهه ئي لمحن ۾ سجو هال دونهين سان ڀرجي ويو.

بقايا 37 روزاني عبرت

جي علائقي ٽن تلوار ويجهو ڦر دوران ڊاڪٽر آڪاش ڪمار جي بي رحمانہ قتل ۽ گڏاپ سٽي ۾ ڪروڙين روپين جي ڦر واري واردات جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي چڪي آهي ۽ حڪمران رڳو نوٽيس وٺڻ تائين محدود ٿي ويا آهن هن چيو ته روزانو ٿيندڙ ڦرن، قتلن ۽ رهزنين سبب شهرين خاص طور اقليتي برادري ۾ سخت خوف ۽ بيچيني پکڙجي وئي آهي سنڌ ۾ اقليتي برادري لاءِ زمين تنگ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته هندو واپاري برادري پاڻ کي مڪمل طور غير محفوظ محسوس ڪري رهي آهي جيڪڏهن هڪ ڊاڪٽر ۽ ڪاروباري شخص به محفوظ ناهي ته عام شهري جي تحفظ جو اندازو آساني سان لڳائي سگهجي ٿو نند ڪمار گوڪلاڻي چيو ته سنڌ حڪومت اقليتي برادري سميت شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي جيڪڏهن نااهل حڪمران وقت سر اثرائتي ڪارروائي ڪن ها ۽ ڏوهارين خلاف بنا فرق سخت آپريشن ڪيو وڃي ها ته اهڙا افسوسناڪ واقعا پيش نه اچن ها. هن مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽر آڪاش ڪمار جي قاتلن ۽ گڏاپ سٽي جي ڦر ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي ۽ ڦريل سمورو مال واپس ڪرائي متاثرن حوالي ڪيو وڃي.

بقايا 38 روزاني عبرت

رد عمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته سنڌ هميشہ واري 1991 پاڻي معاهدي موجب پنهنجي جائز پاڻي جي طلب ڪئي آهي هن چيو ته ڪينالن جو مسئلو گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) ۾ حل ڪيو ويو آهي تنهن ڪري اهڙن بيانن سان صوبن وچ ۾ غلط فهمي ۽ نفرت پکيڙڻ کان پاسو ڪيو وڃي جام خان شورو چيو ته پاڻي جي دستيابي ورڇ ۽ استعمال بابت حقيقتن کي نظر ۾ رکندي ڳالهائڻ گهرجي هن حساس قومي مسئلي تي ذميوارانو رويو اختيار ڪرڻ سڀني سياسي قيادتن جي ذميواري آهي.

بقايا 39 روزاني عبرت

پاڪستاني شاگرد جيانت ڪمار کي هارورڊ ڪرمسن بزنس مقابلي ۾ عالمي چيمپيئن بڻجڻ تي مبارڪباد ڏني آهي سومر ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ خاتون اول چيو ته ان ڪاميابي سان شاگرد پاڪستان جو نالو روشن ڪري ڇڏيو آهي ڪراچي گرامر اسڪول سان تعلق رکندڙ جيانت ڪمار هارورڊ ڪرمسن بزنس مقابلي ۾ عالمي چيمپيئن جو اعزاز حاصل ڪيو جيڪو دنيا جي معتبر ترين انڊر گريجوئيٽ بزنس مقابلن ۾ شمار ٿئي ٿو ان مقابلي ۾ ججن ۾ فارچيون 500 ڪمپنين جا اعليٰ انتظامي عهديدار شامل هوندا آهن سڄي دنيا جي هڪ هزار کان وڌيڪ ٽيمن جي وچ ۾ ٿيندڙ ان مقابلي ۾ جتي اڪثر ٽيمون چار ميمبرن تي ٻڌل هيون جيانت ڪمار اڪيلي شرڪت ڪندي نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي. هو ان مقابلي جي گلوبل فائنل جي لاءِ ڪواليفائي ڪندڙ پهريون پاڪستاني شاگرد بڻجي ويو آهي جنهن کي پاڪستان جي لاءِ هڪ تاريخي اعزاز قرار ڏنو پيو وڃي.

بقايا 40 روزاني عبرت

بابت خاص معاون ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ٽن تلوار واري علائقي ۾ ڦر دوران هندو برادري سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽر آڪاش ڪمار جي قتل تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي پنهنجي بيان ۾ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته ڊاڪٽر آڪاش ڪمار جو المناڪ قتل انتهائي افسوسناڪ ۽ قابل مذمت واقعو آهي هن چيو ته هو هن ڏکئي گهڙي ۾ سوڳوار خاندان جي غم ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪن ٿا هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت، وڏي وزير سنڌ ۽ سنڌ حڪومت عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي اهڙن ڏوهن جي روڪٿام لاءِ وڌيڪ اثرائتا ۽ سخت قدم کنيا ويندا ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي هدايت ڪئي ته شهرين جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي انتظام وڌيڪ مضبوط ۽ تيز ڪيا وڃن هن مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي، جيئن اهڙن ڏوهن جي حوصلا شڪني ٿي سگهي ۽ شهرين جو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي اعتماد وڌيڪ مضبوط ٿئي.

بقايا 41 روزاني عبرت

جي انسپيڪٽر جنرل جاويد عالم اوڍو ڪلفٽن جي علائقي ٽن تلوار پرسان ڪار تي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ شهري جي فوت ٿيڻ واري واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي سائوٿ کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي آءِ جي سنڌ هدايت ڪئي آهي ته واقعي جي شفاف، غيرجانبدار ۽ جامع جاچ ڪئي وڃي، قتل جا سمورا سبب ۽ محرڪ معلوم ڪيا وڃن ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي جلد کان جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. جاويد عالم اوڍو زور ڀريو ته جاچ هر رخ کان مڪمل ڪئي وڃي ته جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ ذميوارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي.

بقايا 42 روزاني عبرت

۽ هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو تفصيل موجب عزيز آباد ٿاڻي جي حد ايف بي ايريا ڪريم آباد پل پرسان ٽرالر موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڻي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ 25 ورهين جو سمير ولد علي نواز ٿڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته سائيس گڏ سوار هڪ ٻيو ڄڻو زخمي ٿي پيو چيپا اختيارين موجب فوتي ۽ زخمي کي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ايس ايڇ او عزيز آباد زبير اعوان موجب حادثي ڪانپوءِ ٽرالر کي پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي، جڏهن ته ڊرائيور فرار ٿي ويو جنهن جي ڳولا جاري آهي پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي هوڏانهن منگهوپير ٿاڻي جي حد نئون ناظم آباد گيٽ پرسان هڪ نامعلوم گاڏي موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪر هنئي، جنهن جي نتيجي ۾ 15 ورهين جو اصغر ولد شوڪت فوت ٿي ويو چيپا اختيارين موجب فوتي کي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو منگهوپير ٿاڻي جي هيڊ محرر نديم رفيق موجب فوت ٿيل ڇوڪرو ويجهي آبادي جو رهواسي هو جڏهن ته حادثي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 43 روزاني عبرت

ڪميٽي جو اجلاس ڪميٽي جي چيئرمين محمد همايون گلزار جي صدارت هيٺ اسلام آباد ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ اي پي اين ايس جي صدر سينيٽر سرمد علي، سيڪريٽري جنرل محمد اطهر قاضي ۽ نائب صدر شهاب زبيري اجلاس ۾ قاضي اسد عابد (عبرت)، تنوير صديقي (آج پشاور)، محسن سيال (آفتاب ملتان)، راؤ نعمان اسلم (عبادت)، سيد اياز بادشاهه (مشرق پشاور)، راؤ امجد اقبال (هر لمحہ) ۽ شاڪر (مشرق ڪوئيٽا) شرڪت ڪئي.اجلاس دوران ميمبرن نشاندهي ڪئي ته سڌي ريت ادارن کان ادائيگين ۾ تمام گهڻي دير ٿي رهي آهي جنهن سبب پرنٽ ميڊيا جا ادارا خاص طور تي ريجنل اخبارون موجوده غير يقيني ادائيگي واري نظام جي ڪري سخت مالي بحران کي منهن ڏئي رهيون آهن. وفاقي حڪومت جي ڪيترن ئي ادارن وٽ اخبارن جا بل ڊگهي عرصي کان رهيل آهن ميمبرن مطالبو ڪيو ته اشتهارن جي مرڪزي پاليسي سينٽرلائيزيشن ختم ڪئي وڃي ۽ ادارن کي پنهنجي پسند جو ميڊيا چونڊڻ واري اڳوڻي پاليسي ٻيهر بحال ڪئي وڃي.

The Daily IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
آچر 14 جولاءِ 2026ع

خاص اشاعت

شاهنواز خان جوڻيجو

21 هين ورسي

1932-2005





عباس جوڻيجو



گل جوڻيجو



روشن جوڻيجو

سنڌ جو ڪلاسيڪل وڏيرو شاهنواز جوڻيجو

جي ايم ڀگهيو

اڄ اسان جنهن شخصيت جي ورسي ملهائي رهيا آهيون اها ڪنهن به تعارف جي محتاج ناهي سنڌ ان کي ڪلاسيڪل وڏيري ۽ بي تاج بادشاهه جي نالي سان سڃاڻي ٿي مرحوم وڏيرو شاهنواز جوڻيجو سال 1932 ۾ حاجي سنجر خان جوڻيجو جي گهر ۾ جنم ورتو.ان مهل ڪنهن کي به خبر نه هئي ته اهو شاهه نواز جوڻيجو وڏو ٿي ماڻهو مٽيادار ۽ راڄن جو پريو مڙس ٿيندو . هوعقل جو اڪابر،ڏاهپ سان سرشار،بي ڊپو،بهادر،غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ مسڪينن لاءِ ڇپر ڇانو ٿيندو. هن پنهنجي سياسي زندگيءَ جو آغاز 1962ع ۾ بي ڊي اليڪشن ۾ حصو وٺي ڪيو ۽ ضلعي سانگهڙ ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ،پوءِ الله پاڪ طرفان ڏنل خدا داد صلاحيتن جي ڪري شاهنواز جوڻيجو مملڪتي وزير ۽ سينيٽر پڻ رهيو.پاڻ جڏهن ملڪ جي اڳوڻي وزير اعظم محمد خان جوڻيجو کي اليڪشن ۾ هارائي قومي اسيمبليءَ ۾ پهتو ته ڪيترن ئي ميمبرن ڪيس ڏسڻ پئي چاهيو ته اهو ڪهڙو شاهنواز جوڻيجو آهي جنهن ملڪ جي وزير اعظم کي اليڪشن ۾ شڪست ڏني آهي . شاهنواز جوڻيجو نه صرف بهترين سياستدان پر سنڌ جي ثقافت ۽ ڪلچر جو نرالو ڪردار پڻ هو. شوق جي حوالي سان پلن گهوڙن جي خفت جو شوقين هوءِ ڪيترائي پلا گهوڙا سنڌس اوطاق لڳ وٽاڻ ۾ ٻڌل هوندا هئا . ميلن ملاڪڙن جو شوقين ۽ ڪچهرين جو ڪوڏيو هو. شاهنواز جوڻيجوسياست جي حوالي سان پاڻ وفاقي پارٽيءَ ۾ هوندي به هميشه نه صرف سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪئي پر عملي جدوجهد ۾ به شامل رهيو.شاهنواز جوڻيجو جنهن کي ماڻهو ڪلاسيڪل وڏيريءَ بي تاج بادشاهه جي نالن سان به سڏين ٿا پنهنجي ارڏي طبعيت ۽ سچائيءَ ڪري زندگيءَ جو گهڻو حصو جيل ۾ گذاريو .هو پهريون ڀيرو 1975ع ۾ ڀٽي صاحب جي دور ۾ ڊي پي آر تحت ٻن سالن تائين جيل ۾ رهيو.ضياءالحق جي دور ۾ شهيد ڀٽو مٿان شاهدي نه ڏيڻ تي حرن جي ڪيس ۾ 4 سال جيل ڪاٽيو ،1981ع ۾ مشهور جهاز هاءِ جيڪ ڪيس ۾ هڪ سال ۽ ايم آرڊي تحريڪ ۾ ڏيڍ سال جيل ۾ رهيو. ڄام صادق پاران پ پ ڇڏي سائنس گڏجڻ کان انڪار تي ايم ڪيو ايم ڪارڪنن جي قتل ڪيس ۾ ڏيڍ سال جيل ڀوڳيو ،ڪالا باغ ڊئم خلاف رسول بخش پليجو جي سڏ تي پٽ شاهه ۾ احتجاج دوران پڻ گرفتار ٿيو.هن ڀٽو صاحب جي دور کان مشرف دور تائين جيل ڪاٽيا پر ڪڏهن به پنهنجن اصولن تي سوديبازي نه ڪئي نه ٿي سنڌس حوصلا ڪڏهن ڪمزور ٿيا ،بقول سنڌس هڪ پراڻي ويجهي نوڪر مرحوم مولا بخش عرف مولو جي ته صاحب جو بيگ هميشه تيار هوندو هو جنهن ۾ ڪجهه وڳا ڪپڙن جا ۽ ٻيو ضروري سامان پيل هوندو هو ۽ چوندو هو ته الائي ڪيڏي مهل سرڪار کي يادگيري اچي وڃي ۽ جيل ۾ گهرائي وٺي ان لاءِ اڳ ئي بندوبست ٿيل هجي .پاڻ نه صرف ٻاهر پر جيل ۾ به قيدين جا فيصلا ڪندو هو . شاهنواز جوڻيجو فيصلن جي امين طور مشهور هو ۽ سنڌس ڪيل فيصلا اڄ به تاريخ جو حصو آهن .هن فيصلن جي شروعات ڳوٺ ۾ هڪ انبڙي چوري جي فيصلي سان ڪئي پوءِ ته راڄن جا فيصلا ڪيا،هن جا فيصلا سنڌ بلوچستان سميت سموري ملڪ ۾ مشهور هئا،شاهنواز جوڻيجو قبائلي تڪرارن جي خاتمي لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ فيصلن ۾ امين طور شامل ٿيندو هو ،سنڌس ڪيل تاريخي فيصلن مان ڪجهه فيصلا اهم آهن جن ۾ جتوئي_مهر تڪرار،اڄڻ_ ڪليري تڪرار،مارفاڻي_ بروهي تڪرار،مهر_ چاچڙ تڪرار جن ۾ هن 100_100 خونن جا فيصلا ڪري هن نه صرف ڌرين کي ڪير ڪنڌ ڪيو پر جهيڙن ۾ وڌيڪ جانين کي ضايع ٿيڻ کان پڻ بچايو . هتي اسان وٽ اڪثر فيصلن ۾ ائين ٿيندوآهي ته ڌرين ۾ تڪرار جي نبيري لاءِ فيصلو ڪندڙ پنهنجي ڌرين جا امين مقرر ڪندو آهي ۽ پوءِ فيصلو ڪندو آهي پر شاهنواز جوڻيجو پنهنجي ڌرين جو پاڻ امين هوندو هو، سنڌس حياتي ۾ ڳوٺ سنجر جوڻيجو ۾ هر جمعيءَ آچر تي فيصلن لاءِ ماڻهن جا ميلا متل هوندا هئا سنڌس ڪيل فيصلن کي ڪڏهن به ڪنهن چئلنج نه ڪيو ڪيترا ڀيرا هيٺين ڪورٽن لکت ۾ به ڌرين جا جا فيصلا وٽس موڪليا جيڪي فيصلا ڪري هن عدالتن کي موڪليا.

شاهنواز جوڻيجو نه صرف فيصلن جو امين پر سنگت ساٿ ۽ دوستيءَ جو به پڪو هو. جنهن سان هڪ دفعو واسطو يا سنگت ٿيس ته پوءِ توڙ نڀائيندو هو ،پاڻ پ پ ۾ هوندي به سائين جي ايم سيد جي سالگرهه توڙي ورسي ۾ باقائدگيءَ سان شرڪت ڪندو هو ،پ پ طرفان مخالفت باوجود هن شهيد مرتضيٰ ڀٽو جي جنازي نمازءِ آخري رسمن ۾ پڻ شرڪت ڪئي.

شاهنواز جوڻيجوڪرو سياستدانءِ غريبن جوهڏ ڏوکي هئڻ ڪري سنڌس ايتري ته مقبوليت هئي جو پ پ طرفان نظرانداز ڪرڻ بعد هن پ پ اميدوارن سامهون پنهنجي هڪ پٽ روشن جوڻيجو کي ضلعي ناظر بڻائي پٽ پ پ اڳواڻ محمد خان جوڻيجو کي ايم اين اي چونڊرايو نه صرف ايترو پر هن جو وڏو ڪارنامون اهو هو ته هن پنهنجي هڪ دوست جي فرمائش تي هڪ اردو ڳالهائيندڙ امام الدين شوقين کي جيڪو هاڻي پ پ جو سينيٽر پڻ آهي ، پ پ جي مضبوط اميدوار آڏو ڪترائي ايم پي اي بڻايو.ته ان وقت ماڻهن جي ڏندين آڱريون اچي ويون ، مرحوم شاهنواز جوڻيجو غريب سان هميشه پيار جو رشتو رکيوءِ غريبن لاءِ ڏاڍن آڏو ڍال جو ڪردار ادا ڪيو اهو ئي سبب آهي جو فوت ٿيڻ کان اڳ پنهنجي اولاد لاءِ جيڪا وصعيت لکي آهي ان ۾ چيو آهي ته غريب عوام منهنجو سرمايو اهي امير جي پيٽ ۾ غريب وڌيڪ همدرد آهن جيڪي مرڻ کان پوءِ چار ڳوڙها ضرور ڳاڙيندا جنهن جو واضح ثبوت اسان سنڌس وفات تي ڏٺو جنهن جي جنازي نماز ۾ ايترا ته ماڻهو هئا جنهن جو ضلع سانگهڙ جي تاريخ ۾ مثال نٿو ملي اسان رستن تي نه صرف مردن پر عورتن کي به روئيندي ڏٺو جيڪي منظر اڄ به ميڊيا وٽ ضرور محفوظ هوندا.

شاهنواز جوڻيجو عوام سان ايترو ته پيار ڪندو هو جو پنهنجي اولاد کي چئي ويو ته راڄ توهان جو خزانو آهي ان کي نه وڃائجو ،غريبن جي هميشه مدد ڪجوءِ ڏاڍ ن آڏو ڪڏهن نه جهڪجو، شاهنواز جوڻيجو 14 جولاءِ سال 2005 ع جي نياڳي ڏينهن تي اسان کان وڇڙي ويو پر 21 سال گذرڻ باوجود اڄ به هو ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهي.

پاران: وڏيرو محمد خان جوڻيجو











فري اسٽائل ۽ ڪلاسيڪل وڏيرو

شاهنواز جوڻيجو سنڌ جو فر اسٽائل ۽ ڪلاسيڪل وڏيرو

عبدالقادر جوڻيجو

نهايت سچو ۽ کرو ماڻهو ۽ سنڌ جي ثقافتي روايتن جو امين هو هن پنهنجي سموري زندگي ۾ ڪنهن جي به ڪاڻ نه ڪڍي ۽ اهوئي سبب هو ته هو ڪڏهن پاڪر ۾ ته ڪڏهن ڀري ۾ رهيو پر ڪڏهن به پنهنجي اصولن ۽ اعليٰ آدرشن تان هٽ نه ڪنيائين سنڌس زندگي جا ڪيترائي رخ هئا ۽ هو انهن سمورن پهلون تي هميشه ثابت قدم رهيو سنڌس زندگي جو هڪ رخ ادب ۽ ڪتابن ڏانهن چاهه ۽ لاڙو به هو ۽ سنڌس ذاتي ڪمري ۾ هڪ عاليشان لائبريري به هئي جنهن ۾ الاهي سارا ڪتاب موجود هئا شاهنواز جوڻيجي جهڙا گهٽ ماڻهو پيدا ٿيندا آهن جيڪي هڪ ئي وقت مختلف پهلوئن سان پنهنجي ماڻهن ۽ سماج تي اثرانداز ٿيندا آهن هي اهو ماڻهو هو جنهن سان ڪنهن جا ڪيترائي اختلاف سهي پر هر ماڻهو سنڌس احترام ڪندو هو سنڌس فيصلي کي مڃڻ لاءِ پابند هوندو هو. جوڻيجي صاحب جا فيصلا سنڌ جي تاريخ ۾ انصاف ۽ حق جو نهايت اعليٰ مثال آهي جڏهن ته سنڌس ڪيل فيصلا نه رڳو سڪٺا فيصلا آهن پر انهن ۾ سنڌ ثقافت ۽ سنڌي ماڻهن جي نفسيات جي جهلڪ ڇٽي ڏسڻ ۾ ايندي آه اهوئي سبب آهي جو سموري سنڌ ۾ سنڌس فيصلا گهڻا مشهور ٿيا. سنڌي ٽوپي سنڌس سڃاڻپ هئي ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ پاڻ سنڌي ٽوپي جي سڃاڻپ رهيو گهوڙي سواري ۽ هر نسل جا گهوڙا پالڻ به سنڌس شوق رهيو ان ڪري ئي سنڌس نالو سنڌ جي ثقافتي ۽ روايتي حوالن سان سڃاڻو وڃي ٿو هو تمام وڏو ماڻهو هو هن جهڙا

شاهنواز جوڻيجو ست راڄيتو ماڻهو

جئه پرڪاش موراڻي

راڄ، ڀاڳ، وڏوڪتنب، دل گهريا دوست مال وجهه ٻني ٻارو مان مرتبو، سٺي ساک ۽ مرڻ کان اڳ مڃتا وڏن نصيتن وارن کي ٿي نصيب ٿيندا آهن انهن مان هر هڪ خاصيت لاءِ ماڻهو سهسين سڪائون ب... ڪندا آهن ته در در تي دعائون ... ڪندا آهي پر جيڪڏهن ڪنهن ست راڄيتي ماڻهو کي اهي سڀ شيون ڇمندي ٿي ملن ته پوءِ اهو ڪو شاهنواز جوڻيجو جهڙوئي فرد ٿي سگهي ٿو جڏهن مرحيات سنجر خان جوڻيجي جي گهر پٽيتو اولاد ٿيو ۽ ان جو نالو شاهنواز رکيو ويو ته اها شايد قبوليت جي گهڙي هئي چاڪاڻ ته اهو نينگر اڳتي هلي واقعي نالي وانگر ٿي نڪتو شاهنواز جون معنائون پلي ٻولي جا ماهر اها ڪين ته اهو جنهن کي شاه نوازيو هجي پر چاچو ته شاهن کي نوازڻ وارو نڪتو. گفتار جو ڪردار جو ۽ قول جو سچو هئي فرد ٽنڊي ادم کان ڪجهه ڪلوميٽر پر ڳوٺ سنجر جوڻيجو ۾ چائو ۽ ڏسندي سڄي راڄ بهترين سوار، سچيت منصف، ڳالهه جو کرو ۽ شوقين مڙس طور مشهور ٿيو. سنڌس شهرت جاڪيئي ڪارڻ هئا هو پلن گهوڙن جو شوقين هو ميلن ملاڪڙن جي جان رهيو سڄي سنڌ ۾ سنڌس فيصلا اصل منڊي تي ٽڪ وانگر ليکيا ويندا هئا اڄ تائين ڪڏهن به ڪنهن به انهن مان ڪا ڪس ڪڍڻ جي ڳالهه ناهي ڪئي سنڌس اوطاق ٻارهوئي آباد هئي ماڻهن جا وٽس ميڙا متل هوندا هئا هرڪو مان لهندو هو. جڏهن مرحوم شاهنواز جوڻيجو جرڳن ۾ ويهندو هو ته سنڌس شخصيت جو ڍنگ ئي نرالو ٿي ويندو هو سنڌس تز ۽ تيز سوال جوابدارن توڙي فريادين جو متيون منهجائي کين سچ اوڳاڇڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندا هئا هو ورهين کان اٽڪيل مامرا جيڪي ست جي ڦري وانگر منجهي پوندا هئا چپٽي وڄائي حل ڪري کير ۽ پاڻي ڌار ڪري ڏيندو هو سنڌس آڏو ويٺل جوابدار سنڌس سوالن جي طوفان ۾ گهيرجي ڪنهن مشين وانگر حقيقتون بيان ڪرڻ لڳندا هئا ۽ هو ڏوهه جو وار مکڻ مان ائين ڪڍي ڏيندو هو جو جوابدار توڙي فريادي جي ڏندين آڱريون اچي ويندڻيون هيون جڏهن سزا تي ڳالهه اچي پوندي هئي ته وري سنڌس وري فيصلا به اصل اهڙا هوندا هئا جو هرڪو واه واه ڪري اٿندو هو هن ڪيئي ويران ويڙها آباد ڪيا. ڪيترن ئي رنڊن کي ڀاڪرون ڀارائي کير ڪنڌ ڪيو هزارين چورين ۽ ٺڳيون موٽايون. ڪارنهن جي الزامن کان وٺي قبيلائي جهيڙن تائين معاملا سنڌس ماڻهو ماريندڙ قبيلائي تڪرارن جي جرڳن ۾ پاڻ فيصلي کان قاصر سمجهندا هيا تڏهن هو فيصلي لاءِ شاهنواز جوڻيجي کي سڏائيندا هئا ۽ هو راڄن جا راڄ وڙهائيندڙ جهيڙا ختم ڪرائي موٽندو هو.

چاچو شاهنواز ڳالهين جو ڳهير ۽ ڪچهري جو ڪوڏيو ۽ ماڻهن کي مان ڏيڻ وارو هوندو هوجڏهن آئون جامي چانڊيو ۽ وفا رضا سائنس عبرت لاءِ انٽرويو ڪرڻ وياسين ته هن اسان کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون هيون شائنس ڪچهري ڪرڻ ويٺاسين ته ڳالهه ٻولهه ختم ڪرڻ تي دل ئي نه پيو چوي سنڌس ڪچهري جي جيڪا نئين چولي هئي تنهن زمان ۽ مڪان جا سڀ بند لوڙهي ڇڏيا هئا. هو ايترو ته کرو هو جيڪو پير تي ڏونڪو هٽي چوندو ته ڏوهاري ماڻهن سان اسان جا واسطا آهن اهي اسان جا ئي پنهنجا آهن جيڪڏهن جيڪڏهن گهر جو ڪو پاڻي ڪري وڃي ته ان کي راهه تي هلائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي ائين نٿو ٿي سگهجي ته هن کي گهران ئي ڪڍي ڇڏيو ماڻهوءَ جو ملهه هڪ ته ان جي جيئري سنڌس مريادا. سنڌس لاڳاپن ۽ سنڌس شهرت مان پتو پوندو آهي چاچو شاهنواز هرلحاظ کان املهه هو ماڻهو جي چڱائي مناٺي جي خبرن ان جي موت کان پوءِ پڻ پوي ٿي سانگهڙ ضلعي واسين جنهن شخص کي پنهنجي وچ ۾ ويهي شينهن وانگر گجندي ، زماني جا فيصلا ڪندي اجرڪ جو پٽڪو ٻڌي پلا سرخا ۽ ابلق گهوڙا ڊوڙائيندي پٽارين جو ڪير پيئندي به مڃ کي تاءُ ڏيئي ڏوهارين کي اکين ۾ اکيون وجهي نهاريندي ڏٺو سفر هليا ۽ سنڌس وڇوڙي تي نه رڳو روشن الدين ، محمد خان، شاهجهان، گل جهانگير ۽ ٻين گهر ڀاتين لڙڪن جون نديون وهايون هيون پر ان ڏهاڙي تي جنازي ۾ شرڪت لاءِ آيل هزارين ماڻهن جي اکڙين مان آب جاري هو مخدوم محمد امين فهيم کان وٺي گل محمد جکراڻي تائين بشير خان قريشي کان وٺي عبدالحڪيم ڪوسي تائين سڀني جي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا هئا هر ڪو هڪ ٻئي کي صبر جي تلقين ڪري رهيو هو پر صبر اچي ته به ڪيئن اچي. چو ته راڻو رات رسي ويو هو ۽ من جي مومل کي ماٺ ڪرائجي ته به ڪيترو.

اڄ جڏهن جوڳين کي جاهن ڇڏي پورا ورهيه گذري ويا آهن ۽ ڀويان سسئي ۽ سور هميشه وينا پاڻ پٽين تڏهن به سنجر جوڻيجو جي ڳوٺ وٽان لنگهندڙ مسافر پل مان ئي سهي پر ڪنهن واٽهڙو کان اهو پڇي وٺندو آهي ته وڏيرو اوطاق تي آهي يا نه ؟ پوءِ پنهنجي غلطي جو احساس ڪندي پنبٽين مان ڪرندڙ موتين کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جيتوڻيڪ وڏيري شاهنواز جوڻيجي جي ڪٽنب سنڌس وڃڻ بعد پنهنجو پاڻ ڪجهه سنڀاليو آهي. هي راڄ ڀاڳ کي ته منهن ڏين ٿا. سياست ۾ پڻ سرگرم آهن اوطاق تي محمد خان فيصلا به ڪري ٿو پر شاهنواز جون سڪون لاهڻ ۾ اڃا به سمو گهرجي آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين دعا آهي ته چاچو جنت جي ڪنهن جڙاءُ دار محل ۾ سک سڪون ۽ شانتي سان ويٺو سنڌ ۾ سڪار جون دعائون ۽ امن جون

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 14 جولاءِ 2026ع

وڌندڙ آبادي، محدود وسيلا ۽ رياستي ذميواري

پاڪستان هن وقت جن وڏن قومي چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي، انهن مان تيزيءَ سان وڌندڙ آبادي سڀ کان اهم مسئلو آهي. آبادي ڪنهن به ملڪ لاءِ قيمتي انساني سرمايو هوندي آهي پر جڏهن ان جي واڌ رياست جي وسيلن، منصوبابندي ۽ انتظامي صلاحيت کان وڌي وڃي ته اها ترقيءَ بدران ڪيترن ئي معاشي، سماجي ۽ انتظامي بحرانن جو سبب بڻجي ٿي. افسوس جو پاڪستان ۾ آباديءَ جي واڌ ويجهه جي رفتار ايتري تيز ٿي چڪي آهي جو ملڪ جا موجوده وسيلا ۽ بنيادي سهولتون ان جو بار کڻڻ کان قاصر نظر اچن ٿا. ماهرن موجب ملڪ ۾ آباديءَ جي سالياني واڌ جي شرح لڳ ڀڳ 2.55 سيڪڙو آهي، جڏهن ته ڪل آبادي 25 ڪروڙ 72 لک جي لڳ ڀڳ ٿي چڪي آهي. شرح پيدائش جي لحاظ کان پاڪستان ڏکڻ ايشيا جو سڀ کان وڌيڪ شرح پيدائش رکندڙ ملڪ بڻجي چڪو آهي، جا نهايت ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال آهي. تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ جا اثر زندگيءَ جي هر شعبي تي پئجي رهيا آهن. تعليم، صحت، روزگار، رهائش، صاف پاڻي، خوراڪ ۽ توانائي جهڙن شعبن تي اڳ ئي دٻاءُ موجود هو پر آباديءَ ۾ مسلسل اضافي انهن مسئلن کي وڌيڪ سنگين بڻائي ڇڏيو آهي. هر سال لکين نوجوان روزگار جي مارڪيٽ ۾ داخل ٿين ٿا، پر معيشت انهن لاءِ روزگار جا مناسب موقعا پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿي. نتيجي ۾ بيروزگاري، غربت، سماجي بيچيني ۽ ڏوهن جي شرح ۾ اضافو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. جيڪڏهن آباديءَ جي واڌ تي ضابطو نه آندو ويو ته مستقبل ۾ اهي مسئلا اڃا به وڌيڪ خطرناڪ شڪل اختيار ڪري سگهن ٿا.

آباديءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ حڪومتن طرفان وقت بوقت پاليسيون ۽ پروگرام متعارف ڪرايا ويا، پر انهن جا نتيجا اميدن موجب سامهون نه اچي سگهيا. حقيقت اها آهي ته آباديءَ جي بهبود سان لاڳاپيل ادارا پاڻ ئي مالي، انتظامي ۽ فني مسئلن جو شڪار آهن. ڪيترن ئي علائقن ۾ خانداني منصوبابنديءَ جون سهولتون محدود آهن، جڏهن ته عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ به مؤثر مهم نه هلائي وئي آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو [illegible]

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت آباديءَ جي مسئلي کي رڳو [illegible] خانداني منصوبابندي [illegible] عورتن جي تعليم [illegible] ۽ علمي اڳواڻن کي به هن مهم ۾ شامل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. [illegible] سياسي مداخلت کان آزاد، مالي طور مضبوط ۽ جديد وسيلن سان ليس ڪري [illegible] ته جيئن اهي پنهنجون ذميواريون بهتر نموني نڀائي سگهن.

نئين دور جا نوان فيصلا

مير اعظم علي ٽالپور

دنيا جو دستور آهي ته ڪا به شيءِ خريد ڪبي آهي ته معاوضي ۾ رقم ڏيڻي پوندي آهي جنهن کي 'بل' چيو ويندو آهي، حالانڪ 'بل' گيس جو بل اول پر خطرناڪ بل بجليءَ جو هوندو آهي اڄ دل چوي ٿي ته ڳالهه ڪجي صفا راڻد سوڻتي وانگر بلڪل سنئين ۽ سڌي، پروري به پرائمري اسڪول ۾ سائين محمد خان ڪنڀار جڏهن به حساب ڪرائيندو هو ته سڀ کان پهرين وڏي آواز سان چوندو هو ته 'قرض ڪريو' ۽ قرض ڪريو جي جملي ڪانپوءِ حساب ڏيندو هو سو سائين جي پٽي پڙهائيل 'قرض ڪريو' ڪانپوءِ قرض ڪريو ته اوهان جتي به رهو ٿا، جتي به اوهان جو گهر آهي شهر يا ڪنهن ڳوٺ پهراڙيءَ وغيره ۾ اوهان گهر ۾ وري به قرض ڪريو موجود نه هجو ته اوهان جي گهر جو ٻاهريون دروازو "گيٽ" ڪڙڪي يا گهنٽي (بيل) وڄي ته ڪو ٻار ئي ٻاهر ڏسڻ ويندو ۽ ٻاهران بيٺل هڪ يا ٻه همراهه آيل آهيءَ ٻار کي اهو ئي چوندا ته بابا ڪو پنهنجو وڏو ٻاهروني اچو يا وري ڪنهن گهر ۾ ٻار نه هوندو ته شهري سماج وانگر گهر جي پوڙهي، پڪي ڪا به عورت دَر (دروازو) جا ٻئي تاڪ کولي ۽ پوءِ هڪڙو بند ڪري ۽ ٻيو ٻيڪڙي (اڌورائي ته بند نه کليل) سوال ڪندي اردوءَ ۾ 'ڪون' يا وري سنڌيءَ ۾ پڇندي 'ڪير' اهو ٻڌي ٻاهر بيٺل همراهن مان ڪو به هڪڙو چوندو ته پنهنجو ڪو وڏو ٻاهر موڪليو ڪم آهي پروري به قرض ڪريو ته اوهان پاڻ خود گهر ۾ جيئن آهيو ۽ جتي آهيو جي بنياد تي حاضر آهيو ۽ پوءِ سلوار، قميص يا گوڏ ۽ گنجيءَ ۾ به ويٺل آهيو ته دَر (دروازي) جي ڪڙڪڻ وڄڻ يا گهنٽي (بيل) جو آواز ٻڌڻ تي ٻاهر آيا ته دروازي تي بيٺل هڪ يا ٻن ٽن ڄڻن مان ڪو اوهان سان دعا سلام ڪرڻ بنا ڪنهن واقفيت ۽ سڃاڻپ جي خير آفيت پڇي چئي ته آئون يا اسان هتي روڊ تان گهمندا ڦرندا ويا سين پئي ته اوهان جي گهر تي اک پئجي وئي ڏاڍو سهڻو نهيل آهي پر اوهان جي گهر جي ڇت (ڪَڌ) اچان به شاندار نهيل آهي ۽ اسان فلاڻي ٽيلي ڪام ڪمپنيءَ جا ملازم آهيون ۽ اوهان جي گهر جي ڇت تي اسان کي پسند اچي وئي آهي انهيءَ مٿان ڪمپنيءَ جو ٽاور هڻڻ لازمي ٿا سمجهون ۽ هتي سنگنل به صحيح نٿا اچن سو اوهان جي گهر مٿان ٽنيو هڻون ٿا، جو ته ڇت بهترين نهيل آهي

اهو احوال ٻڌي يقينن اوهان نه رڳو پريشانيءَ سان گڏ چريا به ٿيندا، پر ممڪن آهي ته اوهان جي پيرن هيٺيان زمين به نڪري وڃي ۽ سوچيندا هوندا ته هيءَ وري ڇا..؟ گهر منهنجو ڇت منهنجي، نه ڪو پول لاءِ معاهدو نه ڪا به ڳالهه ٻولهه لرنو چوڻيءَ موجب ته 'مان نه مان مين تيرا مهمان' هيءَ به مصيبت اوچتي آفت ڪٿان اچي ڪڙڪي آهي ۽ پوءِ اوهان جون متيون ئي مُنجهي وينديون انهيءَ کي چوندا آهن 'ادي کي ڪَن نه ڄڻ ادي کي عشق اٿلو ڪيو'

هڪڙا اڻ واقف رستي تان واٽ وٺيو ويا پئي ۽ هاڻ وري منهنجي گهر جي ڇت تي موبائيل جو ٽاور ٿا هڻڻ سو به بغير [illegible]

ڳالهه آهي هن بل جي پاس ٿيڻ وقت اسيمبلي ميمبرن بل نه پڙهيو هو يا پڙهي نه سگهيا، جڏهن ته مذڪوره بل ڇهه مهينا اسيمبليءَ پيل هو ۽ هاڻ سينيٽ ۾ پاس ٿيڻ لاءِ پهتو آهي ته ميمبرن اک پٽي آهي ۽ گهڻي وٺ وٺان ٿيڻ بعد آخرڪار انفارميشن ۽ ٽيڪنالاجيءَ واري وفاقي وزير شزا فاطمه ۽ وزير قانون اعظم نظير تارڙ گڏيل پريس بيان ۾ وضاحت ڪندي چيو آهي ته 'اهو بل سيني جي رضامنديءَ ڪانپوءِ پاس ڪيو ويندو. نئين قانون ۽ فيصلي تحت ڪنهن جي به ملڪيت ۽ گهر تي قبضو ڪرڻ جو مقصد نه آهي' هنن چيو ته وزيراعظم چاهي ٿو ته ملڪ ۾ انٽرنيٽ ترقي ڪري، پر ذاتي جاءِ ۽ ملڪيت تي قبضو نه ٿيندو هن سان حڪومت کي بدنام ڪيو پيو وڃي ڪنهن به ملڪ ۽ ڌٽيءَ جي اجازت ۽ موڪل کان سواءِ ڪم نه ڪيو ويندو ۽ ڪنهن کي به متاثر نه ڪبو پر هن بل کي بدنام ڪيو پيو وڃي

جڏهن ته سپريم ڪورٽ پنهنجي هڪ فيصلي ۾ چيو آهي ته 'سرڪار پنهنجي سرڪاري ڪم لاءِ ڪنهن جي به ملڪيت (زمين يا جاءِ) کڻي سگهي ٿي، البت انهيءَ لاءِ ويليو ۽ قيمت ادا ڪئي ويندي بهرحال ٽيلي ڪام بل کان سواءِ هڪ ٻيو بل ملڪ جي وڏي صوبي پنجاب ۾ پنجاب اسيمبليءَ ۾ آندو ويو آهي، جيڪو "پنجاب ڪنٽرول آف هيبيچوئل آفنڊرز بل 2026" جيڪو دراصل عوام تي قبضي ڪرڻ وارو وڃي پيو

هن بل تحت پوين، ضلع ۽ تعلقه انتظاميه ۾ ڪمشنر، ڊي سي، ڪان ولي حد جي پوليس شهر يا ڳوٺ ۾ ڪنهن کي به 'غنڊو' سمجهي گرفتار ڪرڻ جو حق رکي ٿي انهيءَ لاءِ لکيو ويندو ته هيءَ غنڊن وارا ڪم ڪري ٿو ان کان سواءِ ڪوبه ڪنهن لاءِ اها درخواست ڏئي لکي ته فلاڻو شخص غنڊو آهي ته انهيءَ خلاف هڪدم ڪارروائي شروع ڪري غنڊن قلم تحت گرفتار ڪيو ويندو، ٻڌجڻ (پوليس تحويل ۾ رهڻ) ڪانپوءِ غنڊو چئوڪنيو لوهه آهي البت انهيءَ لاءِ ڪير به اهو بيان ڏيندو ته فلاڻو الف غنڊو آهي، فورن انهيءَ تي عمل ٿيندو، دراصل هيءَ قانون ۽ قائدو 1871ع ۾ انگريزن نافذ ڪيو هو جن کي هتي قبضو ڪرڻو هو ۽ ماڻهو گرفتار ڪرڻ لاءِ اهو آسان طريقو هو ته ڪنهن کي به غنڊو چئي گرفتار ڪري سگهجي پنجاب ۾ هيءَ بل پاس ٿيڻ ڪانپوءِ 'غنڊا راڄ' هوندو يا 'غنڊه پاڪ راڄ' قائم ٿيندو سو ته ايندڙ وقت ئي ٻڌائيندو رياست کي 'ماءُ' چيو ويندو آهي، پر پنجاب ماءُ نه ٿيو پر ماٽيجي ماءُ وارو سلوڪ ڪرڻ بدران صفا ماٽيجو پيءُ آهي هن بل پاس ٿيڻ بعد عدالتن کان اختيار کسجي ويندا ۽ هن بل تي نظرثاني به نه ٿيندي اڳ جج فيصلو ڪندا هئا پر هاڻ پنجاب ۾ بيوروڪريٽ فيصلو ڪندا [illegible]

جڏهن نوجوان اميد وڃائي ويهن!

عرفان اطهر قاضي

پرڏيهه وڃڻ هڪ نوجوان جي نظر ۾ رڳو وڌيڪ پگهار يا سهولتن جو معاملو ناهي، پر اهڙي نظام جي ڳولا آهي جتي ڪيس پنهنجي محنت جو مناسب ڦل ملي، قانون سڀني لاءِ هڪجهڙو هجي ۽ مستقبل نسبتاً وڌيڪ محفوظ محسوس ٿئي تعليم جو شعبو به نوجوانن جي مايوسيءَ جو هڪ وڏو سبب بڻجي چڪو آهي پاڪستان ۾ هزارين شاگرد تمام گهڻيون فيسون ادا ڪن ٿا، پر ڊگري مڪمل ڪرڻ کان پوءِ به ڪين پنهنجي قابليت مطابق روزگار نٿو ملي ڪيترائي والدين پنهنجي سڄي عمر جي بچت ٻارن جي تعليم تي خرچ ڪن ٿا، پر جڏهن اهي ئي ٻار نوڪريءَ لاءِ در ڪڙڪائين ٿا ته کين اڪثر تجربي، سفارش يا محدود موقعن جو منهن ڏسڻو پوي ٿو هن صورتحال نوجوانن جي ذهنن ۾ اهو سوال پيدا ڪري ڇڏيو آهي ته جيڪڏهن مستقبل پرڏيهه ۾ وڌيڪ روشن نظر اچي ٿو ته پوءِ اتي ئي قسمت ڇو نه آزمائجي؟

هڪ ٻيو اهم پهلو تحفظ جو احساس آهي هر سماج ۾ شهري اهو چاهين ٿا ته سندن جان، مال، عزت ۽ مستقبل محفوظ هجي جڏهن ماڻهو محسوس ڪن ٿا ته سندن ٻارن لاءِ بهتر تعليم، صحت، روزگار ۽ انصاف جا موقعا محدود آهن ته سندن دلين ۾ هجرت جو خيال جنم وٺي ٿو انهيءَ ڪري ڪيترائي والدين چون ٿا ته هو پنهنجي لاءِ نه پر پنهنجي اولاد جي بهتر مستقبل لاءِ وطن ڇڏي رهيا آهن جيڪڏهن پاڪستان پنهنجن نوجوانن کي روڪڻ چاهي ٿو ته رڳو جذباتي اپيلون ڪافي نه هونديون کين روزگار، ميرٽ، انصاف، معياري تعليم، محفوظ ماحول ۽ معاشي استحڪام فراهم ڪرڻو پوندو نوجوان نعرن سان نه، پر موقعن سان رڪجن ٿا جڏهن کين يقين ٿيندو ته سندن محنت جو صلو کين پنهنجي وطن ۾ ملندو ته پوءِ هو ڪنهن ٻئي ملڪ جي شهريت جا خواب نه پر پاڪستان جي ترقيءَ جا خواب ڏسندا هيءَ هجرت دراصل هڪ خاموش سوال آهي جيڪو هر روز هن سرزمين کان پڇيو پيو وڃي: ڇا اسان جو وطن پنهنجن ئي ٻارن کي سندن خواب پورا ڪرڻ جو موقعو ڏئي سگهندو، يا ايندڙ سالن ۾ به هوائي اڏن تي وڇوڙي جا ڳوڙها ئي اسان جي گڏيل تقدير بڻيل رهندا؟ جڏهن ڪو ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان، پروفيسر، آئي ٽي ماهر يا هنرمند نوجوان ملڪ ڇڏي ٿو ته ملڪ رڳو هڪ شهريءَ کان محروم نٿو ٿئي، پر ان تعليم، تجربي ۽ سيڙپڪاريءَ کان به محروم ٿي وڃي ٿو جيڪا سالن تائين ان فرد تي ڪئي وئي هوندي آهي انهيءَ ڪري اڄ ڪيترائي سرڪاري ۽ نجي ادارا تجربيڪار افرادي قوت جي کوٽ جي شڪايت ڪن ٿا

هيءَ حقيقت به پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستاني وطن لاءِ ريڙهه جي هڏيءَ جي حيثيت رکن ٿا هو هر سال اربين ڊالرن جو ناڻو موڪلي معيشت کي سهارو ڏين ٿا، پر رياست ۽ سماج ٻنهي آڏو هڪ سوال آهي ته ڇا رڳو ناڻي تي ڀاڙڻ ڪنهن ملڪ جي مستقل ترقيءَ جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو؟ يا اصل ڪاميابي اها آهي ته ملڪ پنهنجن باصلاحيت نوجوانن کي اهي موقعا فراهم ڪري، جن جي ڳولا ۾ هو هزارين ميل پري وڃڻ تي مجبور نه ٿين نوجوانن جا بنيادي سوال اڄ به ساڳيا آهن ڇا تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ميرٽ تي نوڪري ملندي؟ ڇا ڪو سرڪاري يا نجي ملازم پنهنجي ايمانداريءَ پگهار سان باعزت زندگي گذاري سگهندو؟ ڇا ڪاروبار ڪندڙ کي غير ضروري رڪاوٽن کان نجات ملندي؟ ڇا سيڙپڪار کي اعتماد حاصل هوندو؟ ڇا قانون سڀني لاءِ هڪجهڙو هوندو؟ جيستائين انهن سوالن جا قابل اعتماد جواب نٿا ملن، تيستائين هجرت جو رجحان مڪمل طور تي روڪڻ ڏکيو رهندو پرڏيهه ۾ زندگي آسان ناهي هوندي ڪيترائي پاڪستاني سخت موسم، ڊگهن ڪم جي ڪلاڪن، ثقافتي اڪيلائي ۽ لڳاتار جدوجهد کي منهن ڏين ٿا هو پنهنجون خواهشون قربان ڪن ٿا ته جيئن والدين، ڀائر ڀينر يا ٻارن جون ضرورتون پوريون ڪري سگهن انهيءَ ڪري پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين جي ڪاميابي پويان به بيشمار قربانيون ۽ خاموش ڳوڙها لڪل هوندا آهن آخر ۾ هڪ سوال هر پاڪستاني جي دل ۾ گونجي ٿو ته ڇا اسان ايندڙ نسلن لاءِ اهڙو پاڪستان ڇڏي وينداسين جتي مائرون پنهنجن پٽن کي رخصت ڪندي ڳوڙها نه ڳاڙين؟ جتي پيءُ پوڙهائپ ۾ پنهنجن ٻارن جي واپسيءَ جو انتظار نه ڪن؟ جتي عيدون وڊيو ڪال تي نه، پر هڪ ئي دسترخوان تي گڏ گذرن؟ جتي نوجوان پنهنجا خواب پورا ڪرڻ لاءِ پاسپورٽ نه، پر پنهنجي صلاحيت تي ڀروسو ڪن؟ پاڪستان سان محبت رڳو نعرو ناهي، پر هڪ ذميواري به آهي اها ذميواري صرف عوام جي نه، پر رياست، سياستدان، ادارن، واپارين، استادن، ميڊيا ۽ سماج جي هر فرد جي آهي جيڪڏهن اسان اڄ نوجوانن جي مايوسيءَ کي اميد ۾ نه بدلايو ته ايندڙ سالن ۾ شايد اسان وٽ اوچيون عمارتون ته هونديون، پر انهن کي آباد رکڻ وارا نوجوان گهٽجي ويندا

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

جِهَڙي لاليِ لاکَ جِي، تِهَڙي سارَنگَ سِٽَ،
اِيئَن سَي اَبِنِ انگِئا، اِيئَن سَي جُنِيءَ جِٽَ،
بَرسِيو ٻاسَي ٻِٽَ، ٻَرِيائِين ڪَنِ ڪِراڙَ جا.

ساروٽيءَ جي رُتِ جا منظر لطيف سائين ترتيب وار اهڙي انداز ۽ نموني سان پيش ڪري ٿو جو ذهن مخمور ٿي پئي ٿو جيئن هن بيت ۾ ساوڻ جو منظر پيش ڪري ٿو ته "اها ڳاڙهاڻ يا لالاڻ جيڪا ڪچي ريشم جهڙي آهي، تهڙو سٽاءُ ڏيک ته منهنجي محبوب جي ڳاڙهن ڳلن جهڙو آهي، ڪڪرن مان نڪرندڙ آپڻ اپ کي رنگن سان اپڻ سنواريو آهي، جهڙوڪر پرت پريل خوبصورت جُنِي يا پوٽي هجي پٽ تي مينهن وسي، اوسي پاسي جي ڪلن ڪوپن سميت ڪِراڙ ڍنڍ کي به پري ڇڏيو آهي، ڪِراڙ جي اصل معنيٰ آهي ساوا يا ڪچا پيرون لطيف سائين ساوڻ سارنگ جي منڊ کي اهڙي ته رومانس پريل رڱن سان رڱيو آهي جو ان کي پڙهڻ سان ان منظرڪشيءَ ۾ ماڻهو اٽلو ته محو ٿيو وڃي جو اندر جا سڀ ڏک ڏولاوا في الحال ته ذهن مان خارج ٿيو وڃن ۽ هر جاءِ تي صرف سڄڻ ئي نظر اچي ٿو ان جي سونهن سوڀيا، ان جو انتظار من ۾ مچ ٻاريو ڇڏي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

يونيورسٽيون آخر سنڌ ۽ ذهين ماڻهو ڇو نه پيون پيدا ڪن؟

[illegible] پختگي ۽ علمي صلاحيت نظر نٿي اچي، جيڪا يونيورسٽيءَ جي تعليم جو بنيادي مقصد هوندي آهي ڪيترائي شاگرد نه سياسي معاملن تي سنجيده بحث ڪري سگهن ٿا ۽ نه ئي علمي ۽ تحقيقي موضوعن تي گفتگو ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا جيڪڏهن سنڌ جي يونيورسٽين جي صورتحال تي نظر وجهجي ته اها به گهڻي اطمينان بخش نظر نٿي اچي سنڌ جي قديم ۽ اهم يونيورسٽين مان هڪ، سنڌ يونيورسٽي، ملڪ جي آزاديءَ کان ڪجهه عرصي پوءِ قائم ڪئي وئي هئي افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اڄ ان جو [illegible] بابت لکڻ ئي سامهون آيا، جن تعليمي نظام [illegible] جيڪڏهن تعليم کي خدمت بدران ڪاروبار بڻايو ويندو ته پوءِ تعليمي ادارن جو وقار متاثر ٿيندو ڪجهه حلقن جو چوڻ آهي ته ڪيترن ئي يونيورسٽين ۾ تدريس جو عمل به تسلي بخش ناهي ۽ ڪٿي ڪٿي سڄي سيمسٽر دوران ڪلاسن جو تعداد محدود رهندو آهي ان سان گڏ امتحاني نظام ۽ تدريسي معيار بابت به سوال اٿندا رهيا آهن اهڙي صورتحال يونيورسٽين جي تعليمي ۽ انتظامي نظام بابت ڳڻتي پيدا ڪري ٿي

—— شفيق وساڻ

لالچ، حرص ۽ هوس

سعود عثماني

[illegible] ڏيٿي مان لڳي نسل پيءُ جي طرفان هلندو آهي پر هن سڄي معاملي ۾ ته نوجوان جي پيءُ جو نالو ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي ۽ نه ئي سندس پيءُ جي خاندان جو، يقيناً اهي به حيثيت وارا ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو هوندا پر هرهنڌ رڳو ناناڻن جو نالو اچي رهيو آهي سبب اهو آهي ته اهو هڪ مشهور، مالدار، معزز ۽ اقتدار ۾ موجود خاندان آهي جيڪو سياست، واپار ۽ صنعت ۾ گهڻي عرصي کان نمايان حيثيت رکي ٿو پر 14 ڪروڙ رپين هن خاندان جي نوجوان کي اهڙي حالت ۾ آڻي ڇڏيو آهي جو خاندان هاڻي سائنس لاڳاپو ظاهر ڪرڻ جي به همت نٿو ڪري سگهي يقيناً ماءُ پيءُ اهو ئي چاهيندا هوندا ته سندن ٻار ڪنهن نه ڪنهن ريت هن مصيبت مان نڪري اچي پر نه هو کلي پنهنجي تڪليف جو اظهار ڪري سگهن ٿا ۽ نه ئي مدد، ڇو ته ٻنهي صورتن ۾ وڌيڪ بدنامي سندن نصيب بڻجندي

اسان جيڪي پري کان هن معاملي تي افسوس ڪري رهيا آهيون يا اهي ماڻهو جيڪي هن واقعي کي مرچ مصالحو لڳائي پيش ڪري رهيا آهن يا اهي مخالف جيڪي پنهنجي سياسي نفرت جو اظهار ڪندي هن خاندان تي تنقيد ڪري رهيا آهن، انهن سڀني جا پنهنجا خاندان، ٻار ۽ رشتا آهن خدا ڪنهن تي به خراب وقت نه آڻي خراب وقت ۾ ته ڪليل حمايت ڪندڙ به سلڪ ڏيڻ کان ڪيٻائيندا آهن ته مٿان هو پاڻ به لپيٽ ۾ اچي وڃن حمايت علي شاعر جو شعر آهي: اس جهان مين تو اپنا سايا ڀي روشني هو تو ساٿ چلتا هي

شايد ماءُ پيءُ يا ڀائر ڀينر (جيڪڏهن آهن) ڪڏهن اهو سوچڻ لاءِ وقت ڪڍن ته آخر ڪهڙي شيءِ سندن پياري کي هن دلدل ۾ ڦاسايو مان پاڻ به اهو سوچي رهيو هوس ۽ توهان کي به سوچڻ جي دعوت ڏيان ٿو ته ڇا 95 سيڪڙو پاڪستاني پلي اهي ٻاهرين ملڪن ۾ رهندا ۽ ڪمائيندا هجن پنهنجي ويهن يا ايڪيهن ورهين جي پٽ جي هٿ ۾ 14 ڪروڙ رپيا ڏئي سگهن ٿا ۽ چون ته: پٽ! تنهنجي مرضي جيڪو چاهين ڪر، جتي چاهين پئسا لڳاءِ

اها تمام وڏي رقم آهي 95 سيڪڙو پاڪستاني ته ان جو تصور به نٿا ڪري سگهن گهڻا پاڪستاني ته سڄي عمر ان خواب لاءِ محنت ڪندا رهن ٿا ته کين پنهنجو گهر ملي وڃي ۽ هو ڪرائي جي گهرن مان نجات حاصل ڪن 14 ڪروڙ رپين جا خواب ڏسڻ به انهن لاءِ ڏکيو آهي ۽ ٻئي پاسي اهي پنج سيڪڙو ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي پٽن جي هٿ ۾ ڪروڙين رپيا ڏئي وري اهو به نٿا پڇن ته پٽ! انهن پئسن سان ڇا ڪيو؟ مون کي يقين آهي ته احمد رضا ڊار جي هٿ ۾ اها واحد رقم نه هوندي، جيڪا سندس صوابديد تي هجي ٿي سگهي ٿو ته ان کان علاوه به وڏيون رقمون وٽس هجن 21 سالن جي نوجوان جي ته اڃا تعليم به مڪمل نه ٿيندي آهي جيڪو نوجوان اڃا شاگرديءَ جي دور مان گذري رهيو هجي ان جي هٿ ۾ ڪروڙين رپيا ڏئي وساري ڇڏيندڙ خاندان ڇا هن سان ڀلائي ڪئي آهي يا برائي؟ ڳالهه صرف نوجوان کي پئسن جي آزمائش ۾ وجهڻ جي ناهي، پر تربيت جي به آهي

جيڪو خاندان اڄ آزمائش مان گذري رهيو آهي ڇا اهو ڪڏهن سوچيندو ته هن پنهنجي ٻار جي ڪهڙي تربيت ڪئي؟ ڪيس سٺي ۽ خراب جي سڃاڻپ ڪيتري سيکاري؟ بيشڪ وڏ کان وڏ پئسا ڪمائڻ جو لالچ هر انسان کي گهيري وٺندي آهي هر ماڻهو تيز ترين ۽ آسان ترين طريقي سان دولت ڪمائڻ چاهي ٿو ۽ ان ۾ استثنائي مثال تمام گهٽ ملندا آهن پر هتي ئي خانداني تربيت ڪم ايندي آهي هتي ئي ماءُ پيءُ ٻارن کي ٻڌائيندا آهن ته سڀ کان اهم ڳالهه تيز يا آسان ڪمائي نه، پر حلال روزي آهي جائز طريقي سان ڪمائي ويل دولت آهي جنهن جي برڪت به نظر اچي ٿي ۽ خدا نه ڪري ته ناجائز دولت جي نحوست به نسلن تائين ظاهر ٿيندي آهي جڏهن اها اهم ڳالهه نه اسڪول، نه ڪاليج، نه يونيورسٽي ۽ نه ئي گهر ۾ سيکاري وڃي ته هڪ اهڙي نوجوان کي اهو ڪيئن معلوم ٿيندو، جنهن عملي زندگيءَ ۾ اڃا قدم رکيو هجي ۽ جنهن جي هٿ ۾ ڪروڙين رپيا ڏئي ڇڏيا ويا هجن؟ احمد رضا ڊار يقيناً هن معاملي جو مرڪزي ڪردار آهي، پر منهنجي خيال ۾ ان کان وڌيڪ ذميوار سندس وڏا آهن جن کيس سٺي ۽ خراب جي سڃاڻپ نه سيکاري

ڇڱو، توهان تازو ۽ نعم ۾ پليل نوجوان کي ڪروڙين رپيا به ڏئي ڇڏيا ۽ وري ان بابت پڇيا به نه ڪئي، ڇا ڪو ماءُ پيءُ ان ڳالهه کان بيخبر ٿي سگهي ٿو ته سندن پٽ جو اٿڻ ويهڻ ڪهڙن دوستن سان آهي؟ اسان جي سماج ۾ ته معاشي طور هيٺين ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو به ان ڳالهه جو خيال رکندا آهن، هر ماءُ پيءُ کي خبر هوندي آهي ته سندن ٻار ڪهڙن ماڻهن سان گڏ رهي ٿو، ڪيترائي پيرا ٻارن کي پيار سان سمجهايو ويندو آهي ڪڏهن مار به ملندي آهي ۽ ناراضگيون به ٿينديون آهن، ڪيترائي والدين ته غلط صحبت سبب پنهنجي ٻارن کان لاتعلقي جو اعلان به ڪندا آهن، اخبارن ۾ اهڙا اشتهار به ايندا رهندا آهن، جن ۾ ٻارن کي ملڪيت کان محروم ڪرڻ يا لاڳاپا ختم ڪرڻ جا اعلان ڪيا ويندا آهن، جيترو وڌيڪ ڪو خاندان معزز ۽ حيثيت وارو هوندو آهي، اوترو ئي ڪيس پنهنجي عزت، آبرو ۽ احترام جي وڌيڪ ڳڻتي هوندي آهي اسان ته اهي ماڻهو هئاسين جن لاءِ پٽڪو پنهنجي سر کان به وڌيڪ عزيز هوندي هو، پر وقت جون روايتون اهڙيون بدلجي ويون آهن جو وڏا وڏا خاندان به تڏهن سجاڳ ٿين ٿا، جڏهن پاڻي مٿي کان گذري وڃي، هن نوجوان جا دوست به ڏسي وٺو جيڪي انهن پرڏيهي عورتن جي غير قانوني قيد، جنسي زيادتي ۽ غير انساني سلوڪ ۾ ملوث آهن، هڪ ٻن تي ته اڳ به ايف آءِ آر داخل ٿيل آهن، ڇا احمد رضا ڊار جو ڪو هڪ دوست به اهڙو نه هو جيڪو کيس سمجهائي ها ته تون غلط رستي تي وڃي رهيو آهين؟ اڄ نه پنج لک ڊالرن جو نقصان ٿيو آهي، سياڻي عزت ۽ آبرو به وڃائبي ۽ تون اهڙي دلدل ۾ ڦاسي ويندين، جتان نڪرڻ ڏکيو هوندو، مون کي نٿو لڳي ته هن نوجوان جو ڪو هڪ دوست به اهڙو هو، جن ماڻهن سان انهن کي ملايو ويو، اهي به يقيناً مالي فائدي جي لالچ ۾ اهو ڏوڪو ڏئي رهيا هئا، جيڪي ماڻهو عورتن کي غير قانوني قيد ۾ رکندا رهيا، انهن کي به لکين رپين جي لالچ هئي، يعني سڄي راند لالچ کان شروع ٿي ۽ هر قدم تي اهو حرص هر ڪردار سان گڏ هلندو رهيو، انهن عورتن سان سندن ملڪ ڇا ڪندا، اهو ته معلوم ناهي، پر ظاهري طور پاڪستان اندر انهن کو ڏوهه نه ڪيو آهي باقي سيئي ڪردار انهيءَ حرص سبب سلاخن پويان وڃي بيٺا آهن هڪ ڪردار جون تنگون پچي چڪيون آهن، پر سندس ڏوهه اڃا به سزا جوڳو آهي، ماڻهو هن خاندان بابت مختلف ڳالهيون ڪري رهيا آهن جيڪي همدردي رکن ٿا، اهي سندن خانداني حيثيت ۽ نالي جا حوالا ڏين ٿا، پر خانداني احترام ۽ معزز هجڻ پنهنجي جاءِ تي، منهنجو سوال رڳو اهو آهي ته سندن خانداني تربيت آخر ڪٿي آهي؟

اڄوڪو ڏينهن ---- 14 جولاءِ

نسيم کرل



اڄ سنڌي ٻوليءَ جي مهان ڪهاڻيڪار نسيم کرل جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن ٽيليواري لکيت 29 جون 1939ع تي تعلقي گمبٽ ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ کرل ۾ جنم ورتو سندس والد جو نالو حاجي عبدالڪريم کرل هو، جيڪو پنهنجي علائقي جو هڪ سٺو زميندار هو هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ناز پائلٽ سيڪنڊري اسڪول خيرپور مان پاس ڪيائين ان بعد سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ دوران ڊاڪٽر اياز قادري ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ شاهه جي صحبت کيس ادبي دنيا طرف ڇڪي آئي ۽ هن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون هن جي پهرين ترجمو ڪيل ڪهاڻي "مهمان" 1956ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي ان بعد سندس پنهنجي لکيل پهرين ڪهاڻي "سور سمجهي ڪو" 1958ع ۾ شايع ٿي ان کان پوءِ هو لاڳيتو ڪهاڻيون لکندو رهيو ۽ ڏهن سالن جي مختصر عرصي ۾ سنڌي ڪهاڻين جي افق تي وهلو تارو بڻجي چمڪڻ لڳو هن جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "شبنم شبنم ڪنول ڪنول" 1968ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ان بعد سندس ڪهاڻين جا به وڌيڪ مجموعا "جوٽيهون در" (1973) ۽ "ڪِني" (1984) شايع ٿيا انهن ٽنهي ڪتابن کي ملائي 2007ع ۾ "نسيم کرل جون ڪهاڻيون" نالي ڪتاب ڇپايو ويو آهي نسيم جون ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ اهم جڳهه والارين ٿيون هڪ زميندار خاندان سان تعلق هجڻ جي باوجود جيڪڏهن نسيم کرل جي ڪهاڻين کي ڏسبو ته انهن ۾ زميندارن جي ڏاڍ، ڏهڪاءُ ۽ سندن حويلين ۾ ٿيندڙ ڪلورن ۽ ڪاروائين جي چٽي جهلڪ نظر ايندي سندس ڪهاڻين ۾ ايڏي ته شيرنيءَ آهي جو ڪهاڻي پڙهندي ائين پيو محسوس ٿيندو آهي ڄڻ ته ڪهاڻيءَ جا ڪردار اسان جي سامهون گهمي رهيا هجن هن هفتيوار اخبار "جاويد" لاءِ ڪالم لکيا ۽ هڪ ڊرامون "بوءِ" پڻ لکيو هن عظيم ڪهاڻيڪار کي ذاتي دشمنيءَ جي بنياد تي 14 جولاءِ 1978ع تي شهيد ڪيو ويو

آخوند الهجڙيو صديقي

هن ٽيليواري قانوندان جو جنم 14 جولاءِ 1919ع تي مٽياريءَ ۾ ٿيو اڃا پنجن سالن جو مس هو جو سندس والد وفات ڪئي ان ڪري هن جي پرورش سندس والده ۽ مامي محمد صديق ڪئي ابتدائي تعليم مٽياريءَ مان حاصل ڪيائين ۽ وڌيڪ تعليم حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين هن 1940ع ۾ ايل ايل بي جي سند حاصل ڪئي ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ دوران ڪجهه عرصو سنڌ مدرسي ۾ استاد طور ڪم ڪيائين تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪيائين ڪجهه عرصو حيدرآباد لا ڪاليج جو پرنسپال پڻ رهيو 1943ع ۾ علامه دائود پوٽي جي وڏي نياڻيءَ سان سندس شادي ٿي 1966ع ۾ هن کي اولهه پاڪستان جو قانون وارو وزير مقرر ڪيو ويو هن 5 ڊسمبر 1972ع تي وفات ڪئي

شاهنواز جوڻيجو

سنڌ جي هن مشهور سياستدان جي اڄ ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 1932ع ڌاري ٽنڊوآدم ويجهو ڳوٺ سنجر جوڻيجو ۾ ٿيو هن 1962ع ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سانگهڙ جي ميمبر طور سياسي ميدان ۾ پير پاتو 1970ع ۽ 1980ع وارن ڏهاڪن دوران هن ڪيترائي ڀيرا قيد ۽ بند جون تڪليفون به برداشت ڪيون 1988ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ کيس بلديات جو وزير مملڪت چونڊيو ويو هن پاڪستان جي سينيٽر طور پڻ ڪم ڪيو هن 14 جولاءِ 2005ع ۾ سنگاپور ۾ وفات ڪئي

عبدالله اثر

هن قادرالڪلام شاعر جو پورو نالو عبدالله ولد مولوي الهڏنو چانڊيو هو سندس جنم 14 جولاءِ 1920ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ٻيڙي چانڊيي ۾ ٿيو پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين عربي ۽ فارسي مولوي محمد اسماعيل قريشي ۽ مولوي غلام رسول عباسيءَ وٽ پڙهيو اڳتي هلي سنڌي فائنل پاس ڪري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو هو بزم مشاعره لاڙڪاڻي جي گڏجاڻين ۾ باقاعدگيءَ سان شريڪ ٿيندو هو شاعريءَ ۾ پهريائين "اثيم" تخلص استعمال ڪيائين پر پوءِ ساٿي شاعرن جي مشوري سان "اثر" تخلص اختيار ڪيائين هن 26 ڊسمبر 1976ع تي وفات ڪئي سندس شاعريءَ جو هڪ نمونو اياز قادريءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌي غزل جي اوسر" (ڀاڱو ٻيو) ۾ شامل ڪيو آهي



رڪمڻي سندر چنتاڻي

هند ۽ سنڌ جي هن ٽيليواري ليکڪا جو جنم 14 جولاءِ 1929ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو هوءَ هڪ وڏي شاعره، ڪهاڻيڪاره ۽ مضمون نگار هئي ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان جي شهر پوني ۾ وڃي ٿانيڪي ٿي هن ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات ماستريائيءَ طور ڪيائين ۽ هيڊماستريائيءَ طور رٽائر ڪيائين هن ٽيڪسٽ بڪ بورڊ پوني ۾ اسپيشل آفيسر طور به ڪجهه عرصو ڪم ڪيو هن 18 ڪتاب لکيا، جن ۾ ڇهه شاعريءَ جا مجموعا، ٽي ڪهاڻين جا مجموعا، سندس آتم ڪٿا ۽ مضمونن جا ڪتاب شامل آهن هن 18 اپريل 2015ع تي هن جهان مان موڪلايو

گنو سامتاڻي

گنو سامتاڻي سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ڪهاڻيڪار ۽ شاعر هو هن جو جنم 14 جولاءِ 1933ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو اڃا 14 سالن جو مس هو جو ديس جو ورهاڱو ٿيو ۽ هو پنهنجي مائٽن سان گڏ اباڻا ڪک ڇڏي هندستان لڏي ويو، جتي ممبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين هن مهاراشٽر سرڪار جي مختلف سرڪاري ادارن ۾ نوڪري ڪئي ۽ ڊپٽي سيڪريٽريءَ جي عهدي تان رٽائر ٿيو سرڪاري نوڪريءَ سان گڏ هن سنڌي ادبي دنيا ۾ به پنهنجي اڻمٽ ڇاپ ڇڏي آهي هو هڪ مهان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار هو خاص طور تي هڪ ڪهاڻيڪار طور سندس نالو ادبي دنيا ۾ هڪ خاص مقام رکي ٿو ڪيس هندستان ۾ جديد ڪهاڻيءَ جو باني ڪوٺيو وڃي ٿو هن جي ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ اپراجتا (ڪهاڻيون) ۽ اپيمان ۽ واپسي (ناول) شامل آهن سندس ادبي ڪارنامن کي مڃتا ڏيندي 1972ع ۾ کيس ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ سان نوازيو ويو سنڌي ادبي دنيا جي هن انمول هيري 16 آگسٽ 1997ع تي لاڏاڻو ڪيو



محمد علي پگهيو

محمد علي پگهيو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو مشهور ڪمپيئر ۽ صداڪار هو نورمحمد پٽي پنهنجي ڪتاب "آواز جو سفر" ۾ هن جي جنم جي تاريخ 14 جولاءِ 1947ع لکي آهي هن جو جنم لاڙڪاڻي ضلعي جي باڏهه شهر ۾ ٿيو مئٽرڪ تائين ڏوڪريءَ ۾ پڙهيو، ٻارهين ڪلاس جو امتحان لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين ان بعد ڪامرس ڪاليج حيدرآباد مان گريجوئيشن ڪيائين هن سنڌ جي لائيو اسٽاڪ کاتي ۾ ملازمت ڪئي ۽ شام جو ريڊيو پاڪستان تي ڪمپيئرنگ ڪندو هو هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ صداڪاري ۽ اداڪاري پڻ ڪئي ان کان علاوه اسٽيج پروگرامن ۾ به ڪمپيئرنگ ڪندو هو هن 25 آگسٽ 1998ع تي وفات ڪئي

مختيار انڙ

ماهتاب محبوب

سنڌي ادبي ڪيتر ۾ ماهتاب محبوب جو نالو ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي هوءَ هڪ مڃيل ڪهاڻيڪاره، مضمون نگار ۽ ناول نگار آهي اڄ سندس سالگرهه جو ڏينهن آهي ماهتاب محبوب جو جنم 14 جولاءِ 1950ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو سندس واسطو عباسي ڪلهوڙا خاندان سان آهي هن مئٽرڪ تائين تعليم سينٽ ميريز ڪانوينٽ ۽ مدرسته البنات مان حاصل ڪئي ان بعد گورنمينٽ گرلس ڪاليج حيدرآباد مان گريجوئيشن ڪيائين هن ننڍپڻ ۾ مهتاب منور عباسيءَ جي نالي سان لکڻ جي شروعات ڪئي محبوب شيخ سان شادي ٿيڻ بعد ماهتاب محبوب جي نالي سان ادبي افق تي اڀري آئي سندس ڪهاڻيون، مضمون ۽ مقالا سنڌ جي ساک وارن ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت ٿيا هن ريڊيو لاءِ به ڪيترائي فيچر لکيا، هن جا تقريبن 15 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن جن ۾ ڪهاڻين جا مجموعا، ناول، مضمون، سفرناما ۽ خاڪا شامل آهن ماهتاب محبوب جي ڌيءَ ارم محبوب پنهنجي ماءُ جي فن ۽ شخصيت تي "ماهتابِ سنڌ" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو آهي جيڪو هڪ پڙهڻ جهڙو ڪتاب آهي

مير عنايت علي ٽالپر

مشهور سياستدان مير عنايت علي ٽالپر ٽنڊي محمد خان جي ٽالپر خاندان جو چشم ۽ چراغ هو سندس جنم 14 جولاءِ 1952ع تي ٿيو سياست ڄڻ ته کيس ورثي ۾ ملي سندس والد مير اعجاز علي ٽالپر ۽ ڏاڏو مير غلام علي خان ٽالپر به سنڌ جا مشهور سياستدان ۽ سماج سڌارڪ انسان هئا مير عنايت علي ٽالپر ابتدائي تعليم حيدرآباد جي سينٽ بوناوينچر هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو مان پاس ڪيو اڳتي هلي لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز) ڄامشوري مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪيائين هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات 1978ع ۾ ضلعي ڪائونسل حيدرآباد جي ميمبر طور ڪئي 1985ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ ان وقت جي وزيراعظم محمد خان جوڻيجي جو صلاحڪار مقرر ٿيو 2005ع ۾ ٽنڊي محمد خان ضلعي جو ناظم چونڊيو ويو هن 7 سيپٽمبر 2014ع تي وفات ڪئي



عزيز گوپانگ

اڄ مشهور ليکڪ ۽ ڪالم نگار عزيز گوپانگ جي جنم جو ڏينهن آهي عزيز گوپانگ جو اصل نالو حيدربخش ولد محمد صالح گوپانگ آهي ۽ "عزيز" سندس تخلص آهي هن جو جنم 14 جولاءِ 1962ع تي ڪنڊياري تعلقي جي ڳوٺ حاجي خان گوپانگ ۾ ٿيو هو ٻارهين ڪلاس تائين سانگهڙ ۾ پڙهيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن ننڍي هوندي کان ئي ادبي دنيا ۾ پير پاتو هن جي شاعري، مضمون ۽ ڪالم مختلف رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻجندا رهيا آهن هن مرحوم معصوم سانگهڙائيءَ سان گڏ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ناٽڪ پيش ڪيا ۽ ڪجهه عرصو بختاور رسالي جو ايڊيٽر پڻ رهيو عملي زندگيءَ ۾ هو مختلف خانگي اسڪولن ۾ پڙهائيندو رهيو آهي ڪجهه خانگي اسڪولن ۾ هيڊماستر ۽ پرنسپال طور به ڪم ڪيائين هن به انگريزي سنڌي ڊڪشنريون ترتيب ڏنيون آهن سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "وصال جا آخري ڏينهن" (شاعري)، "لشڪر دشمنان ۽ اڪيلي بينظير" (ڪالم) ۽ "عمر لوٽي اباڻن جا" شامل آهن

صنم بلوچ



صنم بلوچ جو جنم 14 جولاءِ 1986ع ۾ ٿيو هوءَ ٽيليويزن پروگرامن جي ميزبان هجڻ سان گڏ مشهور اداڪاره پڻ آهي صنم بلوچ کي ٽي وي اين جي پروگرامن "صنم سمال روم" ۽ "ڏيٿو" جي ميزبانيءَ وسيلي پهريون ڀيرو مقبوليت ماڻي گلوڪار سنڌي ۽ اردو ميوزڪ وڊيو ۾ ماڊلنگ ڪيائين ان بعد فهد مصطفيٰ جي اردو ڊرامي "ڪلق" ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريائين ان بعد مختلف ٽي وي چينلز تي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ ڪم ڪيائين جن ۾ داستان، ڪنڪن، نور ڪي راتي دوراها، منچلي، زينت، دام ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن هن اي آر واءِ نيوز، هم ٽي وي ۽ سما نيوز جي مارننگ شو جي ميزباني پڻ ڪئي جنهن کي ڏسندڙن پاران تمام گهڻو پسند ڪيو ويو بهترين اداڪاريءَ تي کيس ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن

ساڌو هيرانند

اڄ مشهور سماج سڌارڪ علم دوست ۽ انسانيت جي هڏ ڏوڪي انسان ساڌو هيرانند جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن 23 مارچ 1863ع تي حيدرآباد جي شري شوقيرام آڏوائيءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون هن ابتدائي تعليم مقامي اسڪولن مان حاصل ڪئي اعليٰ تعليم لاءِ کيس ڪلڪتي موڪليو ويو جتان 1883ع ڌاري بي اي جي سند حاصل ڪري حيدرآباد واپس موٽيو ڪلڪتي ۾ هن جي ملاقات ڪيشپ چندرسين، سوامي رام ڪرشن ۽ ٻين آدرشي انسانن سان ٿي جن هن جي زندگيءَ تي گهرا اثر ڇڏيا هڪ سرنديءَ واري خاندان جو فرد هجڻ باوجود هو سادگي پسند ۽ هميشه مسڪينن جو مددگار رهيو هو شاگرديءَ واري زماني ۾ سادا گيڙو ڪپڙا پائيندو هو ۽ پئسا بچائي غريبن جي ڀلي تي خرچ ڪندو هو حيدرآباد موٽڻ بعد هن سنڌيءَ ۾ "سنڌ سڌار" ۽ انگريزيءَ ۾ "سنڌ ٽائيمز" نالي اخبارون جاري ڪيون هن سرسوتي رسالو پڻ جاري ڪيو اڳتي هلي پنهنجي ڀاءُ سان گڏجي "ساڌو هيرانند نيول راءِ اڪيڊميءَ" جو بنياد رکيائين اها اڪيڊمي ان وقت حيدرآباد جي بهترين اسڪولن ۾ شمار ٿيندي هئي جنهن مان بيشمار شاگردن لاڀ پرايو جڏهن سنڌ ۾ ڪالرا جي وبا متهن ڪئي ته هن بيمارن جي سهائتا ۽ مريضن جي ٽهل ٽڪور لاءِ لاثاني خدمتون سرانجام ڏنيون هن ڪراچيءَ جي منگهوپير واري علائقي ۾ ڪوڙهه جي مريضن لاءِ هڪ اسپتال پڻ قائم ڪئي 1893ع ۾ هو پنهنجي ڌيءَ کي تعليم ڏيارڻ لاءِ هندستان جي شهر بانڪيپور روانو ٿيو اوچتو کيس تيز بخار ٿي ويو ۽ 14 جولاءِ 1893ع تي شام جو ڇهين وڳي سندس روح جو پکي پرواز ڪري ويو

استاد نظرمحمد چنا

نظرمحمد چنا جو جنم 1940ع ڌاري ڀٽ شريف ۾ ٿيو هو پنهنجي دور جو مشهور وڪيل هجڻ سان گڏ هڪ مشهور موسيقار پڻ هو هن مئٽرڪ تائين تعليم ڀٽ شريف مان حاصل ڪئي ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادوءَ مان پاس ڪيو هن بي اي جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي ۽ ايل ايل بي جي سند پڻ حاصل ڪيائين هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات وڪيل طور ڪئي پهريائين ڀٽ ۾ ۽ پوءِ دادوءَ ۾ وڪالت ڪيائين وڪالت سان گڏ هن کي موسيقيءَ ۽ راڳ رنگ سان گهڻي دلچسپي هئي راڳ جي باقائده سکيا استاد محمد صالح ساند کان ورتائين 1970ع واري ڏهاڪي ۾ هو پنهنجي تر ۾ هڪ سٺي گويي طور ڄاتو سڃاتو ويندو هو ۽ ماڻهو کيس خانصاحب يا استاد نظر محمد چنا سڏيندا هئا هن ڀٽ شريف ۾ هڪ ميوزڪ اڪيڊمي به قائم ڪئي جتي شاگردن کي موسيقيءَ جي سکيا ڏني ويندي هئي هن 14 جولاءِ 2002ع تي دادوءَ ۾ وفات ڪئي

PAKISTAN INFRASTRUCTURE DEVELOPMENT COMPANY LIMITED
MINISTRY OF HOUSING & WORKS
GOVERNMENT OF PAKISTAN

6TH, FLOOR, EXTENSION BLOCK, BAHRIA COMPLEX IV, GIZRI KARACHI

INVITATION OF TENDER THROUGH E-PADS

The Pakistan Infrastructure Development Company Limited (PIDCL), Ministry of Housing & Works Government of Pakistan, under the **Single Stage Single Envelope procurement method,** as defined in PPRA Rules 36(a) 2004 (as amended), bids are invited through the online E-PADS 2.0 platform. Firms having valid registration with the Pakistan Engineering Council (PEC) in appropriate category and specialized field under relevant codes, the Federal Board of Revenue (FBR), and the Sindh Revenue Board (SRB) Tax Authorities are eligible to submit bids for the following works, in accordance with the detailed Bills of Quantities (BOQs) and specifications provided in the tender documents.

Sr. No.	PSDP Schemes	BID SECURITY (Rs.)	ESTIMATECOST (Rs.)
01	Up gradation of 08 MGD TO 12 MGD Pretabad Water Treatment Plant at Pretabad, Taluka City Hyderabad. (Civil Works). **Contract Package: PIDCL/Sindh/PSDP/04/11**	12,650,000/-	325,499,030/-
02	Up gradation of 08 MGD TO 12 MGD Pretabad Water Treatment Plant at Pretabad, Taluka City Hyderabad. (Electrical, Mechanical & Allied Works). **Contract Package: PIDCL/Sindh/PSDP/04/12**	8,500,000/-	300,084,811/-
03	Providing & Fixing of Solar Lights at various streets & Solarization of schools & Colleges of Taluka City, Hyderabad. **Contract Package: PIDCL/Sindh/PSDP/04/13**	2,250,000/-	78,177,000/-
04	Providing and Laying Main (20" dia) Water Supply Line from Pretabad Filter Plant to its Commanding Areas including Hali Road & its Allied Roads, i/c HSR, LSR, Pumping Machinery & Allied Accessories. **Contract Package: PIDCL/Sindh/PSDP/04/14**	11,250,000/-	367,947,120/-
05	Construction/Up Gradation of Various Roads & Streets, Strom Water Drains, & Water Supply Lines of Taluka City, Hyderabad. **Contract Package: PIDCL/Sindh/PSDP/04/17**	6,000,000/-	158,760,724/-

Prospective bidders can obtain the bidding documents online from (https://eprocure.gov.pk/) by paying a non-refundable fee of Rs.5,000/- payable to **Pakistan Infrastructure Development Company Limited in shape of Pay Order / Call Deposit.**

Bidders are required to submit their bids electronically via the E-Pak Acquisition & Disposal System (E-PADS 2.0) using the upload function. The bid submission must be accompanied by a scanned copy of the tender fee, amounting to Rs. 5,000/- and scanned copy of Bid Security.

Furthermore, the original sealed tender fee and bid security documents are to be delivered in separate envelopes to the office of the **GM (F&A) / Chief Finance Officer, PIDCL, Bahria Complex-IV, 6th Floor extension Block Gizri, Karachi** prior to submission of Bid.

All bids must be submitted electronically through the E-PADS 2.0system; no alternative submission methods will be accepted. The bids submitted via E-PADS 2.0 will be opened in **Office of the GM Engineering, PIDCL, Bahria Complex IV, 6th Floor, Ext. Block Gizri, Karachi,** in the presence of the Procurement Committee and authorized representatives of participating firms who wish to attend.

Interested Bidders can obtain any further information / clarification from **Office of the concerned Manager Technical / Executive Engineer, PIDCL, Plot No.16 Carlton Hotel, near Cantt Station, Karachi, before bid submission time** Ten days prior to the deadline of Bid submission.

In case of any unforeseen situation resulting in closure of office on the date of opening or if Government declares Holiday the tenders shall be submitted / opened on the next working day at the same time & venue. Any conditional or un-accompanied of the bid security, tender will not be considered in the competition.

The procuring agency shall not be held liable for any online errors occurring during the submission or opening of bids, nor for technical issues experienced by bidders.

The procuring agency reserves the right to reject any bid, in accordance with the relevant provisions of PPRA & may cancel the bidding process at any time prior to the acceptance of bid or proposal, as stipulated in rule 33 of said rules.

Pre-Bid Meeting	23/07/2026 @ 11:00 AM
Deadline of Submission of Bids	31/07/2026 @ 10:00 AM
Date of Opening of Bids	31/07/2026 @ 11:00 AM

Office of The General Manager (Engineering)
Pakistan Infrastructure Development Company Limited (PIDCL)
Bahria Complex IV, 6th Floor, Ext. Block Gizri, Karachi.
Telephone: +92-21-35155101, Fax: +92-21-35155102
www.pidcl.com.pk ; info@pidcl.com.pk

URAAN PAKISTAN

PID K-146/26

گمبٽ ويجهو ٽي سال اڳ پريم پرڻو ڪندڙ نوجوان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل

حسين پاتو لنڪ ورڊ تي گهر جي ٻاهران بيٺل 27 ورهين جي آفتاب علي کي هٿياربند قتل ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪڻائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

مقتول نوجوان ٽي سال اڳ صائمه بروهي سان پيار جو پرڻو ڪيو هو شڪ آهي ڪيس ان جي مائٽن قتل ڪيو آهي: وارث

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪانوري) اڪري ٿاڻي جي حد ۾ حسين پاتو لنڪ ورڊ تي گهر جي ٻاهران بيٺل 27 سالا نوجوان آفتاب علي کي نامعلوم هٿيار فائرنگ ڪري ڌڪي تي قتل ڪري فرار ٿي ويا

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

پيٽ شاهه: صوبائي وزير ذوالفقار شاهه جي صدارت ۾ ٻڌائي جي عرس بابت گڏجاڻي ٿي رهيو آهي

ڪڙيو گهنور مان چور هوٽل مان سامان چوري ڪري ويا، متاثر جو واپسي لاءِ احتجاج

ڪڙيوگهنور(ن ع)ڪڙيوگهنور ۾ پورهيت چنو ڪولهي هوٽل واري جي هوٽل مان رات دير سان هڪ عدد بئٽري ۽ هڪ عدد انورٽر هوٽل جي ديوار ٽوڙي نامعلوم چور چوري ڪري ويا، جڏهن ته بازار ۾ چوڪيدار پڻ مقرر ٿيل آهي پر ان جي باوجود چوريون ٿي رهيون آهن جڏهن ته اهڙي واقعي جي ڪڙيوگهنور ٿاڻي تي رپورٽ پڻ داخل ڪرائي وئي آهي واضح رهي ته ڪجهه

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ ڳوٺاڻي پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ مور خان مٽاڻي واسي 40 ورهين جي عبدالرشيد انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڻائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

گمبٽ (ت.ر) ڪڇي جي محمود چنا ٿاڻي جي حد ڳوٺ مور خان مٽاڻي جو رهواسي گهر جي ٻاهران 40 ورهين جي عبدالرشيد مٽاڻي وڻ ۾ رومال ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو وارثن جي چوڻ موجب ڪجهه مهينا اڳ فوتي عبدالرشيد جي نوجوان پٽ به خودڪشي ڪئي هئي ان واقعي کانپوءِ فوتي عبدالرشيد مٽاڻي جو دماغي توازن سهي نه هو ۽ هن به خودڪشي ڪري ڇڏي آهي

حيدرآباد جي صحافي حاڪم لغاري جو بلڊر خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي سينئير صحافي دين محمد عرف حاڪم لغاري ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪندي ڏانهيو ته مون بلڊر شير محمد عرف ياسر ٻبر جي ٻن رهائشي اسڪيمن نيو ٻنهور سٽي ڦلو ۽

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪنگري پرسان گهٽي جي لنگهه تان جهيڙو، 4 عورتن سميت 12 ڄڻا زخمي

ڳوٺ متو ٻرڙي ۾ جهيڙي دوران زخمي نازين، دادن خاتون ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

گمبٽ (ت.ر) ڪنگري پرسان ڳوٺ متو خان ٻرڙي ۾ ٻن پاڙن ۾ گهٽي جي لنگهه تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ ڏنڊا ۽ سروٽا لڳڻ سبب نازين خاتون، دادن خاتون، مجهد خاتون، ساجن علي، سجڻ خان، محمد نواز، جميل احمد ٻرڙي سميت 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي فوري طور ڪنگري اسپتال منتقل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ زخمي ٿيل وڏو ڀاءُ ساجن ٻرڙي جو چوڻ آهي ته ننڍي ڀاءُ جميل احمد ٻرڙي ۽ ٻين گهٽي جي لنگهه تان گهر تي حملو ڪري امڙ ۽ ٻين گهرڀاتين کي زخمي ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو ته ٻاڻ حبيب الله ۽ اسد الله ٻرڙي اسان ڀائرن کي پاڻ ۾ ويڙهايو آهي جن خلاف ڪارروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي.

موري پوليس پاران جوابدار کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مورو (ن ع) مورو ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر علي اڪبر ڪوکر مورو شهر ۾ ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي چرس سميت گرفتار ڪري ورتو ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوکر جو چوڻ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سنجهورو ويجهو پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو، هڪ جوابدار ۽ هڪ اهلڪار زخمي

ڳجهي اطلاع تي ڇاپو هنيو ته جوابدارن جي فائرنگ ۾ اهلڪار محمد حسن هنگورو سخت زخمي ٿي پيو: پوليس

اطلاع تي ايس ايس پي وڌيڪ نفري سان ڪري مقابلي بعد ٻن جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

زخمين کي تعلقي اسپتال نيو ويو جتان اهلڪار کي نازڪ حالت ۾ نوابشاهه ريفر ڪيو ويو

سنجهورو (رپورٽ خادم حسين خاصخيلي) پوليس موجب جوابدارن جي موجودگي بابت مليل ڳجهي اطلاع تي سنجهورو پوليس علائقي ۾ ڪارروائي ڪئي پوليس پارٽي جيئن ئي مشڪوڪ هنڌ تي پهتي ته مبينا

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿيل نوجوان جو لاش ۽ فائيل فوٽو

ٽنڊو بولا خان ۾ پوليس جي کليل ڪچهري، شهرين شڪايتن جا ڍير لڳائي ڇڏيا

ڊي ايس پي نوري آباد ڪليم الله سومرو ۽ ڊي ايس پي کليل ڪچهري ڪري مسئلا معلوم ڪيا

ڪوهستان ۾ منشيات، فحاشي، اڪڙا جوئا سري عام هلي رهي پر پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي: عوام

ٿاڻيبولاخان (رپورٽ: شوڪت خاصخيلي) ايس ايس پي ڄامشورو محمد صديق چانڊيا جي هدايت تي ڊي ايس پي نوري آباد ڪليم الله سومرو پوليس اسٽيشن ٿاڻيبولاخان تي عوامي کلي ڪچهري رکي ويئي جنهن ڪچهري ۾ ڊي ايس پي نوري آباد ڪليم الله سومرو آڏو شهرين ۽ پسگردائي ڪان آيل ماڻهن کلي ڪچهري ۾ شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا جڏهن ته ان موقعي تي سماجي اڳواڻن طيب خاصخيلي، فهد خاصخيلي، فدا خاصخيلي، لياقت گبول سميت شهرين شڪايت ڪندي چيو چيو ته ڪوهستان ۾ منشيات، فحاشي جا اڪڙا جوئا سري عام هلي رهي پر پوليس خاموش تماشائي واري ڪردار ادا ڪري رهي آهي شهرين چيو ته بلوچستان رستي ڪان منشيات اچي ٿي جيڪا سجي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم ۾ ملاح برادري جو سيد بشير شاهه جي ميڊيا ٽرائل خلاف احتجاجي مظاهرو

بلڙي شاهه ڪريم (ن ع) بلڙي شاهه ڪريم سعيد خان لنڊ جي ڳوٺ عرس ملاح جي مردن عورتن ۽ ٻارڙن جو گل محمد ملاح نور محمد ملاح ۽ مسمات شيرين ملاح پاران سيد بشير احمد شاهه ۽ سيد پيرل شاهه جي ميڊيا ٽرائل ۽ مٽس بي بنياد الزام هڻندڙن علي غلام ملاح گل محمد ملاح ۽ علي محمد ملاح خلاف پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: پل جي مرمت نه ٿيڻ خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

گمبٽ لڳ کهاڙيڪار شهيد نسيم احمد ڪرل جي 48هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ لڳ ڪرل هائوس تي پي آءِ اي جي جنرل مينيجر ۽ برڪ زميندار دارا فيصل ڪرل جي رهائشگاهه تي سنڌ جي جڳ مشهور تاليواري کهاڙيڪار شهيد نسيم احمد ڪرل جي 48هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي ورسي تقريب جو اهتمام شهيد نسيم ڪرل جي فرزند دارا فيصل ڪرل ڪيو جنهن ۾ قرآن خواني ڪرائي وئي ۽ شهيد نسيم احمد ڪرل جي ادبي، سماجي ۽ قومي خدمتن کي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۽ ڀرپاسي ۾ تيز طوفان سان گڏ برسات، سولر پليٽون ۽ ڇتون اڏامي ويون

گمبٽ، ڪوٽ ڏيجي، ناري هنگورجا، رسول آباد، بچل ڀنڀرو ۽ ٻين علائقن ۾ بجلي جا ٿنڀا ڪرڻ سبب بجلي نظام درهم برهم

برسات سبب تيار بيٺل ڪيلن جي فصل کي پڻ وڏي نقصان جو خدشو، هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي بيهجي ويو

خيرپور(ڊ.ر)خيرپور جي علائقن گمبٽ، ڪوٽ ڏيجي، ناري هنگورجا، رسول آباد، بچل ڀنڀرو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ تيز طوفان سان گڏ موسلادار برسات ٿي برسات ۽ تيز هوائن سبب گهرن تي لڳل سولر پليٽون به اڏامي ويون برسات سبب بجلي جو ڳڇو بريڪ ڊائون ٿي ويو جڏهن ته ڪيترن هنڌن تي بجلي جا ٿنڀا ڪرڻ جون به اطلاعون مليون آهن تيار بيٺل ڪيلي جي فصل کي پڻ سخت نقصان پهتو آهي تفصيلن موجب گمبٽ، ڪوٽ ڏيجي، ناري هنگورجا، رسول آباد ۽ ٻين علائقن ۾ تيز طوفان سان گڏ برسات برسات سبب گمبٽ ۽ فقير آباد ۾ بجلي جا ٿنڀا ڪرڻ جون اطلاعون مليون آهن جڏهن ته گهرن تي لڳل سولر پليٽون به اڏامي ويون آهن گمبٽ شهر ۾ برسات سبب ٻن فوٽن تائين پاڻي بيهجي ويو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

هالا جي ديري شاخ مان پاڻي چوري خلاف پڇڙيءَ جي آبادگارن جو احتجاجي مظاهرو

آبادگارن سهيل نظاماڻي، لال بخش، علي نواز، مصري خان نظاماڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

منڊي جي بااثر ماڻهن پاران پاڻي جي غيرقانوني چوري سبب شاخ جي پڇڙي تائين پاڻي نه ٿو پهچي: مظاهرين

غيرقانوني پائپ ۽ ونجهيون هٽائي ذميوارن خلاف قانون مرجب ڪارروائي ڪري پاڻي ڏنو وڃي

هالا (ن ع) هالا جي ديري شاخ مان پاڻي چوري خلاف پڇڙيءَ جي آبادگارن جو احتجاج، غيرقانوني پائپن ۽ ونجهين کي هٽائڻ جو مطالبو هالا جي ڊارا مائيٽر مان نڪرندڙ ديري شاخ ۾ مبينا طور آبپاشي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

دڙو: پنجاري پل جنهن جي مرمت نه ٿي سگهي

لاڙڪاڻو ۾ مستحقن جي قسط مان ڪٽوتي ڪندڙ 7 ڊوائيز هولڊرن کي گرفتار

دڙي، ڏوڪري ۽ آريجا ٿاڻن جي پوليس ڇاپا هڻي روشن لغاري ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو: پوليس

گرفتار ٿيلن وٽان ڊوائين موبائيل فونن ۽ شناختي ڪارڊ هٿ ڪري جاچ ڪريون پيا

لاڙڪاڻو(بيوروورپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط مان غيرقانوني طور ڪٽوتي ڪندڙ 7 ڊوائيز هولڊرن کي گرفتار ڪري ڊوائين موبائيل فونون ۽ شناختي ڪارڊ هٿ هٿ ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو پوليس گرفتار ڊوائيس هولڊرن خلاف جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي دڙي، ڏوڪري ۽ آريجا ٿاڻن جي پوليس بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان غيرقانوني ڪٽوتي ڪندڙ 7 ڊوائيس هولڊرن روشن عرف ابوذر لغاري، سهيل ميراڻي نعيم پنگي عامر مصطفيٰ ابڙو امير علي عباسي شمس انڙ ۽ رياض

خيرپور ضلعي ۾ پوليو مهم دوران ڏورانهن علائقن ۾ ٽيمن کي گاڏين جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي: ڊي سي

خيرپور(ڊ.ر) ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ جي صدارت هيٺ ڊي سي آفيس جي سجل سرمست دربار هال ۾ 6 آگسٽ کان 13 آگسٽ 2026 تائين هلندڙ پوليو بوسٽر ڊوز مهم جي تيارين بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس کي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پيرڳوٺ ويجهو چٽن ڪٽڻ جي حملي ۾ پورهيت زخمي، اسپتال منتقل

خيرپور(ڊ.ر)صدرجي پڪيون پرسان ڳوٺ چاڃر ٻرڙي ۾ ڪن ڪٽڻ جي حملي ۾ پورهيت سخت زخمي، حالت ڳڻتي جوڳي پيرجوڳوٺ پرسان صدرجي پڪيون ڳوٺ چاڃر ٻرڙي جي رهواسي پورهيت عبدالحميد ٻرڙي تي ڪن ڪٽڻ اوچتو حملو ڪري ڏاڍهي سخت زخمي ڪري ڇڏيو عبدالحميد ٻرڙي پنهنجي فصل کي پاڻي ڏيڻ لاءِ وڃي رهيو هو ته رستي ۾

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

دولت پور صفن ۾ پورهيت جو تشدد ۽ ڦر خلاف احتجاج، انصاف جي اپيل

دولت پور صفن (ن ع) پورهيت جو مبينا تشدد ۽ ڦر خلاف احتجاج انصاف جي اپيل شاهپور جهانيان پرسان ڳوٺ سلمان سيلر جي رهواسي مسڪين پورهيت پرويز سيلر صحافين اڳيان سخت گرمي ۽ اُس ۾ احتجاج ڪندي الزام هنيو ته سندس ئي برادري سان واسطو رکندڙ عاظم ۽ ناظم سميت ڪجهه نوجوان ڳوٺ جو امن تباهه ڪري ماڻهن لاءِ جيئڻ جنجال بڻيل

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ سيپڪو جو آپريشن، غير قانوني لڳايل ڪيترائي ڪنيڪشن ڪاٽا

مورو (ن ع) مورو ۾ واپڊا سيپڪو جو آپريشن غير قانوني لڳايل بجلي جا ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا، ٽرانسفارمر کي محفوظ رکڻ لاءِ ميٽر لڳائڻ جو عمل تيز

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: سونو پتافي قبرستان تائين پڪو رستو تعمير نه ٿيڻ سبب رهواسي پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيڻ لاءِ رهواسين 364 هين هفتي به احتجاج جاري

باڊهه (ن ع) لاڙڪاڻي ضلعي جي قديمي ۽ تاريخي شهر باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيڻ لاءِ باڊهه تعلقه موومينٽ پاران جاري هفتيوار احتجاجي تحريڪ تحت 364 هين هفتي به موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ باڊهه ميڊيا هائوس کان ڪاٺون هال تائين احتجاجي ريلي ڪيي وئي، جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان وابسته شخصيتن علي انور عسڪري، اصغر نوناري، مولا بخش ڦليوٽو حيدر بخش بروهي، سارنگ اس غلام شبير حيدري، بخشل مڪسي نور محمد ساريو نصير پنهور حسن ڪلهوڙو محمد امين سيال طاهر نور هيسباڻي مور سنڌي، زاهد پناڻ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته باڊهه جا باشعور شهري گذريل ستن سالن کان بنا ڪنهن وقفي جي هر هفتي پُرامن احتجاج ڪري رهيا آهن پر افسوس جو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

پنگريو جي آرائين برادري پاران مرزا گروپ کي الوداع ڪري پ پ پ ۾ شموليت جو اعلان

پنگريو (ن ع)پنگريو پرسان ڳوٺ حاجي عبدالخالق آرائين ۾ آرائين برادري جي وڪيل رضا احمد آرائين عادل آرائين سميع الله آرائين برادري سميت ٽڪ جي ايم پي اي ارباب اميرامان الله جي موجودگي ۾ مرزا گروپ کي الوداع ڪري پ پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو انهي موقع تي شادي سب ڊويزن جي آبادگارن

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پ پ اڳواڻ شرميلا فاروقي منگهوپير ٽائون جو دورو ڪندي

حيدرآباد: ٻاچا خان چوڪ [illegible]

گهوٽڪي ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب پورهيت نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

سنڌ گرين هوٽل تي مزدوري ڪندڙ نوجوان مجيب احمد ڪلهوڙو کي ڪرنٽ لڳو

[illegible]

سيوهڻ ويجهو موٽر سائيڪل [illegible] نوجوان فوت

[illegible]

ڪراچي: پاڪ ملائيشيا بزنس ڪائونسل جو چيئرمين محمد بشيرجان محمد ملائشيا جي قونصل جنرل هرمن هرديناتا احمد کي الوداعي ملاقات دوران شيلڊ ڏئي رهيو آهي زبير طفيل ۽ وائس ڪونسل عزتون ناصيا مصطفيٰ پڻ موجود آهي

سيوهڻ ۾ سولنگي برادري جي ماڻهن جو بااثر جوابدارن جي ڏاڍاين خلاف مظاهرو

متاثر ڌر جي برڪت علي سولنگي، اشرف، رضا محمد، نذير، دودو سولنگي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جوابدار گهرن ۾ داخل ٿي همراهه کي زخمي ڪري ٽي مينهون، موٽر سائيڪل ۽ رقم کڻي ويا آهن: الزام

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ جي گل محمد شاهه پاڙي جي رهواسي سولنگي برادري جي متاثر ماڻهن ڪالهه نيشنل پريس ڪلب پهچي پنيرا برادري جي سرڪش جوابدارن جي ڏاڍاين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي متاثر ڌر جي برڪت علي سولنگي اشرف، رضا محمد، نديم دودو سولنگي ۽ ٻين الزام مڙهيندي چيو ته پنيرا برادري جي وچ ۾ اسان جو پراڻو تڪرار هلندڙ هو پر مخالف ڌر جي الهه بخش پنيرو، سائين بخش، ميان بخش، الله داد پنيرو ۽ ٻين سندن گهرن مٿان چڙهائي ڪري چادر ۽ چوڏيواري جو تقدس پائمال

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ فوڊ انتظاميا جو ڇاپو، 8 هزار ڪان وڌيڪ ڪٽڪ جون ٻوريون هٿ

عملي اي سي نعيم وسطڙو جي اڳواڻي ۾ شاهجهان چنا فلور مل تي ڇاپو هنيو

ڇاپي دوران ذخيرو ڪيل 8 هزار ڪان وڌيڪ ڪٽڪ جون ٻوريون هٿ ڪري مل کي سيل ڪيو ويو

مورو(ن ع) موروجي دادو روڊ تي شاهجهان چنا فلور مل تي فوڊ انتظاميه جو اسسٽنٽ ڪمشنر مورو سان گڏجي ڇاپو ذخيرو ڪيل 8 هزار کان وڌيڪ ڪٽڪ جون ٻوريون هٿ ڪري 400 ڪان وڌيڪ ٻوريون ڪٽڪ جو ڪڻائي سرڪاري فوڊ گدامن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيون ان ڪانپوءِ مل انتظاميه پاران گيٽ جي اندران دروازن کي تالا هڻي مل جا گيٽ بند ڪري فرار ٿي ويا. جنهن ڪانپوءِ فوڊ انسپيڪٽر مورو مبين انڙ پاران اسسٽنٽ ڪمشنر مورو نعيم وسطڙو کي اطلاع ڏنو ويو جنهن ڪانپوءِ آفيسرن پوليس سان گڏ پهچي مل جا در جو تالا ٽوڙائي گيٽ کولي مل جا اندران ۽ ٻاهرين دروازن کي سيل ڪري مل جي مين گيٽ تي ماڻهو ويهاري ڇڏيا آهن ياد رهي ته شاهجهان فلور مل جو پهريان تالو حنا فلور مل هيو جنهن جو مالڪ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پنوعاقل واسي ڳوپانگن جو بااثرن ۽ پوليس جي زيادتي خلاف احتجاج

ڳوٺ سومر خان ڳوپانگ واسين احسان ڳوپانگ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بااثرن مريم زال شاهنواز کي اغوا ڪري گم ڪيو آهي، پوليس جوابدار گرفتار نٿي ڪري

سکر (بيورو رپورٽ) پنوعاقل پرسان ڳوٺ سومر خان ڳوپانگ جي رهواسين ڳوپانگ برادري سان تعلق رکندڙ احسان ڳوپانگ ۽ شرف الدين ڳوپانگ پوليس ۽ مهيسر برادري جي بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين الزام هنيو ته چار مهينا اڳ مهيسر برادري سان تعلق رکندڙ بااثر ماڻهو جن ۾ مرتضيٰ مهيسر هوتي مهيسر شاهنواز مهيسر شفقت مهيسر رياض مهيسر ۽ ٻيا شامل آهن سندن گهر تي حملو ڪري مريم بي بي زال شاهنواز ڳوپانگ کي مبينا طور اغوا ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو هنن چيو ته واقعي بابت دادلو ٿاڻي تي شڪايت داخل ڪرائي وئي جنهن بعد پوليس شروعاتي طور ڪن جوابدارن کي گرفتار ڪيس پر بعد ۾ مبينا

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ماٽيلو: ضلعي ڪونسل جو اجلاس ٿي رهيو آهي

چونڊڪو جي ڀيل برادري جو ميڙاڪو، مسئلن جي حل لاءِ تنظيم جو اعلان

ڪٽ ۾ ائين تعلقن سان تعلق رکندڙ مارواڙي ڀيل برادري ڀرپور شرڪت ڪئي

برادري جي مسئلن جي حل لاءِ اتفاق راءِ سان هندو مارواڙي ڀيل برادري ويلفيئر جو بنياد وڌو ويو

چونڊڪو(رپورٽ منور علي پنهور) چونڊڪو ۾ هندو مارواڙي ڀيل برادريءَ جو ميڙاڪو مسئلن جي حل لاءِ ويلفيئر تنظيم قائم تنظيم سازي جو دائرو وسيع ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو اهڙو ميڙاڪو راڻا رام جي رهائش گاهه تي ڪوٺايو ويو جنهن ۾ خيرپور ضلعي جي ائين تعلقن سان تعلق رکندڙ مارواڙي ڀيل برادري ڀرپور شرڪت ڪئي جنهن ۾ اتفاق راءِ سان هندو مارواڙي ڀيل برادري ويلفيئر جو بنياد وڌو ويو تنظيم جو سرپرست اعلي ڊاڪٽر اجيت ڪمار، صدر انجنيئر مولچند، سينئر مکي نظير مل، نائب صدر خانو مل نائيڪ، جنرل سيڪريٽري متن ڪمار، جوائينٽ سيڪريٽري راجا مل، رابطه سيڪريٽري شبير مل، خزانچي ڀيسو مل، نائب خزانچي ارجن مل ۽ آفيس سيڪريٽري ڀڳوانداس چونڊيا ويا، ورڪنگ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

فائيلن ۾ بند ڪم تي نه پر عملي ڪم تي يقين رکي ٿو: محمد علي ملڪاڻي

عملدار منهنجي گائيڊ لائين تحت فرض ادا ڪندا ته جيئن عوام کي فائدو پهچي سگهي

ماڻ کاڌو ٺاهڻ يا ويڪسين بار ڪرو ڪانسا ڪنهن ۾ نه آندي وڃي: حيدرآباد دوري دوران ڳالهيون

حيدر آباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز محمد علي ملڪاڻي حيدر آباد ۾ اينيمل سائنس ڪمپليڪس ، پولٽري ڪرينگ سينٽر ، اينيمل بريڊنگ جي ڊائريڪٽوريٽ ۽ ڪولڊ اسٽوريج جو دورو هن عالمي بئنڪ جي سهڪار سان شروع ڪيل منصوبي DP S L A ۽ رويو کان علاوه CVDL ليب جو پڻ دورو ڪيو ان موقعي تي سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ڊائريڪٽر جنرل لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر حزب الله پٽو ، ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙو،ڊائريڪٽر جنرل فارمز ۽ ايڪسٽينشن ڊاڪٽر مبارڪ جتوئي، ڊائريڪٽر جنرل فشريز انلينڊ عبد اللطيف ڪورائي .

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

پشاور: آنلائن ڊرائونگ لائسنس تيار ڪيو پيو وڃي

ملي ۾ پوليس ڪانسٽيبل ڀرتي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن جو احتجاج

اميدوارن علي محمد نوهڙيو، سڪندر نوهڙيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

2024ع ميرٽ ذريعي ٽيسٽ پاس ڪئي پر اڃان تائين آفر آرڊر جاري نه ڪيو ويو آهي

ملي (ڊ.ر) پوليس ڪانسٽيبل ڀرتي جي 2024ع واري ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڦانگهاريو پوليس چيڪ پوسٽ وٽ مين روڊ تي ڌرڻو هنيو ۽ سخت احتجاج ڪيو. مظاهرين جو چوڻ هو ته اسان ميرٽ ذريعي ٽيسٽ پاس ڪري آيا آهيون ۽ لسٽ فائنل ٿي ويئي آهي پوءِ به آفر آرڊر نه ملڻ سراسر ناانصافي آهي. جڏهن ته احتجاج جي اڳواڻي علي محمد نوهڙيو سڪندر نوهڙيو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. جڏهن ته ڊي ايس پي ملي تابش علي شاهه ۽ ايس ايڇ او ملي عبدالسبحان ميمڻ ڌرڻي واري هنڌ پهچي اميدوارن سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو.

سکر پي ٽي آءِ جو اجلاس، قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر مسرور علي سيال جي صدارت هيٺ پي ٽي آءِ ضلعي سکر جي تنظيمي معاملن بابت هڪ اهم ۽ تفصيلي اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ پي ٽي آءِ سنڌ جي سينيئر نائب صدر مرتضيٰ ڏيپ صوبائي جوائنٽ سيڪريٽري فاروق ڪورائي ضلعي صدر سکر گوهر خان ڪوسو گل فرحان مهر جنيد قريشي، نعمان شيخ، نثار ابڙو اقرار ڪوسو دارا خان، شيرام ميمڻ الم شاهه معيز ڪمبوه، فرحان ملڪ عمير راجپوت، قاسم شيخ سميت ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي جنرل

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ملي ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ پاران سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ڪرپشن خلاف ريلي

مبينا ڪرپشن سبب ڪم ۾ غير معياري ۽ ناقص مٽيريل جي استعمال سبب پل هنڌان هنڌان ٽٽڻ لڳي آهي: رهواسي

پل جي وچ واري حصي ۾ ڪيترائي وڏا ڪڏا ۽ سوراخن سبب ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو خدشو آهي

اعليٰ عملدار معاملي جو نوٽيس وٺي جاچ ڪري ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري پل جي مرمت ڪئي ڪرائين

مظاهرين دسرت جهنجهل، ديال صحرائي، اوپايو جوڻيجو، نمرو ڀيل، پرديپ گلاب ۽ ٻين اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ايس پي ايس سي جي ڪرپشن ۽ ميرٽ ۾ اقربا پروري ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو حصو پڻ شامل آهي: مظاهرين

پبلڪ سروس ڪميشن ۽ ميرٽ جي لتاڙ ۽ بي انصافين کي جلد بند ڪيو وڃي، شاگردن مان بي چيني ختم ڪئي وڃي

[illegible]

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

[illegible]

پيريارو پرسان سولنگي ۽ شر برادري جي وچ ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي

گوٺ فتح محمد پنجابي پرسان زمين جي معاملي تان ٽڪرن ۾ جهيڙو ٿي پيو

زخمي صوبدار، شعبان ۽ ڪاجي خان سولنگي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

پيرياسٽي (ن ع) پيريارو پرسان زمين جي تڪرار تان ڳوٺ فتح محمد پيلاواه پرسان سولنگي ۽ شر برادري جو جهيڙو جهيڙي سبب سولنگي برادري مٿان حملي ۾ 3 ڄڻا سخت زخمي اسپتال داخل.پيريارو پيلاوه ڳوٺ فتح محمد پنجابي پرسان زمين جي معاملي تان شر ۽ سولنگي ۾ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿيون ڪهاڙيون لڳڻ سبب سولنگي برادري جا 3 ڄڻا صوبدار سولنگي ،شعبان سولنگي ۽ ڪاجي خان سولنگي ٿيون ڪهاڙيون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيا .جن کي پيرياسٽي اسپتال داخل ڪرايو ويو جڏهن ته ان سلسلي ۾ زخمي ڌر جي معاشرن ٻڌايو ته اسان ديهه سونڊڻ ۾ سالن ڪان وٺي ويٺل آهيون پندرنهن ڪان ريهه گهر آهن شر برادري جي لياقت شر ،حاڪم شر ،ممتاز شر،عباس

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ ٻه ڏينهن اڳ نافرمان پٽن هٿان بيدردي سان قتل رٽائرڊ فوجي جو ڪيس 4 ڄڻن تي داخل

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ لڳ به ڏينهن اڳ ڳوٺ نهال خان سولنگي ۾ نافرمان پٽن هٿان بيدردي سان قتل ٿي ويل رٽائرڊ فوجي واحد بخش سولنگي جي ڀاءُ محمد عثمان سولنگي جي فرياد تي هنگورجا ٿاڻي تي ٽين نافرمان پٽن سميت چئين ڄڻن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته اڃا تائين ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي .

ڪراچي ۾ گهر تي هٿياربند ڌاڙيلن جو ڌاڙو، ڪاهه، ڀاتي يرغمال، ڪروڙين روپين جو سون، رقم ۽ ٻيو سامان ڦر

گلاب ۾ هٿياربند ڌاڙيلن شهري ڌرم داس ڪرپلاڻي جي گهر ۾ داخل ٿي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻايو

جوابدار ڪروڙين روپين جي ماليت جو سون، روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا

واقعي جو اطلاع ڏيڻ باوجود حد جو ايس ايڇ او يا ڪو به اعليٰ پوليس آفيسر واقعي واري هنڌ نه پهتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلاب ۾ هٿياربند ڌاڙيلن هڪ شهري جي گهر ۾ داخل ٿي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي ڪروڙين روپين جي ماليت جو سون، روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا. معاشر

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ سنڌ جي ڪلاسيڪل وڏيري شاهنواز جوڻيجو جي 21 هين ورسي اڄ ملهائي ويندي، تياريون مڪمل

ٽنڊوآدم (ن ع) اڳوڻي مملڪتي وزير . فيصلن جي امين . سنڌ جي ڪلاسيڪل وڏيري مرحوم

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

مٽياري ۾ معذورن جو ڪوٽا ۾ نظرانداز خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين وسيم احمد سولنگي، سڪيلڊو انڙ سهيل مير جت ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ضلعي ۾ نوڪرين حقيقي معذورن کي ڏيڻ بجاءِ من پسند ماڻهن کي ڏنيون پيون وڃن

مٽياري (ڊ ر)مٽياري ضلعي جي معذور ڪوٽا ۾ نظرانداز ٿيڻ خلاف معذور نوجوانن پاران سٽي پريس ڪلب مٽياري تي احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين وسيم احمد سولنگي، سڪيلڊو انڙ سهيل مير جت، ساوڻ راهو ساجد احمد ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا آڏو داهيندي چيو ته اسين 2015 کان وٺي معذور ڪوٽا تحت نظرانداز ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهيون ان سلسلي ۾ اسان مٽياري، هالا، سعيد آباد اڏيرو اسٽيشن سميت حيدرآباد ۽ ڪراچي جي پريس ڪلبن تي پڻ احتجاج ڪيا آهن جڏهن ته منسٽرن جي درن جا ڌڪا پڻ کاڌا پر اسان جي ڪير به نٿو ٻڌي مٽياري ضلعي ۾ ڪيترائي ڊپٽي ڪمشنر آيا بدلي ٿي ويا پر اسان جي ڪنهن به نه ٻڌي ملڪ جي آئين تحت معذورن لاءِ پنج سيڪڙو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ملي: اميدوار نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

حيدرآباد جي صحافي منور اوٽريون جو نوابشاهه ڊرائيونگ لائسنس برانچ عملي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي صحافي منور اوٽريون ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته هو پنهنجي پاڪٽي سهيل احمد جو لرنر لائسنس ملڻ ڪانپوءِ آيل ٽي وي ٽيهرائڻ لاءِ ڊرائيونگ لائسنس برانچ نوابشاهه ويو جتي ڊي ايس پي ڊرائيونگ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو ۾ پورهيت جو چوري ٿي ويل موٽر سائيڪل جي رڪوري لاءِ احتجاجي مظاهرو

ميرپور ماٿيلو(ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ گل محمد ڪوراٽي جي رهواسي پورهيت غلام حيدر ڪوراٽي ميرپور ماٿيلو ميڊيا آفيس پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته منهنجي گهر جو گذر سفر موٽر سائيڪل تي هيو ڪجهه ڏينهن پهرياڙ ٻني تي بيٺل هيس ته نامعلوم چور موٽر سائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا آهن جنهن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ شاخ ۾ وهنجندي نوجوان ٻڏي فوت، گهر ۾ ماتم

ڳوٺ ڪمن خان سهتو واسي 16 ورهين جو سيد سلطان شاهه نولڪي شاخ ۾ ٻڏي ويو

اطلاع تي ڳوٺاڻن ۽ وارثن پهچي نوجوان جو لاش ڪڍي گهر آندو ته ڪهرام مچي ويو

گمبٽ (ت.ر)گمبٽ لڳ نولڪي شاخ ۾ وهنجڻ دوران 16 ورهين جو نوجوان ٻڏي فوت، گهر ۾ ماتم علائقي ۾ سوڳ جي لهر پوسي سمي جي ڳوٺ ڪمن خان سهتو جو رهواسي 16 ورهين جو نوجوان سيد سلطان شاهه ولد سيد شهنشاهه وهنجڻ دوران نولڪي شاخ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو مقامي ذريعن موجب نوجوان معمول موجب وهنجڻ لاءِ شاخ ۾ لٿو جتي پاڻي جي گهراين ۾ هليو وڃڻ سبب ٻڏي ويو.واقعي جي اطلاع تي ڳوٺاڻا ۽ وارث وڏي انگ ۾ پهچي نوجوان جي ڳولا شروع ڪئي ڪجهه دير جي ڪوشش ڪان پوءِ نوجوان جو لاش پاڻي مان ڪڍيو ويو لاش گهر پهچندي ئي گهر ۾ ماتم مچي ويو جڏهن ته ماءُ پيءُ ۽ ٻين وارثن جون دانهون ۽ روڄ راڙو ڏسي هر اک آلي ٿي وئي علائقي ۾ پڻ نوجوان جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

دڙو جي پنجاري ڪئينال مٿان ڪروڙين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيل پل ٽٽڻ لڳي

مبينا ڪرپشن سبب ڪم ۾ غير معياري ۽ ناقص مٽيريل جي استعمال سبب پل هنڌان هنڌان ٽٽڻ لڳي آهي: رهواسي

پل جي وچ واري حصي ۾ ڪيترائي وڏا ڪڏا ۽ سوراخن سبب ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو خدشو آهي

اعليٰ عملدار معاملي جو نوٽيس وٺي جاچ ڪري ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري پل جي مرمت ڪئي ڪرائين

دڙو (رپورٽ: اعجاز اختر ميمڻ) دڙو جي پنجاري ڪئينال مٿان تعمير ٿيل پل انتهائي خطرناڪ صورت اختيار ڪري وئي آهي. تازو ڪروڙين روپين جي لاڳت سان پل جي ڇت تعمير ڪرائي وئي، پر مبينا

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

جوابدار کي پوليس پنهنجي حراست ۾ وٺي وڃي رهي آهي

سکر جي عدالت نينگري سان زيادتي ڪيس ۾ نامزد جوابدار جي ضمانت رد ڪري ڇڏي، گرفتار

سکر(بيورو رپورٽ) سکر سبزي منڊي واري علائقي ڪارو نارو جي رهواسي نينگري عليزه سان زيادتي ڪيس ۾ نامزد جوابدار جي عدالت ضمانت رد ڪري ڇڏي، جوابدار کي جوڊيشل لاڪپ ڪيو ويو.ان سلسلي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ جسٽس ذوالفقار علي سانگي جي سنگل بئنچ سبزي منڊي سکر لڳ ڪارو نارو واسي نوجوان محمد جعفري طرفان ضمانت لاءِ

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ماسٽر پلان حوالي سان اجلاس، اسٽيڪ هولڊرن مشورا ڏنا

اجلاس ۾ ڊي سي، عارف خان مهر، ذوالفقار ڪمارپو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سنڌ حڪومت 17 وڏن سيڪنڊري شهرن لاءِ جامع ڊولپمينٽ ماسٽر پلان تيار ڪيا آهن: ڊي سي

شڪارپور (ڊ ر)ڊائريڪٽوريٽ آف اربن اينڊ ريجنل پاليسي اينڊ اسٽريٽجڪ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ، حڪومت سنڌ پاران شڪارپور ڪائون جي ماسٽر پلان جي حوالي سان شڪارپور جي عوامي نمائندن سان هڪ مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو ويو. جنهن جو مقصد اهم اسٽيڪ هولڊرن کي شامل ڪرڻ ۽ ڳالهين جو سلسلو جاري رکڻ هو اجلاس جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو ڪئي، ايم پي اي محمد عارف خان مهر ضلعي ڪائونسل شڪارپور جي چيئرمين سردار ذوالفقار خان ڪمارپو ضلعي جي لاڳاپيل ڪاتن جي نمائندن سول سوسائٽي ۽ معزز شهرين اجلاس ۾ شرڪت ڪئي.اربن اينڊ ريجنل پاليسي اينڊ اسٽريٽجڪ پلاننگ جي ڊائريڪٽر (پلاننگ) ذوالفقار علي ڪمبهر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

شڪارپور:ڊائريڪٽوريٽ آف اربن اينڊ ريجنل پاليسي اينڊ اسٽريٽجڪ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ جو اجلاس ٿي رهيو آهي

سکر ۾ عوامي تحريڪ پاران پروفيسر ابراهيم سارنگ جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو، لفظن ڀيٽا پيش

سکر(بيورو رپورٽ) عوامي تحريڪ سکر جي انتظام هيٺ ممتاز اديب، دانشور عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ۽ علم دوست شخصيت مرحوم پروفيسر ابراهيم سارنگ جي ياد ۾ سکر پريس ڪلب جي هال ۾ هڪ باوقار تعزيتي ۽ اعزازي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب عوامي تحريڪ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سجاول ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز کي بي پي ايڇ آءِ ۾ ضم ڪرڻ خلاف مظاهرو

مظاهرين ڪنيز بتول خواجه، فاطمه سوهو، سلمه پان، رضيه سمون ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ليڊي هيلٿ ورڪرز کي بي پي ايڇ آءِ ۾ ضم ڪرڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي

سجاول (رپورٽ هدايت کٽي) آل سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪرز اينڊ ايمپلائيز يونين جي مرڪزي اڳواڻ حليمان لغاري جي سڏ تي سڄي سنڌ جيان سجاول ۾ پڻ ليڊي هيلٿ ورڪرز کي بي پي ايڇ آءِ ۾ ضم ڪرڻ واري تجويز خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي حڪومت خلاف نعريبازي ڪئي ۽ تجويز ڪيل فيصلي کي فوري طور واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو.احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ضلعي صدر ڪنيز بتول خواجه، فاطمه سوهو سلمه پان ۽ رضيه سمون ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ليڊي هيلٿ ورڪرز 1994ع کان ملڪ جي بنيادي صحت واري نظام جو

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي واسي عورت بااثر ڀاءُ جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيوروورپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي علي ڳوهر آباد پاڙي جي رهواسڻ عورت بااثر ڀاءُ جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ عورت رضيه زال رياض

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪوئيٽه: هڪ ڪاريگر ڪاٺ جا دروازا ڏاهي رهيو آهي

خيرپور ۾ بوزدار وڏا واسين جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ امداد علي ملاح واسي مسمات حليمان، حسنا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بااثر اسان جي نياڻي کي حراسان ڪري رهيو آهي، تحفظ ۽ انصاف ڏنو وڃي: مظاهرين

خيرپور(ڊ.ر) خيرپور پرسان بوزدار وڏا ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ امداد علي ملاح جي رهواسي مرد عورتن ٻارڙن پاران بااثرن مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي ضمير حسين ملاح، مسمات ريما ملاح، مسمات حليمان، حسينا خاتون مسمات موبل ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ٻڌايو ته بااثر جوابدار اسان جي نياڻي کي مبينا طور حراسان ۽ تنگ ڪري رهيو آهي ۽ جوابدار سندن مردن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر لڳ سونو پتافي قبرستان تائين پڪو رستو تعمير نه ٿيڻ سبب رهواسي پريشان، نوٽيس جو مطالبو

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر پرسان ماڇڪ پتافي ويجهو واقع سونو پتافي قبرستان ڏانهن اڄ تائين پڪو رستو تعمير نه ٿيڻ سبب علائقي واسين کي سخت تڪليفن ۽ پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. قبرستان تائين ويندڙ واحد رستو سالن کان ڪچو هجڻ ڪري خاص طور برساتي موسم ۾ گپ، پاڻي ۽ دلدل ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، جنهن سبب جنازا قبرستان

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

چونڊڪو رهواسي ڊاڪٽر آڪاش ڪراچي ۾ ڦر مزاحمت تان قتل، علائقي ۾ سوڳ

گمبٽ (ن ع) چونڊڪو شهر جو رهواسي ڊاڪٽر آڪاش ڪراچي جي ڪلفٽن واري علائقي ۾ هڪ بينڪ مان پيسا ڪڍي بي بينڪ ۾ جمع ڪرائڻ وڃي رهيو هو ته بينڪ ٻاهران ڦورن سندن ڪار کي اڳ ڏئي ورتو ۽ ڪاتڻ وڏي رقم ڦر ڪئي ۽ مزاحمت ڪرڻ تي فائرنگ ڪري ڊاڪٽر آڪاش کي قتل ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽر آڪاش بحريه يونيورسٽي، ڪراچي جو

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ نوجوان اٺن جو ڌڻ وٺي وڃي رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.